واسنا جو واسينگ



وينا شرنگي

ارپيان ٿي

هند ۾ سنڌ جي اُنهن سُگهڙ ، ڏاهين
سنڌي پيئرن ۽ مائرن کي جن
مشڪلاتن جي باوجود پنهنجي ڏات ،
ڏاتو ۽ سوچ سان جاتيءَ جو منهن
مٿاهون ڪيو آهي .

وينا شرنگي

Vasana Jo Vaseeng

(Short Stories)

VEENA SHRINGI

First Edition : 1996

Cover Design :
Rasheed Choudhry

Copies : **500**

Price : **Rs. 55/-**

Published by :
VEENA SHRINGI
C-84, Inderpuri
New Delhi - 110012

Printed by :
Kaushal Printing Press
3 Dayanand Market,
Kaisher Ganj, AJMER (Raj.) 305001
☎ 32767 (P), 424409 (R)

Published with partial financial assistence of
SINDHI ACADEMY DELHI

فهرست

1. غيرت - بي غيرت — 1
2. ٻڌاو ر — 12
3. واسنا جو واسينگ — 16
4. بدلو — 22
5. پٽ سؤ چٽو پيسو — 30
6. پڇتاءُ — 34
7. ڏاهيون ڏکَ سهن — 41
8. وارث - لاوارث — 47
9. آءُ اهائي مارئي — 52
10. آهه غريبان قهر خدائي — 55
11. رن ذاتيو رهندو — 61
12. سزا — 69
13. ڏنڊ — 74
14. بهشت جي بهار — 84
15. ريکا جي ريکا — 88

وڻ جي ڇانو

مان ،
گھاٽي وڻ جي ،
ڇانو آهيان .
هر راهي ،
رهگذر لاءِ ،
راحت آهيان .
پوءِ ٻه ،
هر ڪنهن ،
ڇوُڏا لاٿا آهن .

ويھا

تارا ميرچندائي ۽ ٻين. ۽ ٻڙ وينا شرنگي جنهن جو آهي هيءُ ڪهاڻين جو نئون گلدستو. اڳ ۾ هن ٻيڻ ٻيت ڪيا هئا ۽ ڪهاڻين جا مجموعا ”زندگي هڪ ناٽڪ“ ۽ ”اڌ ڪلاڪيل اڪيون“ جي ٻه پڙهندڙن کي پسند پيا هئا.

استريون سنسار جي جيون ۽ ادبيت ناٽڪ کي ڪيئن ٿيون ڏسن، پسن، اُن ۾ پاڇو وٺن، اُنهن جي دلين جا نازڪ جذبا، پيار، ويچار، اُنهن جو وهنوار، اُنهن جو ذڪر، جيڪو هو پاڻ ڪري سگهن ٿيون ۽ اُنهن جو درشن جيڪو ٻين کي ڪرائي سگهن ٿيون، اُنجو پتو پوي ٿو سندن رچنائن مان. اها آهي سندن سنڌي ساهتيه ۾ سوغات ڏنل رچنائن جي خاص خوبي، اهميت ۽ اِن خيال کان آهي وينا شرنگي جي هن ڪهاڻين جي گلدستي جي خاص اهميت ۽ خوبي، ڇو ته اُن ۾ پوتل آهن گهڻي ڀاڱي استري ڪردار. ڪهاڻين جي هن ڳٽڪي ”واسنا جي واسينگم“ جي نالي سان سڏيو ويو آهي.

”واسنا جي واسينگم“ جي ڪردار درگا ديپڪ مان گرڀوتي ٿي، ساهرن ۽ پيڪن مان ڌڪجي، ٻار کي يتيم خاني موڪلي، لوڪ لڄا کان آجي ٿيڻ لاءِ چورائي ٿي ته وئس ديوي ٿي اچي ۽ پاڻ سنسار سان لاڳاپا ٽوڙي رهڻ ٿي چاهي، مگر ٻار لاءِ ممتا کيس ستائيندي ٿي رهي، مگر دليپ کي پرشن جو جوڙيل سماج ڪو به ڏنڊ نٿو ڏي.

”ڌيڙ“ ڪهاڻي ڌڪاري ٿي ۽ ٻڙ ”واسنا جي واسينگم“ واري ڪهاڻي ته استريون خود پاڻ ٻه جوابدار آهن، اڄ ڪلهه جي زماني ۾ عيش عشرت جي بي لغام حياتي گذاري پنهنجي لاءِ مصيبت پاڻ ڳنهي ٿيون وٺن.

”غيرت بي غيرت“ جي نالي واري ڪهاڻي ۾ نشا جا استرين جي ڪانفرنس ۾ سندن حقن جي طلب ڪري رهي آهي ۽ ان

مهاڳ

انيڪتا ۾ ايڪتا، ڀارت جي اوچ سنسڪرتي، سڀيتا جي خاص خوبي آهي. ڀارت جي گلستان ۾، جي طرح طرح جا گل پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائي رهيا آهن، تن ۾ هڪ سڳنڌي گل **سنڌي** به شامل آهي. جنهن مان موهن جي دڙي جي پراچين سڀيتا جي سرهاڻ اڄ به نڪري پکڙي رهي آهي. ڀارت جي مٺين ٻولين جي مڌر گيت ۾ پڻ شامل آهي. ٻين ڀاشائن سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جو سنڌر سر ۽ ٻين ٻولين جيان سنڌي سنسڪرتي ۽ سڀيتا جي ڄاڻ ۽ پرچاءَ لاءِ آئينو ۽ آرسي آهي، **سنڌي ساهتيه** جنهن ۾ اچي ٿا وچن سڀئي ڀاڱا - مضمون، ليک، ناٽڪ، ناول، گيت، ڪويتائون ۽ ڪهاڻيون. ۽ جيئن ٻين ڀارتي ڀاشائن ۾ تيئن پڻ سڄوري سنڌي ڀاشا ۾ اڄوڪي زماني ۾ هڪ خاص جڳهه والاري ٿي، هڪ خاص مان پائي ٿي **سنڌي ڪهاڻي**، جو نه ٻين ٻولين جي ڪهاڻين جيان اها ترت ۽ تز درشن ڪرائي ٿي. **سنڌي جيون جو** - سنڌين جا رواج ۽ رهڻيون، مسئلا ۽ مشڪلاتون، خوبيون ۽ خاميون، اصول ۽ خاصيتون، آدرش ۽ گهٽتايون، انهن جي جيون ۾ جيت ۽ هار، انهن جا سوچ ۽ ويچار، انهن جا سپنا ۽ وهنوار، اهي سڀ سنڌي ڪهاڻيڪار هڪ هوشيار ڪلاڪار وانگر نکاري ٿو، چٽي ٿو، چمڪائي ٿو. سنڌي ڪردارن جي ڏوارا سندن هلت چلت، گفتار ۽ وهنوار ۾ ۽ ٻين ڀارتي ڀاشائن جيان سنڌي ساهتيه جي سنسار ۾ ۽ خاص ڪهاڻين جي ڀاڱي ۾ اڄ ڪلهه چڱو، سٺو، ڀلو ڀاڱو ورتو آهي. پڻ اسانجي سنڌي ڀيڻرن، جن ساهتيه ۾ پنهنجي رچنائن سان انيڪي سينگاريو ۽ سنواريو آهي، اُن ۾ سٺي ڀيٽ ڪئي آهي. جيئن نه سنڌري اتمچنداڻي، پوپٽي هيرانندداڻي، ڪلا پرڪاش،

ي شادي ڪرائي. ڪاليج ۾ جوان جوانڙين ڪهڙي نموني ٿا
ڪ ٻئي کي چاهين ٿا ۽ انهن جو احوال دلچسپ نموني هن
ڪهاڻي ۾ ليکڪا ڪوتا ۽ شعراڻي ٻولي ۾ پيش ڪيو آهي.

”ڏاهيون ڏک سهن“ ۾ ڪونج، هاريءَ جي پڙهيل
يءَ ۽ فراخدل عادل جي وچ ۾ پيار جي پل هوندي به امري ۽
ٻيءَ جي ڪاهي آهي ۽ عادل جي ماءُ سندس شادي هڪ
وان گهر ۾ ڪري، پٽ جي حياتي زهر ڪري، پوءِ پڇتائي
ونج وقت تي اچي پر اُن ۾ ڪونج ڇا ٿي ڪري سگهي؟ سچ
هن ڪهاڻين جي ڳنڍڪي ۾ ليکڪا استرين جي جيون جي
يئين حقيقت پڌري بيان ڪئي آهي:—

”زهر جن جي زندگي، ڏک جن جو ڏاج
سي ڪيئن سهن سماج، جن جي سنگت سورن سين.“

عورت ذات جي عذابن جو احوال شاهه جي شعرن جي
ڪن ۾ جيڪر هيئن چئجي:—

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري
لڳي ماٺ مرن کي، ڏونگر پون ڏري.“

”آه غريبان، قهر خدائي“ جي پرميشوري
رش ماءُ ۽ سس هوندي، ننهن ديالي وٽان ڏک ٿي ڏک ٿي
ي ۽ آخر ۾ ديالي کي ايهور جي اڻ ٽر قاعدي موجب انهن
ساب ڏيڻو پوي ٿو. استري ئي خود استريءَ جي وڏي دشمن
ي. ڪٿي سس ٿي، ڪٿي ننهن، ڪٿي پنهنجي بدافعالن
ري، پر گهڻا ئي دفعا پنگتي ڪرسمن ڪري ۽ پڻ مردن جي
مي سماج ۽ اتياچارن ڪري استري سورن جي گهاڻي ۾
جي ٿي.

”اُڏون اُڏائي مارئي“ ۾ ليکڪا سيتا ۽ دروپدي
پڻ مارئي جا مثال ڏئي عورت ذات جي لاءِ هڪجهڙائي

بابت جو ڪجهه ذڪر، فخر سان ڪري رهي آهي، اها ٽولي وارا خوفناڪ ٺهڪ رحيما ۽ ساوتريءَ جا پڌري عجب ۾ پئوي ٿي ۽ سندن واتان استرين سان اچا ٻه ٿيندڙ اتياچار جا دل ڏاريندڙ احوال، تن جي سربستي ٽوار پخ سٽي ٿي ۽ انهنڪي پاڻڪن ايمان اثرائتي دل آتار يندڙ نموني پيش ڪرڻ ئي هن ڪهاڻين جي ڇنڪي جو ليکڪا وٽا شرنگي جي ويچار ۾ مکيه مقصد آهي. جنهن ۾ پڙهندڙن کي معلوم ٿيندو ته هوءَ ڪجهه ڪامياب وئي آهي جو ڪهاڻين جي استري ڪردارن جي دواران ليکڪا سندن مشڪلاتن، مصيبتن جو پلي پٽ عڪس چٽي سگهي آهي ۽ اُن لاءِ ضروري همدردي پيدا ڪري انهن سان ٿيندڙ بي انصافي لاءِ بغاوت ڪرڻ لاءِ اڇا ۽ شڪتي پيدا ڪري سگهي آهي. نه فقط استرين ۾ پر پڻ سڀني پنگت ۾ ڇو ته ان بنا سڌارو ممڪن ناهي ۽ هي وقت آهي جو استرين سان ناحق ٿيڻ جي ته پڇاڙي ٿئي ۽ کين هڪجهڙائي جا حق حاصل ٿين ڇو ته ان ۾ ئي انسان ذات جو فائدو ۽ سرشٽيءَ جي اُنتي جو امڪان آهي.

” بدلو “ جي ريشما، ساهيڙي ورشا جي صلاح نه مڃي پنهنجي بداخلاق مڙس جي ظلم جو بدلو بيوقوفي ڪري پاڻ کان ۽ پنهنجي معصوم ٻاول ذيءَ کان جوش ۾ اچي آپگهات ڪرڻ سان ٿي وٺي.

” بختاور “ جي ڪهاڻي درد ناڪ آهي جو بدبختي سان سندس خاوند شمشير جو خون ٿي وڃي ٿو ۽ هوءَ شاديءَ بعد خوشيءَ کان وانجهي وڌوا ٿي وڃي ٿي. پر خاوند لاءِ سڪ نه ڀلائي آخر اُن سان مرندي ملي وڃي ٿي. بختاور جي دل جون آشائون ۽ اُنما شاديءَ بابت پلي پٽ بيان ڪيا ويا آهن.

ريکا جي ريکا ۾ وڏاڻا، روپا ۽ انيل جن جي وچ ۾ جو ڪاليج ۾ پيار آهي، تن کي جدا ڪري انيل کي ريکا سان

هيرانندائي ٻيائي هڪ برجستي، بردبار، همٿ ڀري، سومان
سنڌ، نهرو ۽ بي ٻي، مردن سان ڀيٽي ڪاڻ واري نوجوان ناري
آهي جا پڻ ڏهاڙي ۾ ”مارئي“ سنسٿا جي سنچالڪا آهي ۽
همت، محبت ۽ نزاڪت سان هلائڻ ۾ ڪامياب وئي رهي
آهي. ڀيڻ پوپٽي هيرانندائي، جو ميران ڪاليج ۾ پروفيسر ٿي
رهڻ ۽ انکي ليکڪا ٻڻجڻ لاءِ همٿ ڏيڻ جو شرف سنڌس چوڻ
موجب مونکي حاصل آهي ۽ ان لاءِ مونکي فخر پڻ آهي.
ساڳئي نموني ڀيڻ وينا شرنگي کي آڪاشوائي جي ڪارين لاءِ
سنڌس عهدي تي چونڊڻ لاءِ مونکي فخر آهي جو ته ان ڪارين
۾ هوءَ نه رڳو ڪامياب ٿي آهي مگر هڪ ليکڪا جي روپ ۾
به اڳري اسري سگهي آهي. اها ايشور جي ئي ڪرپا آهي جو هوءَ
سنڌي ساهتيہ کي سٺو ڪجهه ڏيئي رهي آهي نه فقط ڪهاڻين
مگر ناولن ۽ ٻين رچنائن جي روپ ۾ پڻ.

جيئن ڀيڻ وينا پاڻ لکيو آهي، جڏهن سنڌس آندر جي
ويٿا وڌندي آهي، تڏهن ئي سنڌس ڪهاڻي يا ٻي ڪا
سٺي رچنا جنم وٺندي آهي ۽ پاٺڪن جي دلين کي ڇهندي
آهي. وينا جي لکڻيءَ ۾ هڪ عجيب رواني آهي. اها هڪ
جهرڻي وانگر سڀاويڪ طور ڪل ڪل ڪندي وهندي ويندي
آهي يا برسات وانگر رم جهم ڪندي. ۽ سنڌس ٻولي سپڪ،
سوادي ۽ سليس آهي ۽ ان ۾ ڀاڪا پاڻهي پورن هنڌ ٻيهي
انکي وڻندڙ ۽ دلپسند پرڀاو ڪندا آهن. شاهه ۽ ٻين ڪوين
جي ڪلامن مان موافق سٽون مٽڪي، مرڪي اچي انکي
رونق بخشينديون آهن ۽ پاٺڪن جون دليون شاد ڪنديون
آهن. انهن جا مثال ڪجهه هن ڪتابڙي ۾ پوئل ڪهاڻين ۾ ٻ—
پاٺڪن کي ملندا. جيئن ته ريکا جي ريکا ۾ هن طرح —

جي حصن جي ضروري ۽ زوردار طلب ڪري ٿي.
"وارث لاوارث" ڪهاڻيءَ جي مٺڙي ٻالڪي مٺو
هڪ وڻندڙ، دل لڀائيندڙ، دل ڇڪيندڙ ڪردار جو موهيندڙ چٽر
ليکڪا واهه جو چٽيو آهي جو دل ڇهندڙ ۽ پاٺڪن کي سدائين ياد،
۽ بلڪل اڻ وسرندڙ رهندو، جيئن ماڌا پرميشوريءَ جو آدرش
ناري جو چٽر، جا ايشور جي ڀاڻي تي راضي رهندڙ، عجيب
سنڌي ۽ ڀارتي استري جو اَدڀت مثال آهي.
"رن ذاتيو رهندو" ڪهاڻيءَ جو رهندو، شهر کڄرو
هڪ ٻه گهر ڀاڙو جي ڪردار جو مثال آهي جنهن جو پرائي ڀچار
جو عجيب ڍنڍو آهي ۽ پوءِ انجو حساب وياج سوڌو ٿو ڏي.
جڏهن سندس پٽ ۽ ڌيءَ ابتو هلي سندس ڪٽنب جو نالو
ٻوڙي ٿا ڇڏين.
"پت سوچڻو پيسو" ۾ پيسو جو ڪردار به
عجيب آهي جو ننڍي وڏي شيءِ ۽ رشتي ر ومال کيئن نه
ٿو تڪيا ٿي، مگر ان ڪهاڻي ۾ وڏيڪ ٿي روچڪ ڪردار آهي
پرمي ماءُ، 90 ورهين جي پوڙهيءَ جو. انجي شڪل شبيهه،
ٻهڪ، ڀهراءُ، ڏيکار ۽ وهنوار جو ليکڪا وستار سان واهه جو
چٽر چٽيو آهي.
"پڇتاءُ" ڪهاڻي ۾ سندر داس ۽ شاردا،
رام ۽ سيتا جي ڪردارن کي ڏسي اهو خيال دل
مان نڪري ٿو وڃي ته ليکڪا هر و پرو مرد ڪردار رهندو ۽
پيسوءَ جيان خامين ڀريا چٽڻ ٿي چاهي، خاميون خصلتون
استري پرش ڪردارن ٻنهي ڪهاڻين ۾ آهن جيئن نهن رهڻا ۾.
هن ڪهاڻي ۾، جا گهر مان ٻه گهر ڪري، ٻيائي من وڃهي گهر
کي سرڳ مان نرڳ ٿي ڪري، ڏيالي "آهه غريبان، قهر
خدائي ۾."
ليکڪا پنڊ و پيا شرنگي اسانجي مشهور پنڊ ٻيو ٻڻي

ليکڪ ٻاران :-

پنهنجي ڪهاڻين جي ڪهاڻي ڇا لکان؟ جو هيءَ ڪهاڻيون ٻہ، انهيءَ مقصد ۽ راهہ تي گامزن آهن جنهن کـــي اسين ادب ڪوٺيون ٿا. ادب انسان جي جيوت جو عڪس آهي، اسان جي روز مره جي زندگي، رهڻ سهڻ، وهنوار، ٻول چال ۽ هلندڙ دور جي ترجماني ۽ ڪڙي آهي. ادب زندگيءَ جو آئينو آهي. ان آئينيءَ ۾ الڳ الڳ ڪردار ڏسڻ جو موقعو مليو آهي. براڊ ڪاسٽنگ ۾ ٻن ڏهاڪن کان مٿي رپورٽنگ جي ڊيوٽي ڪرڻ جي سلسلي ۾ ديس پرديس وڃڻو پيو، امير غريب، فنڪار اديب، سنت مهاتمائون، سياستدان وغيره وغيره سان ملاقات جو موقعو مليو. جنهن ڪري ڀارت جـــي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃڻ جو بہ موقعو مليو.

احمدآبـــاد، راجڪـوٽ، ڄـــام نگر، ويــراول، نڙيـــاد، بــڙودا، ڪڇ ڀڄ، گـــانڌيڌام، آديپـــور، جئپور، اجمير، ڀوپال، اندور، ڪانپور، پونا، پمپري، بمبئي الهاس نگر وغيره وغيره. ان عرصي دوران الڳ الڳ ماڻهن سان ملاقات ٿي. انهن جا ويچار ڄاڻڻ جو موقعو مليو. انهن جي زندگيءَ جي طور طريقن مان ڪافي ڪجهہ پرائڻ جو موقعو مليو. ڪئي ڪهاڻيون من اندر رچي راس ٿيون آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪي حادثا ڊائريءَ جي پنن تي قلم بند ڪري ڇڏيان، ڪي اڻ پورا اڌورا درشيہ Climax تـي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي سينـــي ۾ سمائجي وڃن. ائين لڳندو آهي تہ منهنجو وجود، منهنجي انتر آتما مونکي مون کان ڦري رهي آهي، ٻاهرين ۽ اندرين دنيا ۾ تضاد، جڏهن انــدر واري وينا جي وڻا جا تار وڃن تہ ڪئي ڪردار ٻاهرين منچ تي نمودار ٿي وڃن. انساني جيوت جـــي عڪس کـي قلم ڪنهن نہ ڪنهن ڪهاڻي جي روپ ۾ آڻـــي ڇڏي. اسين چئون ٿا ادب زندگيءَ جو آئينو آهي. ان آئيني

(1) "دل جو دلبر هيڪڙو، گهڻا تان نہ ڪجن،
دل ۾ ڏجي هڪ کي، ٻـوڙي سو سڪن،
سي چلولا چئجن، جي در در لائين دوستي."
(شاهہ)

(2) ڪڏهن هـن سان، اهڙي ملاقـات ٿيندي،
زبـان بند هونـدي، مگر بـات ٿيـندي،
ڪيم ضبط آهون، تـہ پيا لـڙڪ چلڪي،
هـوا بند هـوندي، تـہ برسات ٿيندي."
(ڪومل)

ويڌا شرنگي جي هن "واسنا جو واسينگ" ڪهاڻين جي ڇٽڪي يا ڪنهن بہ ٻئي ڪهاڻي جي مجموعي کي پڙهندي سڀاويڪ سوال ٿيندو آهي تہ ڪهاڻيون پڙهي حاصل ڇا ٿيو؟ اُن مان پاٺڪ کي ڇا مليو؟ پڙهي مزو آيو؟ دل شاد ٿي؟ جيون جي گهرائي جو ڪجهہ پتو پيو؟ زندگيءَ جي لوچ پوچ جو ڪجهہ احساس ٿيو؟ حياتي جي معاملن ۽ مسئلن جي ڪجهہ ڄاڻ پيئي؟ اُنهن جي حل ڪرڻ جي ڪجهہ واٽ ملي؟ مشڪلاتن سان لڙڻ لاءِ ڪجهہ اُتساهہ اُتپن ٿيو؟ جيون جي جنگ جي ميدان ۾ لڙڻ لاءِ ڪجهہ همت ملي؟ من کي ڪجهہ سوچڻ لاءِ مليو؟ پـاٺڪ پاڻ کان ئي اهي سوال پڇي اُنهن جا جواب ڏي تہ سڀ کـان سٺي ڳالهہ سمجهي. "پيهي جان پاڻ ۾ ڏٺم روح رهاڻ" پاٺڪ پڙهي پاڻ سان رهاڻ ڪري.

خوشيرام نيڀراج واسواڻي
A 704, Kaveri Apartments,
Alaknanda, New Delhi-110019
Phone : 6437502

جي چڪر ڪري دَر دَر ڦيرا پائڻ سان ڪٿا ٿي ڪٿي وڃن، پر هاڻي جديد دور جي ايجادن جو ٽيليفون ذريعي يا وري چٺين چٺين ذريعي معاملو نبيري پيو هلي، ۽ ڪي وري سوشل ۽ ڪلچرل گڏجاڻين کي ان مقصد لاءِ واهه جو استعمال ڪن. هوڏانهن پيسو ۽ جهڙا ڪردار به انسان کي ڪٿي نه ڪٿي نظر اچي ويندا. گيتا ۾ ڀڳوان شري ڪرشن چيو آهي، ”انسان سڀاءُ جي وس رهي ٿو.“ ڪن ڏاهن جو وري اهو ويچار آهي ته پهاڙ پنهنجي جاءِ تان سري سگهي ٿو پر اهڙا ماڻهو پنهنجو سڀاءُ نه ٿا بدلي سگهن.

اڄ ڪلهه سماج سيوا جا به ڪيترائي نمونا آهن. هڪ اها آدجڳاد واري سماج سيوا جيڪا تن من ڌن قربان ڪرڻ واري هئي ڪر سيوا ته ملندي ميوا، ڪي نالي ۽ ناءُ خاطر پورهيا ڪٿي ڳچيءَ ۾ ڍولڙي لڙڪائي قصيدا پيا ڳائيندا. بس اڄ جي زماني ۾ ”سٽي ٿي سچائي لڪائي ٿي لاڏ ڪري.“ سوامي وويڪانند چيو آهي. لڙهي مت لڙائيي مت“ پاڻ ۾ وڙهو نه، نه ٻئي وڙهيو. پر نام نهاد سماج سيوڪن جو اصول آهي. ويڙهيو چڱو مڙسيءَ جي پڳ ٻڌي پنهنجو ناءُ چمڪايو. اڄ ڪلهه انعام اڪرام ڏيئي فنڪار، ڪلاڪار اديب شاعر اهڙا ماڻهو ٺاهيندا آهن. پر سچا سيوڪ ڪنهن ليکي چوکي ۾ ٿي نه آهن. ”سچ وڏو ڏاري آهي.“ ديال جهڙو نوجوان جيڪو پنهنجي جاتيءَ لاءِ ڪجهه ڪرڻ پيو چاهي تنهن کي ڌڪي ٻاهر ڪيو ويو. ڪيس پنهنجي ٿي سماج طرفان سزا سٺائي وئي. هو جنون ۾ اچي باغي بڻجي قدم کڻي ويو پر پوءِ پونئر ۾ غوطا کائيندو رهيو. سچ کي سوريءَ تي لٽڪايو ويو آهي.

۾ مون جيڪي عڪس پسيا آهن تن مان ڪجهه ڪهاڻين جي مجموعي ۾ شامل ڪيا اٿم، نه چاهيندي به شايد اڻ ڄاڻائيءَ ۾ عورت جا الڳ الڳ روپ ٻين ڪردارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اڀري آيا آهن. هن نازڪ جنس جي باري ۾ راشٽر پتا مهاتما گانڌيءَ هڪ هنڌ فرمايو آهي :—

”عورت ۾ مرد کان وڌيڪ انساني خدمت جو جذبو ٿئي ٿو. عورت مرد جي غلام نه آهي. انهي سڀي هم درد ۽ ساٿي آهي.“

ڪنهن به جاتيءَ جي حالت چلت، ريتن رسمن جي ڄاڻ ان جي ادب مان پوندي آهي هڪ ڏاهي جو قول آهي :—

”دولتمند اهو نه آهي جنهن وٽ دولت آهي، پر دولتمند اهو آهي جيڪو علم وارو آهي.“

اسان جي جاتي صحيح معنيٰ ۾ ڪيتري ڌنوان آهي. ان جو فيصلو اڳتي وقت هلي ڪندو. وقت اهڙو الميو آهي جنهن ڪنهن کي معاف نه ڪيو آهي. هر انسان جي تقدير جي فيصلي ۾ وڌاتا سان گڏ وقت جو به حصو رهي ٿو.

ڪجهه ڪهاڻين جي ڪردارن جي باري ۾ - ڪي اهڙا انسان هوندا آهن، جيڪي ليئون ٻوڙن سان ٻوڙا ليئن سان وڙهائيندا وتندا آهن. پر نه لڳي ڏڪڙ کي انو جيستائين هتا هتان جي ڳالهه نه ڪن تيستائين ڪاڻو ڪونه پوندو، جيئن ”رن ڌاڻيو رهندو“. اهڙي ئي هڪ خدا جي ٻانهي جي جهلڪ آهي هيءَ ٻاٽي ”رهندو“، ها ”رن ڌاڻيو رهندو“. ننڍن شهرن ۾ پراڻي پچار وارو شغل وڏن شهرن جي ڀيٽ ۾ گهڻو آهي. پر دهلي ۽ بمبئي وغيره ۾ ننڍن شهرن کان گهٽ آهي. وڏن شهرن جا فاصلا وڏا دور دور وڃڻ مشڪل آهي. وري پاڙن پڻ

گلي ۾ اٽڪي پوي ٿي. صرف هڪ دلاسي مٿان ٿي پراڻ پکيڙو پرواز ڪري ڪيس ذهني ۽ جسماني اذيتن کان آزاد ڪري ٿو. اُن ۾ قصور عورت جو صرف اهو قصور هو، جو هنجو اهڙي خاندان ۾ ليکو اڙيو جيڪو ٻدلي جي ٻاهه جو شڪار ٿيو هو. ٻن طبقن وچ ۾ عداوت جو نتيجو بد بخت ”بختاور“ بڻي.

”جن لکيو ڙي منهنجو انگ، اڌورو، قلم کان ڪاڏي وڃان.“

عورت جيڪا سماج اڏي ٿي. جيڪا ماءُ آهي. جنهنجي قدمن ۾ جنت آهي. اها ٻين لاءِ جنت بڻجي ٿي. پر ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي لاءِ سراپ بڻجي ٿي. ديويءَ جي سنهه سندرتا هن لاءِ ڏکن جي سيج ڪٽي آئي. مردن جي اڏيل سماج ۾ دليپ آزاد گهمندو رهيو. پر ديوي ”واسنا جي واسينگ“ جو شڪار بڻجي ڀوڳيندي رهي. ديوي جا هرڻيءَ جيان چالون ڏيندي وتندي هئي. اها شڪاريءَ جو شڪار بڻي گهايل هرڻيءَ وانگر مرڻينگ حالت ۾ پيڪن جي در تي پئي رهي. ڪيس نه ممتا جي موهه ڏنگي ڇڏيو. پت ڏٺيءَ ڇيو آهي —

”الله ڏاهي ۾ ٿيان ڏاهيون ڏک سهن.“

عورت جي اڳتي وڌڻ واري خواهش. عورت جي خوشين جي راهه ۾ ڪنڊي جيان ڪيس هر موڙ تي چڀندي رهي ٿي. زندگي جي راهه ڏاڍي اڙانگي آهي. وک وک تي ڪيس ڪنڊن ڪوپن مان گذرڻو پوي ٿو. منزل کي پائڻ لاءِ چاهي مرد هجي يا عورت ڪيس قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي، پنهنجن ٻچڙن لاءِ عاشقانو اڻڻ لاءِ جنهن انسان پنهنجو سڀ ڪجهه تياڳي ڪري پنهنجي اولاد کي اجهو ڏنو اهو آکيرو ننڍي نهن ريتا جي اچڻ سان غرور ۽ گهمنڊ جو شڪار ٿي سڙي ٻري ويو. اڄ جي دور ۾ رام ۽ سيتا جهڙا ڪردار عام ته نه پر ڪٿي اڄ به ملي

اما مڻ ٻئي شهادت جو مثال اسان جي اڳيان آهي. شايد پنهنجن پيارن کي تن ڏٺي آزمائش ۾ وجهندو آهي انهيءَ ڪري لطيف سائينءَ فرمايو آ —

دوست ڪهائي ڏاڏلا محب مارائي
خاصن خليلن کي سختيون سهائي
الله الصمد بي نياز جا ڪري سا چاهي
انهيءَ منجهه آهي ڪا انهيءَ ڳالهه اسرار جي .
(شاهه)

ڪيترا چوندا آهن ته عورت جا ڳوڙها دلين تي تمام گهڻو اثر ڪندا آهن . پر ڪن بدبختن جا ورلاپ ظلم، ڏاڍ ۽ دهشت ۾ دٻجي وڃن . بختاور صرف ور گهر جي تمنا ڪئي هئي . پر هوءَ بي گناهه ، راهه گناهه جاگيرداري نظام جي عداوتن ۽ نفرتن جو شڪار بڻي . ڪن پلن ۾ هن جا سنهري خواب ڌهي پٽ پيا . رونقن ۽ خوشين بدران اڱڻ ۾ لاشن جا ڍير لڳي ويا . پنهنجي ارمانن ۽ تمنائن کي سيني اندر دفن ڪري لاچار ۽ عذابن ڀري زندگيءَ جو بار ڪلهن تي حياتيءَ جي آخري پل تائين ڍوئيندي رهي ، ان مراد سان جيئندي رهي ته من ڪيس انهن پراڻن پکن کي پسڻ نصيب ٿئي .

واجهائي وطن کي ساري ڏيان ساهه
بت منهنجو بند ۾ قيد م ڪريجانءِ
پر ڏيهاڻي پري رهي ٿار م ٿريجانءِ
ٿڌي وسائجانءِ تون جي مُئي مٿان
چڱي پوئيون ٿئي پساهه ته نجاهه مڙهه ملير ڏي .
(شاهه)

بختاور زندگيءَ جي آخري سفر تائين ان مٽيءَ جي خوشبوءِ جي تمنا ڪري ٿي . هن جي ساهه جي تند هن جي

اڳي پنهنجي پيءُ جي دکدائي حالتن کري اوچتي وڇوڙي کري دل کي بيحد صدمو رسيو پنهنجي ماءُ جي پوڙهائن کي ڏسندي جيءُ جهري پيو حالاس ۽ حالتن جي سوڙهي گهٽڻ واري وکڙ کري اهڙو احساس ٿيو ته مان ڪڏهن قلم ڪونه کڻي سگهندس. زندگي جيئڻ ۽ ماڻڻ جي معنيٰ وڃائڻ ويٺي، مرڪ موڪلائي ويئي ان ڀونئر ۾ غوطا کائيندي ڏسي ڪري منهنجي امڙ پنهنجو ڏک سيني ۾ سانڍي منهنجي زندگيءَ کي نئين معنيٰ بخشي ۽ منهنجي رچنا جي پڌرا ٿي هيءَ تخليق ان جو ئي نتيجو آهي. مان ٿورائتي آهيان پروفيسر ڪي. ايل. واسواڻي جي جنهن منهنجي ڪتاب جو مهاڳ لکيو ۽ پروفيسر واسواڻي خوش نصيب آهن جو اُنهن جي رهنمائيءَ ۾ ڪيترا شاگرد لائقيءَ ٿي لڳا آهن جن نه صرف پنهنجي سماج ۾ پر قومي سطح تي به نالو ڪمايو آهي، عزت حاصل ڪئي آهي. شري ڪي. آر. ملڪاڻي به اُنهن جا شاگرد آهن نه صرف اهي پر سندن گهر واري به اُنهن جي شاگرد رهي آهي. تمام سگهڙ عورت آهي. سندن ٻار به گهڻو ڳالهائڻ وارا دلربا آهن. مان ٿورائتي آهيان پنهنجي پياري پرو ممتا شرما جي جنهن ڏک سک ۾ ۽ خاص طور تي منهنجي سيني رچنائن کي ڪتابي روپ ۾ آڻڻ لاءِ مون سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺي آهي.

واسنا جي واسينگ هن ڪهاڻيءَ جي مجموعي جي ڪور ڊزائين لاءِ شالني ساگر پنهنجي فني صلاحيتن جو ثبوت ڏيئي تيار ڪرائڻ ۾ جيڪو سهڪار ڏنو ان جا ٿورا چند لفظن ۾ لاهي نه ٿي سگهان. ۽ آخر ۾ مان ادي پرشوتم ٿلواڻيءَ جي ٿورائتي آهيان جنهن هن ڪتاب کي ڇپائڻ ۾ ساٿ ڏنو.

اندر واري فنڪار جون ڪيتريون سوچون آهن جيڪي ور ور ڪري ڪجهه ڪرڻ لاءِ پريرڻا ڏينديون رهنديون آهن.

وڃن ٿا. اڄ جي دور ۾ به ڪي اهڙا نيڪ بندا آهن. جيڪي عورتن جي عزت ۽ احترام ڪن ٿا. اُنهن جي لوڙهي ڪٽي مٿو ٻڪي اُنهن کي پناهه ڏين ٿا. عورت جي ڏکن سکن ۽ برابريءَ وارن حقن تي آواز اُٿارين ٿا. سنڌ جي مشهور صحافي ف-م- لاشاري (فقير محمد لاشاري) جيڪو زندگي ماڻڻ کان اڳ ۾ ئي هڪ حادثي ۾ اسان کان موڪلائي ويو. تنهن پنهنجي هڪ Article "پاڪستان عورتن جي خلاف ڇو آهي؟" ۾ لکي ٿو:-

"اسان جي سماج جي عورت مڪمل طور غلاميءَ جو شڪار آهي. مٿين طبقي جي عورت Show-Piece Bargaining ۽ نمائش يا ڪيترن مڪروهه ڪمن جو ذريعو بڻيل آهي. ۽ ان حقيقت کي ماڻهو ڄاڻي ٿو پر ڪجهه ڪين ٿو. هوڏانهن هيٺين طبقي جي عورت ٻٽي جبر جو شڪار آهي. مرد پنهنجون نراسائيون عورت ۽ ٻارن تي ديون ڪڍي پوريون ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. استحصال جو شڪار ماڻهو پنهنجي زندگيءَ بابت پنهنجا موقف بيزارين ۽ پريشانين ۾ ظاهر ڪن ٿا. ان سموري حالت ۾ عورت ڳوهيل اٽي وانگر آهي جنهن کي اندر رکجي ٿو ته ڪيس ڪوٺا ڪائين ٿا، پر جيڪڏهن ٻاهر ڪڍجي ته ڪانو ڪيس لونگا هڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

غيرت بي غيرت عورت جي استحصال جو فسالو آهي. عورت چاهي سنڌ جي هجي يا هند جي ڪنهن نه ڪنهن طرح حالات جي ذد اچي ٿي اِنهيءَ لتاڙ جي باوجود اهڙيون عورتون به آهن. جن پنهنجي همت جرئت ۽ Will Power سان آندي طوفان جو مقابلو ڪري پنهنجي اهم جاه جوڙي آهي. اِنهيءَ ڪري پنهنجي قلم جو پورهيو هند ۽ سنڌ جي عورتن کي ارپي رهي آهيان. مان ٿو رانٽي آهيان. پنهنجي اَمڙ جي جنهن مايوسيءَ جي پونئر مان ٻاهر ڪڍي زماني سان قدم ملائي هلڻ جي واٽ ڏيکاري ۽ سال

غيرت - بي غيرت

اڄ عالمي عورتن جي ڏهاڙي جي سلسلي ۾ هتي عالمي ڪانفرنس جاري آهي. نه صرف پئرس جي مختلف صوبن، پر دنيا جي مختلف ملڪن جي نمائندگي ڪندڙ عورتون شامل آهن. آزاد جمهوري ملڪ پئرس ۾ برابريءَ جا حق عورتن کي حاصل آهن. اڄ ننڍي کنڊ جون عورتون دنيا جي ملڪن سان قدم ملائي اڳتي وڌي رهيون آهن. ڪانفرنس شرڪت ڪندڙ ڊيليگيٽس جي تقريرن ۾ جوش هو جذبو هو. چهري تي فخر ۽ ناز هو اسين 21 صديءَ ۾ پير پائي رهيا آهيون. مهذب سماج ۾ جي رهيا آهيون. اسان جو سماج باشعور بڻجي چڪو آهي. نه صرف پئرس پر پاڙيسري اسلامي ملڪ جي عورت به سربراهه بڻجي چڪي آهي. اڄ عورتون پنهنجي قوم ۽ ملڪ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.

نشا بيحد خوش هئي جو هوءَ عورتن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندي هئي. نه صرف اها ڪانفرنس ڪامياب وئي پر ملڪي ۽ غير ملڪي اخبارن ننڍي کنڊ جي عورتن جي جستجو ۽ ڪاميابيءَ کي داد ڏنو. نشا کي پاڻ تي فخر ٿيڻ لڳو، ته مان آزاد فضا ۾ جي رهي آهيان. جيئن ئي هوءَ سڀني Delegets کان موڪلائي ٻاهر نڪتي ته سندس ڪنن ۾ زوردار ٺهڪ گونجڻ لڳا جي خوشيءَ وارا نه پر ڀيانڪ ٺهڪ هئا. هوءَ گهٻرائجي وئي. سندس نگاهه ٻن عورتن تي پئي جن جا چهرا ظلم ۽ ستم جي نشاندهي ڪري رهيا هئا، اکين ۾ مايوسي جهلڪي رهي هئي. چتا چڙيل خوفناڪ ٺهڪ ... ... "ڪير آهيو؟ .... اوهين ڪير آهيو .... ؟"

"اسين ڪير آهيون ؟ ڇو ن اسان کي نٿي سڃاڻين ؟

مور نچي پيو ڏنگا.

زندگيءَ ۾
اهڙي ڪا ٿڌي
چانڊو ملي ؟
جتي ولهي
اُنڌر جي فنڪار
جي اڄ مٿايان ؟
اهڙي ڪا اميد نه آهي.
مور نچي پيو ڏنگا،
مونکي ته ٽٽل
واريءَ تي،
پند ڪرڻ جي
سزا مليل آهي.

اگر هن ڪهاڻيءَ جي مجموعي جو هڪ بہ جملو ڪنهن جـي دل کـي ڇهي ٿو تہ، مان سمجهندس منهنجو پورهيو ڦاٻ ٿيو.

سدائين گڏ

ويدا شرنگي

Sept. 1995

هُن جي جملي پوري ڪرڻ کان پهرين هڪ عورت چيو ، ”آيا منهنجو نالو رحيمان آهي پر رب رحيم جي مون تي ڪڏهن به مهر ڪانه ٿي آهي “

ٻيءَ عورت چيو : ”منهنجو نالو ساوتري آهي . منهنجي پوترتا تي هميشه ئي شڪ پيا آهن . جڏهن به مان پنهنجي سچائيءَ جو ثبوت ڏيڻ چاهيندي آهيان ته اڄ جي دؤر جا درندا چوندا آهن ، وڏي آئي آهي ستي ساوتري .... پهرين ڪنهن جي ڪهاڻي ٻڌندينءَ - رحيمان جو روداد يا منهنجو دردي داستان ؟“

رحيمان نشا جي قريب ايندي ٻانهه کان جهليندي چيو ، ”آيا بهتر ٿيندو ته اوهين ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس پيو ٿڌي سيني سان جابر سماج جا وحشي ڪارناما ٻڌو .“

ساوتري چيو : ”ديدي بهتر ٿيندو ته ڪٿي ڪنڊ پاسيرو ويهي دل کولي حال احوال اوريون . اسين به تو وانگر پنهنجي سماج ۾ انقلاب آڻڻ پيا چاهيون ؟ ...... پر اسان جي درد شا ڏسين پڙهين نه .... ؟“

رحيمان ۽ ساوتري نشا کي ٻانهن کان وٺي هڪ پارڪ جي ڪنڊ ۾ وڃي ويهن ٿيون .

نشا ساوتريءَ جي چهري طرف نهاريندي چيو ، ”ساوتري توهان ته هتي آزاد جمهوري سيڪيولر ملڪ ۾ آهيو . آئين تحت اوهان جي ٻوليءَ کي تسليم ڪيو ويو آهي . توهان کي اڄ ڏينهن تائين برابريءَ جا حق ڪو نه مليا آهن؟ ڪمال آهي “

ساوتريءَ زوردار ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا . ”ديدي ، اسان جو سماج ڀلا ڇو پٺتي پوي اهي ڪي رحيمان جي غيرتمند سماج کان الڳ ته نه آهن . اُهي به عظيم ۽ قديم سڀيتا جا وارث آهن . جتي پراچين سڀيتا جو جنم ٿيو . جنهن سنڌوءَ جي

اسين تنهنجو آئينو آهيون. تون پنهنجو چهرو ڏسي سگهين ٿي.”
“نه .... نه .... نه هي منهنجو چهرو نه آهي.
منهنجي چهري تي فخر آهي ناز آهي، مان آزاد آهيان ....
باشعور سماج ۾ جي رهي آهيان ....”

وري انهن عورتن جا ڀيانڪ ٽهڪ گونجڻ لڳا، جي ٽهڪ پڙاڏو ٻڌجي ماحول کي وڌيڪ ئي خوفناڪ بڻائي رهيا هئا.

“آخر توهين ٻڌايو ڇو نٿيون؟ ته توهين ڪير آهيو؟ ائين ڪيئن خبر پوندي؟ مان توهان جي ڪيئن مدد ڪريان، ڪجهه ٻڌايو ته سهين؟”

ٻنهي جا وري خوفناڪ ٽهڪ .... “تون .... تون .... ته عجيب شخصيت آهين. جابر سماج اڳيان تنهنجي ڪهڙي هستي آهي .... ؟”

“آيا تون ڪهڙي دور جي ڳالهه ڪري رهي آهين. آزادي .... برابري .... حق .... اسان جي سماج لاءِ اهي لفظ اڄ به خواب مثل آهن. اسان جي سماج ۾ اڄ به عورت غلام آهي.”

“غلام .... ؟”

“ها غلام”

“ڀلا توهان جي ڪهڙي ذاتيءَ سان واسطو آهي.”

“ٻنهي هڪ ئي آواز ۾ ورائيو .... اسان جو واسطو دنيا جي قديم سڀيتا موهن جي دڙي سان آهي. جنهن سڀيتا جو سج پهرين پهرين اڀريو. اڄ پوري دنيا تسليم ڪري رهي آهي. اسين به ان قديم سڀيتا جي کنڊهرن جيان اڄ به ان جهوني دور جي وحشي پڙڇائين ۾ جي رهيا آهيون.”

نشا - سندن چهرن طرف اکيون ڦاڙي نهارڻ لڳي.
توهان پنهنجا ....

ڙاڻي وڃي.“

يعني اهي انتظار ڪندا؟ ڀلا ان ڇوڪريءَ جي شادي ٿيندي اُن کان پوءِ ٻيءَ ٿيندي ۽ يعني ٻين ٻارن ٻاري ٿيندي ۽ پوءِ ڌيءُ ڄڻيندي ۽ اها ڌيءُ اُنهن کي ڏني ويندي ڪمال آهي؟ اگر ڌيءُ آ، ڏين ته؟

ته .... خون خرابو .... ڪٿي قتل .... تباهيون ۽ برباديون.

اُن تي اُها حيران ٿيندي چيو، اگر ڇوڪري نه ڄمي ته ....؟

”نه پوءِ ڪٿن ڌيئن جا ٻاپُ .... جهڙي الله جي مرضي. پر آپا ڇا ٻڌايانءِ ته ڪو ئي نصيب ڦاٽين، جن جا پيءُ لکي ڏين اُهن کي وري ڌيئر ئي ڄمن.“

ساوتريءَ چيو، ”ڏيندي ڄمڻ هجي، مرڻو - پرڻو هجي، صدقي جي ٻڪري عورت ٻڌجي. مونهنجي پُڦيءَ جو سهاڳ جوانيءَ ۾ ئي پرماتما کي پيارو ٿي ويو، اڄي برادريءَ وارن ورتس، ڇي وڏوا ٿي هار سينگار ڪري رهي آهي. واسينگ جهڙن وارن کي زوريءَ ڪُڙايائون نس. ويچاريءَ گهٽيءَ واڪا ڪيا، دانهون ڪيون، ڪُوڪُون ڪيون پر ڪريٺن رسمن ۽ پاپي سماج اڳيان سندس هڪ نه هلي. ساڳيو ئي حال اسان جي ڳوٺ واري نوجوان نينگر جو ٿيو، اها سهاڳڻ ٿيندي به ڄڻ ڏهاڳڻ هئي. ماڻٽن کيس مايا جي لوڀ لالچ ۾ اچي پوڙهي سان نياڻي نماڻيءَ جو پلئه ٻڌائون. گهٽو ئي قسمت جي ماري رُني - رڙي پر سندس هڪ نه هلي. انڌن اڳيان روئڻ آهي اکين جو زيان.“

انهيءَ رحمان چيو، ”پر آپا اها ته صرف هڪ سي ڏني وئي نه، پر اسان جي سماج ۾ ته ٻه - ٻه، ٽي - ٽي، ته ڇا ڇوٿين ۽ پنجين تي وڃي نصيب جون ماريل پون. پوءِ سندن جواني ڪوٺن ۾ قيد ٿي چارديواريءَ اندر مُرڪي ۽ مرجهائجي وڃي. اسان وٽ ته مرن، پرن ۽ سيڌن ته اصل

ڪناري تي ويدن جي رچنا ٿي. منهنجو اُن سماج سان واسطو آهي، سي ڀلا ڪيئن پاڻ کي ٻي غيرت سڏائيندا؟ آهي ڇو ڀٽڪي پيون..... ماڻهون عورت آهيون....؟ هر دؤر ۾ ستائي ويئي آهيون...... ڪڏهن ڪنهن روپ ۾ ته ڪڏهن ڪنهن روپ ۾ منهنجو استحصال ڪيو ويو آهي. سماج جي اٽل ريتين جي تاڃي پيٽي ۾ مان هميشه ڪوريئڙي، وانگر ڄار ۾ ڦاٿل رهي آهيان. سماجي قدرن جي گهاڻي ۾ پيڙجندي رهي آهيان. ڪڏهن غيرت جي ناءَ تي ڪڏهن مال ملڪيت جي لوڀ لالچ ۾ منهنجو استحصال ڪيو ويو آهي. ڪڏهن هوس جي ڪڌين نگاهن جو شڪار ٿيندي، ناپاڪ هٿ مون طرف وڌيا آهن منهنجي حياءَ جي دامن کي وقت به وقت تار - تار ڪيو ويو آهي. نشا حيران ٿي چيو، "مونکي ته توهان جي ڳالهين تي يقين ئي نٿو اچي ته اڄ جي مهذب دؤر ۾ ائين ٿي سگهي ٿو."

رحيمان چيو، "مان اوهان آڏو ثبوت پيش ڪريان ٿي. اڄ به پڙدي پٺيان جيڪو ظلم ۽ ستم ٿي رهيو آهي، اگر انهن جو ذڪر ڪيان." "لڳي ماڻهو مرن کي ڏونگر پون ڏري..." عورت اڃان پيدا ئي نٿي ٿئي ته اُن جي مقدر جو فيصلو ڪيو وڃي ٿو. الله ڙي "يا الله"

"اهو وري ڪيئن؟"

اهو وري هيئن، مون ملڪن جي ته اسانجي سماج ۾ ڏي وٺ جو سرشتو آهي ڪن قبيلن ۾ عورت پئسن تي خريد ڪئي ويندي آهي يعني ڇوڪري ڏيئي ڇوڪري وٺڻ. اگر ڇوڪري نه آهي ته زال پئسن تي خريد ڪندا ۽ مڱ وٺڻ وارن وٽ ڇوڪري اُسـ هئڻ جي حالت ۾ شاديءَ جي وقت اُن ڇوڪريءَ جو پيٽ لکي ڏنو ويندو آهي. گڏو گڏ 50 هزار يا لک روپيا جنهنجي جهڙي حيثيت ۽ جهڙو رشتو ۽ جهڙي پسانهه هجي. شاديءَ کان پوءِ جڏهن اُن ڇوڪريءَ کي پيٽ ٿيندو ۽ ڌيءَ ڄمندي ته ڌيءَ مالڪ واپس وٺندا. پوءِ اُن جي ڪنهن سان به قسمت

گهر کان ٻاهر پير پوڻ تي بي غيرت جو لقب ملي ٿو. چوري ڇڙواڳ .... . ڄڻ ڏکن جي هندوري ۾ لولي ڏني وئي. اوهان کي ته خبر آهي ڏکن سورن جي ڪکه مان ئي تخليق جنم وٺندي آهي. پر اسان جي سماج ۾ ان جي اڇي اُجري پالند تي ڪارا ڪلنڪ لڳائي اُن کي منزل تي پهچڻ کان اڳ ئي ماريو ويندو آهي. اوهان کي اسان جي سماج ۾ اُنهن جو تعداد ٻڌي اصل ڏندين آڱريون اچي وينديون. هڪ طرف اسانجي سماج ۾ اهو حال ته ٻئي طرف اسانجي سماج جي نياڻين کي اهڙن ڪيترن ۾ پير پائڻ لاءِ همٿايو وڃي ٿو جتي عورت کي عزت آبرو ۽ لڄ جي لوئي لاهي ٻاهر نڪرڻو پوي ٿو.

يعني ....

”فلمي دنيا .... Import Export/Show Business/Modelling

هڪ پير دنيا جي هڪ ڪنڊ ۾ ته ٻيو ٻيءَ ڪنڊ ۾. پئسي ڪمائڻ جي حرص ۽ هوس ۾ عورت جو استعمال ٿي رهيو آهي اگر پنهنجي تهذيب، ڪلچر ۽ ٻوليءَ جو پالند ڪري ٿي ته اُن کي چريو چريو ڪري واڙو ٻڌايو ٿو وڃي. Show Business وارو ماحول اُن کي ته ڪا ڏينهن ٻاهر ڪڍي ٿو. اگر ڪو اُن ماحول سان نڀو نه ڪي ته ....“

ته رحيمان چيو : ”بس آپا ڪٿي غيرت جو ناءُ ڪٿي بي غيرت ....“

ساوتريءَ تڏو ساهه کڻي چيو ته ”ڏني ڪا ماءُ سورن جي پينگهي منجهه لولي الله“

”اسان کي ته پينگهي ۾ ئي سورن جي لولي نصيب ٿئي ٿي هٿن تي مهندي رچائڻ ۽ ڳاڙهي جوڙي جي آس ۾، ڪڏهن قسمت جي ماري جيئي ٿي، ڪڏهن مري ٿي، ڪڏهن پوڙهي ٿي. ڏاڻ ڏيتي ليتيءَ کي باهه لڳي. ڏيتي ليتي ته ڏيڻ

ملڪ جي ٻيڙي ئي ٻوڙي ڇڏي آهي . سيد پنهنجن نياڻين جو نڪاح ئي نه ڪن“

”جي سيدن خاندان جي برابريءَ وارو ٻيو سيداڻو گهر ئي نه هجي ته“

”سيد پنهنجن مريدن کي ٻچا وانءُن ڏسين سي پاڻ ئي وانءُن وڃائي ويٺا آهن.“

”اڄ تائين به .... ؟“

ها ها .... ”اڄا تائين به . مان ڪا سؤ سال پراڻي ڳالهه نٿي ڪريان . اڄ جي دؤر جي ئي ڪري رهي آهيان .“

”آپ نه پلي ڏوجان مٿيان ڏيوي .“

ست نياڻيون ست ئي سيد ياڻيون ڪنواريون . قهر الاهيءَ جو ته ڏسو . سارو حال جابر وڏيري جو آهي . ڇو ته اسين وڏا جاگيردار آهيون . خانداني وڏ برا - پڙءِ ياون سان ڪيئن رشتو جوڙيون، چاهي انهن کي ايترا پڙهيل لکيل ڇوڪرا ملي رهيا هئا، پر مجال جو پنهنجن نياڻين جو نڪاح انهن سان ڪن . پاڻ مٿا ماريا پلي پونياون جون ڇوريون پرڻجي اچن . جيڪي اگر ۾ پير پاڻ سان ئي نياڻين کي پيون طعنا طنئا هڻن . ڇوٽي آهي ته ”مينهن ڇوي گانه کي هل پيچ ڪاري“ چاهي مينهن پاڻ سچي ڪاري آهي . اصل مقصد ته ملڪيت جي وراثت جو چڪر، متان ملڪيت جو حصو هٿان وڃي .... سيدن نڪاح قرآن شريف سان ڪرائي ڇڏين .“

”بس معصوم نصيب جون ماريون خاندان جي عزت جي حق ۾ پنهنجن ارمانن جو گلو گهوٽي جيئڻ کان مرڻ تائين قهري ڪوٺن ۾ تباهه ۽ برباد ٿي رهن . متان ملڪيت جا حصا ٿين، ڏيکرن کي ڏيٺا پون لڪري سچي عمر پل ويٺيون هجن .“

ساوتري پنهنجي للاٽ ٿي ڏک هڻندي چيو : ديدي ”لکيو لڙها ڪوٺ پاڇي - جن لکيو ڙي منهنجو انگه ادين قلم کان ڪاڏي وڃان“ . غيرت ۽ بي غيرت جو چڪر ....

فرياد نه ٿئي. اهڙين کهڙي ڪاروائين جو ذڪر ڪندي ڪنڌ ٿي شرم وچان جهڪي وڃي ٿو. ٿوري گهڙي ٿي "غيرت - بي غيرت" اسين پاڻ کي سرمائيدار صنعتڪار سڏايون ٿا پر جن کي ٽن پيڪڻ لاءِ لٽي جهڙي ليڙ به نه آهي. سندن قاتل ڪپڙن مان جسم جا مختلف انگ، ليڙا پائيندي نظر ايندا. تمام اهاد سماج سيوڪ جيڪي سيوا جي آڙ ۾ ميوا ماڻين ٿا. مون غيرت کي دم ٽوڙيندي ڏٺو آهي."

رحيما چيو - "انهيءَ غيرت جي ناءُ تي بيگناهه عورتن جا قتل ڪيا پيا وڃن."

لشا حيران ٿي پڇيو "اهو وري ڪيئن؟"

"مال ملڪيت تي جهيڙو، پئي پاري تي ويڙهه، دشمن کان وير وٺڻ، پلئه ڪرڻ لاءِ عورت جو استعمال، دشمن کي ماري گهر جي عورت جو قتل ڪري ساڻ سمهاريو وڃي ۽ ڪورٽ ۾ بيان" "مون غيرت ۾ اچي قتل ڪيو" بس ملزم بري - غيرت وڏي ڳالهه آهي نه ۽ - اي غيرت اُن جو واهه جو سهارو وٺندا آهن. اسان وٽ اهي غيرت جا قتل عام جام آهن اڄ هڪ جو ته سڀاڻي ٻيءَ مظلوم عورت جو وارو ..."

ساوتريءَ چيو - "ڏيندي مان توهان کي اُن غيرت جي قتل جو هڪ ٻيو شرمناڪ واقعو ٻڌايان ٿي."

هيءَ حقيقت آهي. پٽ امتحان ۾ ڪاپي ڪري رهيو هو Invigilator اُن کي اجازت نه ڏني. اُن کان بدلو وٺڻ لاءِ هن "ڪارو ڪاري" جو سهارو ورتو.

"يعني؟"

"يعني ناجائز تعلقاتن کي اسان وٽ پيو ناءُ "ڪارو ڪاري" وارو مليل آهي. ڪارو يعني ڪارو ڪم ڪرڻ وارو مرد ۽ ڪاري يعني ڪاري سان ڪارو منهن ڪرڻ واري. بس "ڪارو ڪاري"

جي حالت ۾ غيرتمند ۽ بي غيرت ٻنهي ڌرين کي آزاد ماحول ۾ ور تلاش ڪرڻ لاءِ واجهه پوري ڏني. اگر ڪا ناپاڪ نظرن کان ڪنارو ڪري پاڻ بچائي ته به الزام .... تون وري ڪا وڏي ستي ساوتري آهين ڇا؟"

رحيمان چيو - "آپا مان اوهان کي ڪريما جي درد ڀري داستان ٻڌايان - جنهن تي الاهي ڪرم نه ٿيو. هوءَ وڏيري جي هاريءَ جي نياڻي هئي. سندن ٽي پيڙهيون وڏيري وٽ بيگار پورهيت جو ڪم ڪنديون رهيون. اُن جو غريب مسڪين هاري پيءُ ڪم نه پيو ڪري سگهي. نه صرف ڪريمان جي والد کي ڇهبوڪن سان ماريو ويو پر ڪيس سندس نياڻيءَ سان زوريءَ زناءُ لاءِ وڏيري جي حڪم تي وڏيري جي ڪامدارن مجبور ڪيو انڪار ڪرڻ تي اُن کي ماري اڌ مئو ڪيو ويو ۽ سندس نياڻيءَ جي لڄ لٽي ۽ بي آبرو ڪري سري عام گهمايو ويو. مظلوم عورت ڪيترئون ئي دانهون، ڪوڪون ڪيون پر وڏيري کي رحم نه آيو."

يا الله! ايڏو ظلم ....؟"

"ها آپا! الله نياڻين کي پناه ڏئي. عورت جو پردو رکي. مهر جي گهر جيڪا اُن رات وحشي ڪاروائي ٿي اُن جو ڇا بيان ڪيان؟ مجموعي طوفان ٻٽس ۽ مجبور عورت تي زناءُ واري ڪاروائي .... جنهن جي خاندان .... ملڪ ۽ قوم جي خدمت لاءِ ڪئي قربانيون ڏنيون - تن کي اُهن قربانين جو سلو اهو مليو ته ...."

سندس نياڻيءَ جي لڄ لٽي ويئي ۽ سندس ماءُ پيءُ ته جهُري مري ويا.

ساوتريءَ چيو - دردي "اهو واقعو ته عام جي آڏو آهي پر اهڙا سوين واقعا پردي پٺيان ٿين پيا. جنهن جو ڪو داد

هل پڻ هل — هيءَ عورتن جي حقن جي ڳالهه ڪرڻ واري
اسانجي سماج کي سڌارڻ بدران پاڻ ئي قديم ڪٽرهون جيان
ٿي هي پٺ پئي آهي. فرق اهو آهي ته اُنهن قديم ڪٽرهون جي
حفاظت لاءِ عالمي تنظيمون ۽ ٻاهريون امداد ۽ عطيا ڏيئي رهيون
آهن . پر ....

وايو منڊل ۾ زوردار ٺهڪ — آنڌي طوفان جي آمد —
بادلن جي گجگوڙاهٽ — وڄ جي چمڪاٽ — آڪاش تي
اندلٺ جي رنگن بدران ڪارا ڪڪر — هوا جا سوساٽ —
آڪاش ۾ ڪارا ڪڪر اهين جهرمٽ ڪيو وڃي رهيا هئا جڻ
غيرت بي غيرت جا لفظ — طوفان جا گهوگهاٽ فضا ۾ غيرت ۽
بي غيرت جو پڙاڏو — غيرت — غيرت — غيرت — .
بي — غيرت — بي غيرت .

"قتل" غيرت جي ناءُ تي گناهه معاف. اُن شاگرد ڇوڪري گهر اچي ماءُ جو قتل ڪيو ۽ اُن ڪانپور ۾ Invigilator جو به - ۽ بيان ڏنو ته مون کين "ڪارو ڪاري" ڪري پڪڙيو آهي: مون غيرت ۾ اچي خون ڪيو آهي.

نشا چيو - "رحيمان ڇا اهو واقعي سچ آهي؟"

"ها آپا!"

نشا چيو - "بس بس مون کي وڌيڪ نه ٻڌاءِ منهنجي جسم ۾ سيسرات پئجي رهيا آهن. توهين ته مونکي ڇريو ڪري ڇڏيندؤن."

"آپا اسان ته تو وانگر منهنجي سماج ۾ انقلاب ۽ برابري جي ڳالهه ڪرڻ نڪتا هئاسين. پر ...... پر ...... پر........ .... ٻنهي جا ڀيانڪ ٽهڪ ...."

ساوتريءَ چيو - "تون اگر اسان جي سماج ۾ عورتن جي باري ۾ Study ڪرڻ اچين ته منهنجي دماغي توازن جو Insurance اڳ ۾ ئي ڪرائي ڇڏجان."

اُن تي رحيمان چيو - "آپا نه صرف دماغ جو ۽ منهنجي زندگيءَ جو، بلڪ منهنجي پوري خاندان جو - اسان جي سماج جي پس منظر جاڻڻ ۽ عورتن جي حال احوال وٺڻ لاءِ توکي بدنام جاسوس - غير ملڪي agent جا لقب ڏئي تنهنجي دل ۽ دماغ کي زنجيرن ۾ جڪڙي بي آبرو ڪيو ويندو. هل هنگاما وقت پڪڙ ڪئي ويندي."

نشا منهنجي ڪن تي هٿ رکندي چيو - "بس ڪريو - بس ڪريو - توهين مونکي پاڳل بڻائي ڇڏيندؤن."

ٻنهي جا وري ڀيانڪ ٽهڪ - "اسين نه پر اسان جو سماج - قديم دور جي سپيتا" هوءَ غش کائي ڪري پئي.

ساوتري ۽ رحيمان وري ڀيانڪ ٽهڪ ڏيڻ شروع ڪيا.

ف هن شمشير جــي بهادري ۽ ايمانداريءَ جا قصا ٻڌا هئا ته
ب طرف هن جــي جهانگي جوان جسم جي هاڪ ۽ ڌاڪ ٻڌي
ي. هو ماءُ پيءُ جو سڪيلڌو پٽ هو. ڪين ٻيون ٻارا ٻــه
ئا. انهن تــه هو وچولي طبقي جا زميندار هئا. هرو ڀرو ڪي
ڏا جاگيردار ڪو نه هئا. پر دل جا شاهه هئا. اوڙي پاڙي وارا
مت مانت ملڻ ڪير ٻــه ايندو هوس، خالــي هٿين ڪين
وٽندو هو. سندن اوطاق تــي وقت ٻــه وقت ڪئي فيصلا ۽
ـيرا ٿيندا رهندا هئــا. جتي صرف حق ۽ انصاف جــي ڳالهه
ولدي هئي. ناحق جو ناءُ ئي ڪو نه ٿيندو هو.

شمشير جي ماءُ چيو پٽ گهر ۾ ٻختاور آئي آهــي تنهنجا
خت کليا اٿئي. اهڙي سهڻي ڪنوار ملي اٿئي جو جڳ جهان
ٿو رسون ۽ هوسون ڪندو. شمشير زوردار ٽهڪ ڏيندي چيو
مــان برابر ٻختاور هن جــي لاءِ ٻخت آندو آهــي، جڏهن
ن ٻخت تان ٻڌو هئي تڏهن ئي چئي سگهان ٿو تــه منهنجو
خت کليو. ٻختاور جــي دل جــي ڌڙڪن تيز ٿي وئي. هن
ـرم ڀـوئيءَ جيان پاڻ کــي ولڙهي سيڙهي ڪري پلڪون ٻند
ڪيون. ٻند پلڪن ۾ سندس خيالن جي اڏام آڪاش کي ڇهڻ
ڳــي. انهيءَ کن پـل ۾ هڪ اهڙو ڌماڪو ٿيو جنهن سندس
ـساج محل کي چڪنا چور ڪري ڇڏيــو. رڙ واڪو پئجي ويو
چوڌري رمضان جي ماڻهن چارون طرف کان ڪوٽ کي گهيري
ڪري گهر اندر موجود سڀني مٿان انڌ ڌنڌ گولين جو وسڪارو
شروع ڪري ڇڏيو. هن ڏٺو ته شمشير جي دماغ ۾ گولي سوراخ
ڪندي نڪري وئي. چئني طرف ناڪوڙو پئجي ويو. چوڌري
رمضان جا ماڻهون چارون طرف لاشن جا ڍير لڳائي دهشت
ڦهلائي ڀڄي ويا.

جنهن گهر ۾ ڪجهه دير اڳــه ٻهارون هيون اهو ويران
پٽجي ويو. ڪيترن کي زخمي حالت ۾ اسپتال پهچايو ويو.

ٻختاور

ٻختاور جي اکين ۾ التجائي چهري تي عاجزي لهي آئي قلندر جو ناءُ هر گهڙي قلندر جا واسطا ڏيئي پنهنجي جهيڻي آواز ۾ عزيزن کي منٿون منٿون ڪري رهي هئي ته کيس پنهنجي خاندان جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو وڃي. مٽ مائٽ چار چڱا کيس سمجهائي رهيا هئا ته هو پنهنجي هوڏ تان لهي وڃي. کيس ماضيءَ جي دردناڪ واقعن جي ياد ڏيارڻ، لڳا، ته هن کي ڪيئن پنهنجا پڪا ڇڏڻا پيا ....

اڄ کان پنجاليهه سال اڳ جي ڳالهه آهي هن نئين ڪنوار جو سرخ جوڙو پهري جيئن ئي اڱڻ ۾ پير پاتو ته چئني طرف ڪل خوشيءَ جو ماحول هو پري پري جي ڳوٺن جا مٽ مائٽ اچي گڏ ٿيا هئا. هرڪو هن جي قريب اچڻ پئي چاهيو، ننڍيون ننڍيون نينگريون هٿن تي مهندي لڳل ڪاين جا پرس پريل سهڻا پهراڻ پهريل پريون جيان ڇهڪي رهيون هيون. ننڍڙا ننڍڙا گلاب جي گلن جيان ڇوڪرا ٻوسڪي ۽ ٽيريڪاٽ جي سلوار قميص ۽ زريءَ جي پرس پريل ٽوپين ۾ شهزادن وانگر ٻهڪي رهيا هئا. ٻختاور جي من ۾ منيون منيون ترنگون ڪوڪ (وڄ) وانگر وراڪو ڏيئي خوشين جي اٿاهه ساگر ۾ ملي پئي ويون، هوءَ اکين ۾ ڪئي سندر سپنا سجائي پنهنجي من اندر محبت جي تاج محل کي سانڍي پنهنجي خوابن جي شهنشاهه شمشير جي قدمن جي آهٽ جو انتظار ڪري رهي هئي. اوچتو ننڍين نينگرين جو ڪلڪو پئجي ويو. ”اڙي آيو سوڍل خان ٻختاور تنهنجو جوڙل خان“ ان آواز تي سندس ڪنن ۾ سونهن شهنائيون گونجي اٿيون. هن پنهنجا ڳرين پلڪن وارا پنل شرميلا نيڻ آهستي مٿي کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. گلاب جي پنکڙين جهڙي نازڪ چپن ۾ ئي شمشير جو ناءُ ڳڻهيو. هڪ

ن مٿل هئي . هن کي پنهنجي هوش پنهل سان ملڻ جو
ر هو . هت پڇي انتها ڪندي چيائين ، "مون حياتيءَ جا
ڙا سال ان گهڙيءَ جو انتظار ڪيو هو ."

سيٺي پڌرو ۾ هيئا ته هن جي خواهش ڪيئن پوري ڪريون
و اُن ڏوھ طرف وڃڻ ڪٺڻ مشڪل هو . سيٺي کي چوڌريءَ جو
ڪاڻ هو . جو هن چيتاوني ڏني هئي ته اگر ڪنهن به اُن
ت طرف قدم وڌايو ته اُن جي زندگيءَ جو انت ايندو . سيٺي
ڳالهه کي دهرايو . ان تي ساڳي پوڙهي عورت چيو ، هن
بخت جو انت ته اُن ڏهاڙي ئي اچي چڪو هو ، جڏهن
هاڙي سندس سهاڳ لٽيو ويو . هاڻي مٿل کي مارڻ مان ڪهڙو
ندو . ڪهڙو "انت" جهڙي نه ويچاري پنهنجي ور سان نه
ي پر مرڻ وقت ته پنهنجي خاوند جي پير ۾ آرامي ٿيڻ ڏيوس.
پوڙهيءَ جي ڳالهه مڃيندي عرض چيو ، بخاور اسين تنهن
ي اها خواهش ضرور پوري ڪنداسين . پوءِ چاهي اُن ثواب
ي ڪم ۾ اسان کي جان جي به بازي ئي ڇو نه لڳائڻي پوي .
ـي لفظ ٻڌندي ئي هن جي ٽڙندڙ روح کي راحت ملي . هن
ي چپن چور ڪئي . "ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ آئي
رت ..ان ملڻ جي گهڙي، مان آيس، اچو آيس." پيءَ ساعت
ن جو پراڻ پکيئڙو آزاد ٿيڻ جهان جسماني قيد مان پرواز
ڪري ويو.

شمشير ۽ سندس ماءُ اُتي ٽڪي ٽي ٻارجي ويا. بختاور پنهنجي جڳهه تي ماتم ڪندي رهي. سڀني تي ٽڪ هڻي پنهنجي هوت پنهل کي سڏڻا ڪندي رهي. جيڪو گهڙيءَ ننڊ ۾ هميشه، هميشه لاءِ سمهي پيو. سندس ڳاڙهو جوڙو هن جي مقدر جي بادشاهه جو ڪفن بڻجي ويو. سڄو خاندان ئي ختم ٿي ويو. بختاور جي مائٽن هن کي اتان ڪڍي پنهنجي ڳوٺ وٺي آيا. ۽ شمشير جي پوري خاندان کي سندن گهر جي اڱڻ ۾ دفن ڪيو ويو. جو اڱڻ حق ۽ انصاف جي ناءَ طور چالو هو اهو اڄ قبرستان بڻجي ويو.

ڪالهوڪو ڏينهن هو چوڌري رمضان ڏاڙهي ملڪ مان اُٿي هٿين خالي پناه وٺڻ لاءِ آيو هو. شمشير جي والد کيس پناه ڏني. بس "آئي ناڻدي لاءِ پورچاٽي ٿي وئي." چوڌريءَ ڳوٺ ۾ اچڻ شرط ئي لٽ مار، چورئون ڌاڙا، خون خرابو شروع ڪري ڏنو. ڳوٺ جي بچاءُ ۽ امن امان جي خاطر شمشير جي والد چوڌريءَ سان مهاڏو اٽڪايو.

چوڌريءَ خلاف شاهدي ڏيڻ کيس ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ اماڻيو اُن ٿي چوڌريءَ کيس چيتاوڻي ڏني هئي ته جيستائين هن جو انس نه آڻيندو تيستائين سک جو ساهه نه کڻندو.

اڄ بختاور جو چڻ ساهه اُڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هو، هن جي ننڊ ٿي نه ائي نٽي. کيس سڀئي بد بخت ڪوئيندا هئا. بختاور زندگيءَ ۽ موت وچ ۾ ڪشمڪش ڪري رهي هئي سندس اهڙي حالت ڏسي هڪ بزرگ عورت چيو مرڻ واريءَ جي خواهش پوري ڪريو اڙي اهو وڏي ثواب جو ڪم اٿو. پوڙهي عورت جا اهي لفظ پڌي بختاور جي اکين جي جهيڻي روشني جي ڏئي جي هلڪي ومڪ ڦڙ ڦڙائي، چڻ کيس نئين زندگي ملي. اڄ تائين جيڪا هن زندگي گهاري اها زندگي

پنهنجي ساهرن ۾ ور گهر ۾ پوري هئي پر تڏهن به ڪڏهن ڪڏهن رس رواج ڏيندو هوس.

اوچتو ڪڏهن پاڙي واري درگا جي پاڙن کي ٻر واري شهر ۾ هڪ ڇوڪري جو ڏس ڏنو. درگا جي پاڙن مٽي مائٽي جي ڳالهه وچ انهن سان ڪئي. "لکيو لوهه ڪوهه پٽي" اهڙي پڇا ڳاڇا نسي ڪانه ٿي گهر به ٻڌ ٻڌياد وارو هو، ٿوڻ پڻ مائٽي ٿي ويئي. پر درگا ڇوري مان شادي اصل ڪين ڪريان. اڙي شادي ڇو ڪين ڪندينءَ؟ هوءَ اصل ماٺ جواب نسي نه ڏني. هن گهڻو ئي نه نه ڪئي پر سندس پاڙن ۽ پاڇائين جي اڳيان هڪ به ڪين هلي ۽ شاديءَ جي تاريخ به طئي ٿي ويئي. انهن تي هن ڪاليج ۾ تعليم ڪين پرائي هئي پر اسڪول ۾ ڏهه درجا ضرور پڙهي هئي.

شاديءَ جي موقعي تي مٽ مائٽ ۽ سندس پيڻ ان آيل هئي. وڏڙيءَ جي ڦيرن ڪانپوءِ آيو ودائيءَ جو وقت. هن اصل روئي ڪري رڙ ڪيا. اوڙي پاڙي وارن سمجهيو ته ڇوڪريءَ جا ماءُ پيءُ ڪانه آهن انڪري انهن کي ساري ڪري پئي هنجون هاري. درگا ڪڏهن کي ساري رهي هئي اها هڪ ڪيس خبر اي مالڪ کي..........

درگا جي شاديءَ کي اڃ ڏهه مهينا ٿي ويا هئا. هوءَ پيرو گهمڻ ڪرڻ لاءِ پاڙن وٽ آئي. سندس پيڻ ماڻا جي خواهش هئي ته درگا هن جي گهر ۾ گهمڻ اچي. آئي پئي پيڙ رهي چڱيءَ طرح دل جا حال اورين. درگا کان ماڻا ڪيترا پيرا اڪيلائپ ۾ پڇيو درگا تون خوش نه آهين، توکي ساهرن ۾ ڪا تڪليف ته ڪو نه آهي. تون شادي ڪرڻ کان ڇو انڪار ڪري رهي هئين؟ درگا ماڻا جي انهن سوالن جو ڪو به جواب ڪو نه ڏنو. قسمت سالڪي ماڻا جي نراڻ به اچي نڪتي جيڪا

واسنا جو واسبنگ

دُرگا جي من ۾ ڪئي طوفان اٿي رهيا هئا. جيئن جيئن وڏيءَ جو وقت ويجهو اچي رهيو هو تيئن تيئن هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿيندي پئي ويئي. ڪنهن سمجهه ۾ نه پئي اچي ته هوءَ پنهنجو حال ڪنهن سان اوري. سندس ماءُ اڌپڻ ۾ ئي گذاري ويئي هئي. هو ٻالڪ ۾ ٻه ڀائر ۽ ٻه ڀينر هيون. سندس ڀيڻ ۽ ٻن ڀائرن جي شادي ٿي ويئي هئي. هوءَ سڀ کان ننڍي هئي. ماءُ جي گذاري وڃڻ ۽ پيءُ جي غير حاضر هئڻ ڪري سندس سار سنڀال لهڻ وارو ڪو به ڪين هو. ڀائر ۽ ڀاڄايون پنهنجن ڪمن ۾ پورا هوندا هئا. هوءَ پنهنجي منهن سنهن گهمندي وتندي هئي. ائين ته هوءَ گهر جي رڌ پچاءُ ۽ ٻئي ڪنهن ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائيندي هئي. ڪم ڪرڻ جي ڍنگ ۽ چستي، هٿ هٿ ۾ وجهڻ ڪري روئي پاٽيءَ جو ڪم جلدي اُڪلجي ويندو هو. دُرگا جون ڀاڄايون وڃي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ آرامي ٿين. هوءَ اوڙي پاڙي جي گهرن ۾ نڪري وڃي.

دُرگا رنگ روپ جي سٺي، اکيون هرڻيءَ وانگر وڏيون، ڳالهائڻ ناز نخري ۽ انداز وارو. هميشه اکين ۾ موج مستيءَ ۽ خمار، جڏهن به لنگهي اُتان ڄڻ بهار جي مند جو خوشگوار جهوٽي وانگر مهڪ ڦهلجي وڃي. ائين ته گهر ۾ سندس ڪير خبر خبر ڪانه لهندو هو، پر اوڙي پاڙي، مٽن مائٽن جي چوڻ تي ڀائرن ۽ ڀاڄائن جا ڪن ڪڙا ٿيا. ڇوڪري وڏي ٿي ويئي آهي. نياڻيءَ جو ڪٿي ڪارج ڪريو. ٻون ٻون ڪري ماڻهن اصل ڀائرن ڀاڄائن جون ڪڙيون ٽپائي ڇڏيون. سندس وڏي ڀيڻ جو ته ان سلسلي ۾ مهني پيڻ رهين ڏينهن خط ايندو هو. ائين ته هوءَ

ٽيليفاني موڪلڻ جي لاءِ ڪيس آگاهه ڪيائون ته هوءَ ٽرقي آئي چيائين ”لائين نه ڪريو مون سان ايترو ظلم نه ڪريو.“

سندس ڏهوٽ چيو، ”درگا اسين ان فيصلي تي پهتا آهيون ته ان بدناميءَ کي گمناميءَ جي اونداهه ۾ ڦٽو ڪجي. هينئر جو هينئر انکي اناٿ آشرم ۾ ڇڏي ايندا سين. تو جهڙيءَ عورت کي جيئڻ جو حق ته نه آهي پر اسين شريف آهيون. اڪيون ٻوٽي توکي هن گهر ۾ رهڻ جي جاءِ ڏينداسين ۽ ان وقت جي روٽي توکي ملي ويندي.“ درگا ٻڌرئن ته شرم وچان دڙڪا داب سهندي رهي. پر جڏهن ٻار کي ٽيليفاني موڪلڻ جي ڳالهه ٻڌائين ته ٽرقي آئي. چيائين، لائين نه ڪريو مون سان ايڏو ظلم نه ڪريو. سندس ڏهوٽ چيو، ظلم ته تو اسان غريبن سان ڪيو آهي. اسين زهر جو ڍڪ پي ان بدناميءَ کان اڪـ پوت ڪريون ٿا پر....... درگا چيو، نه نه، لائين نه ڪريو. ڦٽاڪندس، گاريون گندا ملڻ جي باوجود درگا چوي مان پنهنجي رت کي الڳ نه ڪندس. درگا جي ان وهنوار تي ساهرن کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. چيائون ته پوءِ تون به هتان رانو راس ٿيڙ ٻڌ ۽ رانو راس درگا کي سندس پيڪن وٽ ڇڏي آيا:

جڏهن سندس پائرن ۽ پاڇائن کي خبر پئي ته ڪيس مارڪٽ، گار گند خوب ڪيائون. سندس پيءُ مايا کي به گهرايو ويو. ڪانونس ان بدنامي لاءِ ڪير جوابدار آهي ان باري ۾ پڇيو ويو. ڪنهن توٽي ڪلنڪ لڳايو، ڪير آهي جنهن تنهنجي زندگي زهر ڪئي؟ مايا چيو، تو اسانکي ٻهرئن ڇو نه ٻڌايو تون جڏهن مون وٽ هئينءَ توکي ته ڄاڻ هئي منهنجي نراڻ ڊاڪٽرياڻي آهي. تو سان قرب به هئس تو تڏهن ڇو ڪين ٻڌايو اها توکي ان پاپ کان نجات ڏياري ها. درگا تو هيءُ ويل پاڻ سان ڇو ڪيو. گهٽي چوُ چوُ تي نيٺ درگا پنهنجي پاڙي واري ڇوڪري

ڊاڪٽرياڻي هُئي. تنهن به درگا کان ڪلهي پڇيو توکي ڪا تڪليف ته ڪانه آهي اگر ڪا تڪليف هجي ته مونکي ٻڌاءِ مان ڊاڪٽرياڻي آهيان مون وٽ هر مرض جو علاج آهي. مايا ڪلهي نراڻ کي ڇيو ڏيندي توهان اهڙي ته انداز ۾ ڪائونس پڇي رهيا آهيو جو ڄڻکي ڪا تڪليف ٻه هوندي ته اوهان جي مسڪراهٽ ۽ مزاج اهڙو آهي جو هر مرض لاپته ٿي ويندو. مايا، مايا جي نراڻ ۽ درگا گڏجي ڪري شام جي چانهه پيئنديون هيون.

درگا جڏهن پيڻ جي گهران واپس موٽي ته هوءَ وڌيڪ اُپاٽڪي ٿي وئي. وقت گذرڻ لڳو پر اهو وقت، وقت کان اڳ ئي پهچي ويو جنهنجي ڪنهنکي ڄاڻ ئي ڪانه هُئي. جڏهن درگا جي ماءُ ٻڻجڻ واري خبر ساهرن کي پئي ته سندس ساهرن منهن مٿو پٽڻ شروع ڪيو، ڪيس پٽ ڄائو. سندس گهوٽ بيحد پريشان، عزت وارا ماڻهو اصل ٿيءَ ۾ پئجي ويا. سندن گهر ۾ ماتم وارو ماحول هو جو درگا جو پٽ هن خانداني ڪٽنب جو وارث نه بلڪ ڪنهن ناجائز رشتي جو ڦل هو. ڪائونس ڪئي سوال ڪيا ويا پر درگا اصل پڇ پهاڻ. سندس ساهرن کي سمجهه ۾ نه پيو اچي ته اهڙي شرمناڪ حادثي تي ڪهڙيءَ طرح ماتم ڪن. اگر ٻڙڪ ٻولين ٿا ته پوري شهر ۾ خوار خراب، اگر ماٺ ڪن ٿا ته هر ڪنهن جي زندگي زهر. سڀني ڪٺ پاسيرو صلاح مصلحت ڪئي ته هن بدناميءَ کان ڪيئن ڇوٽڪارو پاتو وڃي. هن بدناميءَ جي داغ کي ڪنهن يتيمخاني ۾ ڇڏي اچجي. گهٽي ئي قبلعدت ڪيائون ته تو جهڙيءَ عورت کي جيئڻ جو حق ڪونه آهي، وري به اسين شريف انسان آهيون توکي هن گهر ۾ ڪٺ پاسيرو رهڻ جي منع ڪين ڪنداسين. ان وقتن جو روئيءَ ٽڪر توکي ملندو. درگا ڀورين ته درڪا داب ٻڌندي رهي. پر جڏهن ٻار (ڇوڪري) کي

پري پري کان شرڌالن جي ڀيڙ گڏ ٿيڻ لڳي.

درگا کي گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ مندر ٺاهي ڏنو ويو.
...وءِ رات ڏينهن اُن مندر ۾ مٿو ڌاري ويٺي هوندي هئي.
...نيا ليکي هن مٿن ماڻهن جي موه مايا کان پاند آجو ڪيو
...ـي پر درگا ۽ ممتا جي موه مايا کان پاڻ کي آجو نه ڪري
...هي. سندس زبان تي ٽالا لڳي ويا، هوءَ خاموش ٿي ويٺي پر هوءَ
...اد جي حاصل ڪرڻ جي آس مان جند آجي نه ڪري سگهي. دنيا
...ءِ ۽ درگا ديوي ٻڻي، لوڪ پرلوڪ جي موه مايا مان ڇوٽڪارو
...صل ڪيو پر نه، انهن نه هو. جن ڇوٽڪارو حاصل ڪيو سي
...ا سندس ور گهر ۾ "واسنا جو واسينگ" ڏنگيو.

درگا جي ساه کي ۽ ممتا جي موهه واري واسينگ ڦڻ
...ـڏي منهن ڇڏيو ...... درگا جو سڄو ساه ۽ ممتا جي موه
...اٽڪي پيو.

دليپ جو ٽالو ٻڌايو جيڪو هنجي بدناميءَ لاءِ جوابدار هو. هنن دليپ کي ڦٽڪار ڏني پر دليپ صاف انڪار ڪري ڇڏيو ۽ چيائين، مون تي اهو ڪوڙو الزام آهي. ماڻهن وٽ ٻي ڪا واهه ئي ڪانه هئي سواءِ ان جي ته درگا جا پيئر ڪيس پاڻ وٽ رکن. بدناميءَ جي داغ (ٻار) کي هنڪان ڦري راتو رات وڃي يتيمخاني ۾ ڇڏي آيا. درگا کي پيئرن ۽ ڀاڄائين سخت تاڪيد ڪئي ته ٻڙڪ نه ٻولي، هوءَ زبان نه کولي. چپ تي ڄڀو لڳائي، منهن تان مايوسيءَ کي مٽائي روزمره جي زندگيءَ ۾ لڳي وڃي.

درگا جيڪا نينگر نما ڏٺي هرڻيءَ وانگر ڇالون ماريندي هئي اها وحشي شڪاريءَ جي شڪارڪان گهايل ٿي اڌ مئل حالت ۾ پيڪن جي در تي پهتي رهي. سندس زبان تي تالا لڳي ويا. سندس پيئرن هنجي ماهرن کان وچن ورتو ته اها ڳالهه ڪٿي ٻاهر نه ڪندا. هنن وراڻيو اسين خود عزت جا ماريا آهيون. اسين ٻڙڪ به نه ٻوليندا سين. اهو ته ٿيو پنهنجي پيرن مان لاهي منهن ۾ هڻڻ. مٿان وري اوڙي پاڙي وارن جي پڇن ۽ پڇن ته پيڪن ۾ ڀلا ڇو اچي ٽڪي آهي. سندس ڀاڄاڻن ماڻهن جو منهن بند ڪرڻ لاءِ چيو درگا کي ديوي آئي آهي. درگا کي سپني ۾ ديويءَ درشن ڏنو ته هوءَ سنساري سکن کي تياڳي. درگا خاموشيءَ سان ٻڌندي رهي. ڳوٺ ۾ اها خبر باهه وانگر ڦهلجي وئي. اٿي درگا کي ديوي آئي آهي ديوي .... ديوي .... ديوي درگا .... هن سنساري سکن کي تياڳڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ماڻهون ڪيس ساراهڻ لڳيون چون، ڏسو نه مائي "جواڻ جماڻ" ننڍي نينڍي سهڻي شهزادي سنساري سکن کي تياڳي ڇڏيو اٿائين. تياڳ جي مورتي آهي. ڪيس ڏسڻ لاءِ ماڻهن جي پيهه وڌندي وئي. درگا ديويءَ جي درشن

ش عشرت ۾ مصروف . هن جي هر صبح انهين رنگينيءَ *
ي .... منهنجي هر رات اگنيءَ جي چڪما ٿي ....
نئين صبح نئون عذابن ۾، اهو هرگز نه ٿيندو ....
گز نه ..... مان ان جو انت آڻيندس .... آن کان بدلو
ندس ....

هڪ دفعو وري هن جا پيالا ٽهڪ .. .... بدلو .... ..
او .... لفظ ٻڙاڙو ٻڌجي وارو منڊل ۾ گونجي اٿيا .

رام ۽ رشما جي ملاقات ورشا جي شاديءَ تي ٿي هئي .
ورشا ۽ هوءَ ڪاليج ۾ گڏ پڙهنديون هيون . ٻنهي جي ٻاڻ ۾
رام سان ساهيڙپ هئي . هوڏانهن رام ورشا جي پيءُ جو تمام
ئو دوست هو . ڏسڻ وائسڻ ۾ چڱو، ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو مٺو،
ن جي نگاهه جڏهن رشما تي پئي ته هن رشما کي پنهنجي
ئم چار ۾ ڦاسائڻ چاهيو . هوءَ نالي ۾ ته رام هو پر سندس
د ٽون راوڻ جهڙيون هيون . جام شراب، راڳ رنگ جي محفل
ت نين دوشيزائن جو ساٿ، معصوم ڇوڪرين کي پنهنجي
ڏي جملن جي ڄار ۾ ڦاسائڻ ۽ ڪناري تي پهچائڻ کان اڳ
پهدار ۾ ڦٽو ڪرڻ، ڪي لاچار بيوس ڇوڪريون مائٽن ۽
ماج جي خوف ڪري ڦڪيل زندگيءَ جي ڪڻن ۾ غوطا کائڻ
ڳنديون هيون . ٻئي طرف رام مردن طرفان جوڙيل سماج ۾
رفت سان ٿري پار پوندو هو . شاديءَ واري موقعي تي ئي رام
رشا جي پيءُ سان پنهنجن جذبن جو اظهار ڪيو . ورشا جي پيءُ
پيو موقعو ملڻ تي مان ٿنهنجو اهو پيغام رشما تائين ضرور
پهچائيندس .

ڪجهه عرصي کان پوءِ هن پنهنجي پيءُ جي اڳيان رام جي
رشما سان شاديءَ جي باري ۾ ڳالهه ڪئي . اتي يڪدم هن
دي عمل ظاهر ڪندي چيو پاڻو ! ”ڪمال ٿا ڪريو، توهين

بدلو

بدلو ...... انتقام ...... ها اُن شخص کان بدلو جنهن مونکي بي عزت ڪيو. عذاب ڏنا ...... نازڪ ۽ خوبصورت جسم تي ڏنڀ ڏنا. جنهن ٻانهين وانگر ٻڌو رکيو ڪرايو. مون سان جانورن جهڙو ورتاءُ ڪيو. مونکي اُن کان بدلو وٺڻو آهي. جنهن منهنجي زندگيءَ جون ڪئي بهارون گهوڙن جهڙي ڪڙهم واري اونداهي گهر ۾ غرق ڪري ڇڏيون. مان اُنکي هرگز معاف نه ڪنديس. جيڪي خوبصورت ڪومل نازڪ هٿ اڳي ڪير وانگر چمڪندا هئا، جو چهرو گلاب جي گل جيان ٽڙندو هو تنهن مان نيريون نسون ليڪا ٻاڙڻ لڳيون آهن. جي ڪاريون ڪجراريون اکيون ڏيئن جيان چمڪنديون هيون، سي ڏرا ڏيئي ڇوري کي ڀيانڪ روپ عطا ڪري رهيون آهن. جن ليٽڻ جي نهار تي سوين دليون گهايل ٿي وينديون هيون سي اڄ مونکي خوفزده ڪري رهيون آهن. نه نه هيءَ منهنجون اکيون نه آهن. هيءَ ڀيانڪ خوفزده ڪندڙ اکيون، گلابي چپ ڪارائنجي ويا آهن. واسينگ جهڙا لهرائيندڙ زلف ناريل جي ڪلن جيان ٻٽ ٻٽجي ويا آهن هيءَ آئينو مونکي ياد ڏياري رهيو آهي ماضيءَ جي اُن خوشگوار حسين ڇوري جي ۽ اڄ ...... اڄ .. هيءَ آئينو مونکي منهنجو ڀيانڪ اڄ ٻسائي رهيو آهي.

اڄ ...... منهنجو حال ...... ها - ها - ها ...... ريشما جا ڀيانڪ ٽهڪ ڪمري ۾ چارون طرف گونجڻ لڳا. هن ميز تي زور سان گلاس ڦٽي ڪندي چيو — مان، مان اُنکي زندگي ماڻڻ نه ڏينديس. مان اُن وحشيءَ جي اولاد کي جنم ڏيان هرگز نه ...... اڄ مان بدلي جي باهه ۾ ٻري رهي آهيان. انتقام جي شعلن جي لهس ۾ ٻڙڪي رهي آهيان ۽ هو ...... هو......

ـر رام جون عادتون نه مٽيون. ٿهانئين به قدم اڳتي، هن لاءِ
صرف عذاب ئي هئا. رام جو همٿ به هارڻ لڳو. هوءَ ڪوششون
ڪري ڪري ٿڪجي پئي. نرڪ جهڙي زندگيءَ کان بيزار ٿي
پئي. هن جي من ۾ ڪئي طوفان اٿڻ لڳا. جيئن جيئن هوءَ
رام کي پرکڻ لڳي هن جو ڀيانڪ روپ هن جي اڳيان ظاهر ٿيڻ لڳو.

رشما کي جڏهن خبر پئي ته هوءَ ماءُ بڻجڻ واري آهي
ته هن کي پوري رات ننڊ نه آئي. جڏهن انسان کان کيس نفرت
هجي ان جو اولاد پيٽ ۾ سانڍي جيڪو ان نيچ شخص وانگر
هن جو خون پي وڃي وڃڻ ٿيندو. اهو احساس هن کي هر گهڙيءَ
هر پل ستائڻ لڳو.

”مونکي اهڙو اولاد نه کپي. مان ان کي هن جهان ۾
اچڻ ڪو نه ڏيندس. هن پون ۽ پالاري مٽيءَ جي سڳنڌ، آڪاش
۾ پکين جي اڏام هرگز نه ڏسڻ ڏيندس. مان انجو هن جهان
۾ اچڻ کان اڳ ئي انت آڻيندس.“

جڏهن سندس ارادن جي سندس ساهيڙيءَ ورشا کي
خبر پئي ته هن کيس سمجهائيندي چيو، ”رشما متان اهڙو
بيوقوفيءَ جو ڪم ڪرين.“

ان وچ ۾ رشما جو پيٽ گذاري رهيو. هوءَ جڏهن ماءُ وٽ
آئي ته ممتا کي وڇوڙي جي پيڙا ۾ تڙڦندو ڏسي هوءَ پنهنجو
ڏک ئي ڀلجي وئي. کيس مائٽن لاءِ ڪئي شڪوا شڪايتون
هيون پر وقت ۽ حالتن کي ڏسي خاموش رهي. جيئن جيئن
وقت گذرندو ويو تيئن تيئن هن جي من ۾ پيڙا وڌڻ لڳي.
ڏکن مٿان ڏک ـ سندس ماءُ به جلد گذاري وئي. مالڪ کي
ڪجهه ٻيو ئي منظور هو. شايد نئينءَ آتما کي هن جهان ۾ اک
پٽڻي هئي. حالات ۽ مجبورين ۾ جڪڙجي وئي. رشما کي ورشا

ڪنهن جي پٺيان ڳالهه ڪريو؟“

سندس پيءُ وراڻيو، ”منهنجي نوجوان روپ روپيو رام جي، پيو ڪنهن جي. هو روپ روپيو نه بلڪ هن جا الڳ الڳ روپ آهن.“ ورشا ڪاوڙجي چيو، ”توهان کي هن جي باري ۾ سڀ ڄاڻ آهي پر تڏهن به توهين منهنجي ساهيڙيءَ جي باري ۾ ڳالهه نٿا ڪيو. مونکي ته اوهان جي ڳالهه تي اصل حيراني ٿي لڳي.“

ان تي هن زور ڀريندي چيو، ”تون ڳالهه نه ڪندي ٿس. تون اڻ سڌيءَ طرح رام جي زندگيءَ جي ٻئي پهلوءَ جي باري ۾ به ڄاڻ ڏين، باقي مالڪن جي مرضي. مان پنهنجي جوابداري پوري ڪريان ۽ تون پنهنجو فرض.“

ورشا رشما جي ماڻهن سان ڳالهه ڪئي ۽ ڪين رام جي عيش عشرت واري زندگيءَ طرف به اشارو ڪيو. رام جي انهن سان ملاقات ڪرائي وئي. رام ڳالهائڻ جو ته اڳ ئي ماهر هو. تنهن يڪدم رشما جي ماڻهن کي پنهنجو ڪري ورتو.

رشما جي آنا ڪانيءَ ماڻهن جي پڌرو ...... ها نه .... ها نه .... رام ڪنهن اهڙي گهڙيءَ رشما جي تمنا ڪئي جو انڪار اقرار ۾ بدلجي ويو. لکيو لوهه ڪوٽ پئي چڙهي.

رشما زندگيءَ جي نئين ڏاڪي تي پير رکيو. هنکي پاڻ تي وشواس هو. هن پڪو ارادو ڪيو ته هوءَ رام جون عادتون بدلائيندي. ان جو ساڳيو روپ نه رهندو پيار ۾ وڏي شڪتي هوندي آهي. وري رام ڳالهائڻ جو ته اڳ ئي ماهر هو پر چوڻي آهي ته ”هيري سندي هير ڏنگ پڪي به نه لهي“ رشما جهڙي سگهڙ گهر ڌياڻيءَ جي باوجود هو ٻاهر واجهائيندو رهندو هو. رشما هنکي سمجهائي پريشان ٿي وئي

"مان پوري زندگي هن نرڪ ۾ گذاريان، هن چار ديواريءَ
ـي گهٽ ۾ پوڙهيان. هن جيئن ئي وهه واري ڪمري جو چوڌو
ار طرف وڌايـو تـه، ٻار رانڀاٽ ڪرڻ شروع ڪري اوڙو پاڙو
ڪري مٿي تـي کڻيائين. ٻاڙي واري ٻار جي رانڀاٽ تي جيئن
ي گهر اندر ڊوڪي آئي ته هنجي هٿان ڪمري جو ڪٽورو ڪري
چي پٽ پيو. اُن وچ رام به اچي نڪتو سندس ارادن تـي
پاڻي ڦري ويو. جيئن ئي اهو ارادو ڪري ڪا نه ڪا ازغيبي
طـاقت هنجي ارادن ۾ رنڊڪ وجهي. وقت گذرڻ سان هن ايمان
ڻ ڏئل حادثن جـو خطرو وڌڻ لڳو. اڄ جيئن ئـي هوءَ ارادو
ورو ڪرڻ لاءِ آئي ته معصوم مڙئي هنجو پلاند ڪري جهليو.
رشما جيئن ئي پلاند ڇڏائڻ جـي ڪوشش ڪئي ته هنجو پلاند
ينگهي ۾ اٽڪي پيو. معصوم مڙئي زور زور سان ٺهڪ ڏيڻ
شروع ڪيا: رشما واڙي تي وئي هوءَ گهوري ڪري ٻار طرف
نهارڻ لڳي: اهڙا زوردار ٺهڪ ...... ٻار ...... مان ...... مان....
مان ...... مـان ڪري ٺهڪ ڏيڻ لڳو. هن اڄ پهريون ڀيرو
ڏيءَ کي ڇتائي ڏنو ته ممتا جي موهه ۾ ڦاسي پئي. مهانڊا
ڇ مشڪ بلڪل رشما وانگر. هنکي لڳو تـه، چڻ هنجو ننڍي پڻ
موٽي آيو آهي. سندس ماضي موٽي آئي آهي هوءَ گهٻرائجي
وئي. اُن وچ ورشا به اچي وئي. ٻانهه کان جهليندي، چيائين،
"رشما ڏس هيءَ بلڪل تـو وانگر آهي، تنهنجو ننڍڙو روپ
آهـي. متان ڪو غلط قدم کڻين، متان پنهنجو پاڻ سان وشواس
گهات ڪرين." رشما ڌيءَ کي ڇڪي ڪري ڇاتيءَ سان لاتو.

ورشا جي وڃڻ کان پوءِ هوءَ گهٻرائجي وئي. هن سوچيو موٽڪي
هن معصوم جي زندگي وٺڻ جو ڪو حق نه آهي. اگر موٽڪي
ند لو ولڻو آهي ته اُن شخص کان وٺان هن ابهم کهڙو گناهه ڪيو.
هن پڪو ارادو ڪيو تـه هوءَ رام کـي جيل جـي هوا

سمجهائيندي چيو، "تون بدلي وڃڻ وارو پنهنجو ارادو ترڪ ڪري ڇڏ. بدلو .... بدلي وڃڻ جي ماڻهن ڪٿي پنهنجو پاڻ کي نه نقصان رسائين. پنهنجي عذابن ۾ نه اضافو ڪرين. رشما تنهن آتما کي جنم وڃڻ ڏي. سڀ جا ڪرتا - چنڊ جي چانڊوڪي ۽ ڪائنات جي حسين منظرن کي پسڻ ڏي."

رشما حالات ۾ جڪڙجي وئي. هوءَ ماءُ جي گهر ۾ ئي رهي پئي. اتي ڪيس ڏيءُ ڄائي. هن فيصلو ڪيو ته هوءَ رام وٽ نه ويندي. هن جي ٻن تي ٻوجهه وڌڻ لڳو. رام کي جڏهن ڪن دوستن وٽان ان ڳالهه جي خبر پئي ته هو رشما کي وٺڻ آيو ۽ پنهنجي اولاد جي حق جي تقاضا ڪيائين. رشما جي پيڪن وٽ رهڻ ڪري پيائرن ۽ ڀاڄائين سان هنجي دوري وڌڻ لڳي. هن حالات سان بردبار ٿي مقابلو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هوءَ وقت جو بيچيني سان انتظار ڪرڻ لڳي. هنکي ته رام کان بدلو وٺڻو هو. هن پڪو پهه ڪيو ته رام جيئن ئي ڏيءُ جي موهه مايا جي جار ۾ جڪڙجندو تڏهن مان سندس اولاد جو انت آڻيندس. جيئن هو پوري زندگي تڙپندو رهي. هن رام وٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. رشما دل ئي دل ۾ چيو، جڏهن هنجي ڳچي تي لت ايندي تڏهن ئي هنکي احساس ٿيندو.

بدلي جي ڀاونا رشما کي پاڳل ڪري ڇڏيو. جيئن هوءَ ٻار جو انت آڻڻ چاهي ڪانه ڪا رنڊڪ اچي وڃي. ٻار جي ڳلي طرف هٿ وڌائي ته ٻار مسڪرائڻ لڳي. بدلي وٺڻ واري هنجي ڪنور دل مجبوريءَ ۽ بيوسيءَ جي ڀنور ۾ غوطا کائڻ لڳي. هنجا هٿ ڏڪڻ شروع ٿين. هڪ ڏهاڙي هن پڪو ارادو ڪيو ته اڄ ان جو انت آڻيندي. هنجي مٿان بدلي جو ڀوت سوار ٿي ويو. هوءَ باهه ۾ ٻرڻ لڳي.

ڪي ڇڏيو. ورشا مان جيئڻ چاهيان ٿي، مون پاڻ ڪان بدلو
رتو. مون هيءَ ڇا ڪيو؟ هڪ طرف ڇوڪريءَ جا رانياڻ
ي طرف رشما جون ھچڪيون. زندگيءَ جي ڏور ھٿان وڃڻ
ي ملال. هنجي اکين مان لڙڪ لڙي آيا ۽ وات مان رت جي
ڪاري .... هن جو ڪنڌ جهڪي ويو ....

ڪارائيندي. مان هن ٻچڙي مان پاڻ کي آزاد ڪرائيندس. مونکي پنهنجي زندگيءَ تي پورو حق آهي. رام کي پنهنجي قتل جي الزام ۾ ڦاسيءَ تي لٽڪائيندس. پنهنجي زندگيءَ جي انت ۽ آپگهات لاءِ رام کي جوابدار ٺهرائيندس. هن ورشا ڏانهن خط لکيو ۽ پاڻ آپگهات لاءِ فيصلو ڪيو. ورشا کي جڏهن خبر پئي ته هوءَ ڊوڙندي ريشما وٽ آئي. ان کان اڳ ريشما زهر پي چڪي هئي. ريشما بيڙا ۾ تڙڦي رهي هئي. ورشا هڪي چيو، "تو هيءُ ڇا ڪيو؟ ڇو ڪيو؟"

ريشما وراڻيو، "مون بدلو ورتو. رام ڦاسيءَ جي ڦندي تي چڙهندو تڏهن ئي مونکي آرام ايندو." ورشا چيو، "ريشما تو هن کان بدلو نه ورتو بلڪ پنهنجو پاڻ کان بدلو ورتو آهي." ٻار حالات کان بي خبر مسڪرائي ماءُ ڏانهن مان...... مان...... مان ڪرڻ لڳي. بلڪل ننڍڙي ريشما لڳي رهي هئي. ريشما جون هڇڪيون ڏسي ٻار زور زور سان روئڻ شروع ڪيو. مان مان...... ڪري پلاند پڪڙي ورتو. ورشا چيس، "ريشما تون پنهنجي معصوم ڌيءَ جو ته خيال ڪرڻ ها. تو رام کي نه پر پنهنجو پاڻ کي سزا ڏني آهي. هيڏي وڏي جهان ۾ هن معصوم کي ڪير سنڀاليندو؟ تو پنهنجي نياڻيءَ کي ممتا جي ساءِ کان محروم ڪري ڇڏيو. تو بي گناهه نياڻيءَ کي سزا ڏيئي پنهنجو پاڻ کان بدلو ورتو آهي.

ريشما روئي ڏنو. ها مان پاڻ کان بدلو ورتو، بدلي جي باهه مونکي انڌو ڪري ڇڏيو. مان ڪيڏي نه نادان هيس، منهنجي اکين تي انڌ جون پٽيون چڙهي ويون. مان ماءُ نه پر ڏائڻ آهيان. اجگر جهڙي اناٿ دنيا ۾ پنهنجي ڌيءَ کي نانگن جي حوالي ڪري ڇڏيم. پنهنجي.... پنهنجي ڪومل ڪليءَ کي گل ٻڻجڻ کان اڳ ئي لتاڙي ڇڏيم. مون نياڻيءَ کي نرڳ ۾

رهاڳي جي ڪري سنڌ مٿ مانت ۽ اولاد سڀ لڏي
ندوستان هليا ويا. پر هو پنهنجن پراڻن پڪن ۾ نئي ٽرسي
ـئي. ٽير سان ڪيس پٽ، پوٽا، ڏوهٽا، ڏوهٽيون اصل وڏو
ڪٽمب هيس. مڪين جي گهراڻي سان واسطو هيس. نوي
رهين ٽائين هوءَ رڱل گاڏيءَ ۾ ڪاڻ چڙهي هئي. پر ڪڏهن
ڪنهن گهر ته ڪڏهن ڪنهن گهر ۾ جوتلو پاڻي پئي ڦرلدي هئي.
ڪٿان روٽيءَ ٽڪر مليس، ڪٿان لسيءَ جو گلاس، ته ڪٿان
ڪرڻ ماني، ڪٿان مٺائي مڙي پيا وري ٽڪاڻي مان ڪٿاهه پرساد
ڻ هن جو نيم هيس. ڪوهر ڪٿان پوئيءَ جي ڪنڊ ۾ پئي
ڏ پندي هئي. مٿان اگتي هلي هيانءُ ٻ رڪي ته پڻ ٽي ڪوهر
ڪٿان ڪانئي پاڻي پيان. ڪپري مان پئي اگڙيون مڙ پندي ۽
وه ڌ وني پوئي آهي ڪپڙا رلين وارين کي وڪڻي، جيڪي
و رتون ڪپڙن کي رنگ ڏئي ٽڪ وارون رليون ٺاهيندا يون
يون. هر آلتو فالتو شيءِ مان پئي ڪم ڪڍندي هئي. پئي
ڙس نوس ڪندي هئي. همٿ پيا ڏڪندا هيس، تڏهن ٻـ
ڪٿي پيگل ٽل ٽانو نظر اچيس ته ڪٽي وٺي.

پرمي ماءُ جا ڏهي ليڪڙ ڏسي ڪي ڪيس مٿهن تي چڙهي
ڏ پندا هئا، اڙي پرمي ماءُ ڪنهن لاءِ ٿي هڏ هڻين، جو ٿي اهڙا
ڪدا ڪم ڪرين. بس پوءِ ته مرچ لڳي وڃنس. ڪاوڙ ۾ اچي
ڙ ندا ڏ پندي چوي مٿا مارپا پساڙ پنهنجو، مون پڊ ڙيءِ ٿي پيا
خوليون ڪريو. هيءَ سنسار فاني آهي اهو جاڻندي به هوءَ
پنهنجي عادت تي آخرين گهڙيءَ تائين قائم رهي. سڀ ڪجهه
هٿين خالي ڇڏي هن جهان کي الوداع ڪري رمندي رهي.
چوڻي آهي ته ”ڪنهن جو ڪنهو ڪير ڪالي.“ سو هڪ پري جو
ذات پائي برادريءَ جو ناٿو وني مرڻ گهڙيءَ وقت اچي سنڌس
وارثي ڪئي. پائي ساڻ پنهنجو گهر پرپو. هوءَ سدوري ٽائين
ٽي نره. نيراڻي مري وئي.

پٽ سو چٽو پيسو

ڇوٽي آهي تہ ڪو هوند مان اڻ هوند ڪري تہ، ڪو اڻ هوند مان هوند. پر ڪي هوند - سوند وارا وٽن ڪک ٻن چونڊي پيدا. وٽن ٺيڪ ٿي چيو آهي ”هيري سندي هير ٽنگ. پڳي بہ نہ لهي.“ لائين تہ پيسو جو چڱي ڀلي گهر سان واسطو هو. نہ اڄ ناموس بہ چڱو هين. پر .... پيسو ڪهڙن گهڙن ۾ جنم ورتو جو سڀ ڪجهہ هوندي بہ سندس ترڻ تي ٻہ، اکہ اڪي پولس. پيسو جا افعال ڏسي مونکي پرمي ماءُ جـي شڪل اکين آڏو تري آئي. شايد عمر (90 نوي ورهين جـي لڳ ڀڳ هوندس. ڇهري تي وقت جي ٻوڙهين ليڪن جا تڪا نشان، چپاهہ تـي عمر جـي مار جا، ڇپي چپاهہ ڪٻ ڪيڏي سندس عمر جي پري ڪان واقفيت ڏيندي هئي. رنگ ڪارسرو بت قد ڪاٺيءَ جـي پوري پني، نہ سنهڙي سپڪڙي نہ وري سڀر. اکيون اندر پيل، نڪ ۾ نٿ ۽ نٿ ۾ هڪ وڏي ڳاڙهي چوني، پاسي ڪان بہ وڏا موتي، چونيءَ جـي نٿ سان گهوڙي جي ڪاري وار سان پڌي، اُن وار کي ڇڪي وچ سينڌ مان گهلي ڪري پٺيان چونيءَ ۾ چانديءَ جـي ڪڙي سان اٽڪائي سوگهو ڪندي هئي. گهٽو ٽٽو نيري سوسيءَ جـي سٿڻ ۽ اڇو پهراڻ پهريندي هئي. مٿي تـي ململ جـو رئو. لائين تہ ٺنڊين وٽن جـون مرادون پوريون ٿيڻ تي ڦل وائل جا روا ۽ پلش گل ۽ اڌ پلش گل وارا وڳا بہ ملندا هئا. پر پرمي ماءُ کي اهي وڳا پهريندي ڪنهن ڪونہ ڏٺو هو. اهي وڳا ڪيڏانهن ويندا هئا سا هڪڙي ڪيس خبر پئي ڏاڏيءَ کي.

ماڻهون ڪيس جهاڙ ڦوڪ لاءِ وٺي ويندا هئا. لائين تـہ سندس تعلق وڏي گهراڻي سان هو پر افعال هميشہ ساڳيا ٿي.

هڪ ڏهاڙي منهنجي ساهيڙيءَ جو ريشمي رومال ڪري
پيو. ڪيس رومال ڪرڻ جو پتو نه ڪين پيو. ڳالهين ڳالهين
۾ اهو اتان کڻڻ نه هنکي وسري ويو. اوچتو ان وقت پيسو
اچي نڪتو. سندس نگاهه اهڙي شرط وچي رومال تي پيئي.
ريشمي رومال ڏسي هنجي دل ۾ هرکي پيئي. سو ڳالهيون
ڪندي، ڪندي اچي رومال مٿان پير رکي بيهي رهيو. مان ۾
هنجي ان انداز ۽ عمل کي ڏسندي، ڏٺو اڻ ڏٺو ڪيو ۽ ڳالهه
ي در گذر ڪيو. هن ڪرسي رڙهي سيڙهي ڪري رومال پرسان
رکي منهنجي ساهيڙيءَ ته رومال وساري رمندي رهي. پر منهنجي
نگاهه ان تي اٽڪيل هئي ته ڪٿ تان اهو ريشمي رومال کڻي
تو کسڪائي. هن پنهنجو رومال کيسي مان ڪڍيو ۽ هٿ اگهندي
چاٽي - واٽي هيٺ ڪيرائي ڇڏيو ۽ نظرون هيٺ هوڏي ڦيريندي
چيائين منهنجو رومال ڪاڏي ويو. ڪن پل ۾ پيرن طرف
نهاريندي چيائين اجهو هيءُ پيو آهي ان ريشمي رومال سان
ڏ لائين وڙهي سيڙهي ڪري ڪنيائين جو کل ني ڪانه پيئي.
رومال کڻي ڪري کيسي ۾ وڌائين.

ان ڏهاڙي مون پيسوءَ کي دل کولي دل ني دل ۾ داد
ڏيندي چيو — خوش رهه پيسو! چا ته ڪمال ڪيو اٿيئي.
ي مثل چوُ مٿر جادو ني فن ڏيکاريو اٿيئي. واهه ڙي واهه !!
مت سوُ چٽا پيسوُ ....

مان پيسو جون اهي عادتون ڏسي سوچيندي آهيان ته
هيءَ ڪنهن جي لاءِ ٿو ڪوڙ ڪمائي. ننهن، پٽ، ڏيئر، پوٽا
۽ پوٽيون سڀئي چڱي مانيءَ مڇيءَ وارا سي انهن وٽ هن سان
ساٿ ته نه ڏيئي سگهندا. چوري چاهي ننڍي هجي يا وڏي،
چوري ته چوري ئي آهي. هيرن جواهرن جي چوريءَ کي به
چوري چئبو ته ترڪل جي چوري به چوري ئي ٿي. اها ٻي ڳالهه
آهي ته ڪي اُن کي هٿ جي صفائي، چالاڪي يا کسڪائڻ جو
ڏانءُ چئي داد ڏين يا وري حيرت ظاهر ڪن. پر ڏٺيءَ جي
درگاهه ۾، ڌاڙيل، ڪانڪو چور يا وري هٿ جي صفائيءَ وارا
ٻئدا هڪ ئي قطار ۾ ڏوهاري قرار ڏيئي ٻاهر يا ويندا.

هو ڳالهائڻ ۾ تيز ۽ چالاڪ پرزو هو. جيڪو جهڙن خيالن
جو هوندو هو اُن سان اهڙو ئي راڳ آلاپيندو. بس ڪن گهڙين
اندر ئي اڳلي کي پنهنجي هٿ وس ڪري ڇڏي. هڪ دفتر
مان ٻئي دفتر، هڪ دڪان تان ٻئي دڪان، هڪ پنچائت
گهر کان ٻئي در، هڪ مندر کان ٻئي ٽڪاڻي مطلب ته اُتر،
ڏکڻ، اولهه اوڀر چئني دشائن ۾ پيو ورو. سڀني وٽ ڪيس وهڻ
جي جاءِ ملي وڃي. بس ڳالهين ڳالهين ۾ هٿ جي صفائي اهڙين
ڏيکاري جو ڏٺي به ننڍي وڏي شيءِ کي کسڪندو ڏسن، ته به
شرم وچان ڏٺو اڻ ڏٺو ڪري ڇڏين. سوچين هاڻي خسيس
ڳالهه لاءِ ڏسڻي وائسڻي کي ڇا شرمائجي. ڪٿي پين لکندي
لکندي کڻي کيسي ۾ وجهي. ڪٿي ڪنهن دفتر ۾ ڊسٽر نظر
اچيس ته بوٽ صاف ڪندي ٽڪرو ڪري ۽ ٻڙهي سيڙهي کڻي
يا وهڻ وقت ڪرسيءَ کي ڇنڊڻ جي بهاني ٽڪر ڪري ڪرسيءَ
تي رکي ڪلاڪ اڌ وهڻ کانپوءِ ظاهر آهي ته مالڪن کي ڳالهه
ڌيان ۾ نه رهندي ۽ هو کڻي رمندو رهي يا وري ڪنهن جي
نگاهه پوي ته اک ٻوٽ ڪري ڇڏين.

لڇمڻ ڪويتا کي چوڻ کان جھليندي چيو، ”اڇا تہ
ن اڄي سياڻي ٿي وئي آهين.“

ڪويتا مرڪ ڏيندي چيو، ”ها، هاڻي مون ڪاليج ۾
داخلا ورتي آهي.“

ان تي لڇمڻ ٽوڪ وچان کيس چڙائيندي چيو، ”ڪاليج
ڀلا بي وقوف ڪونہ ويندا آهن ڇا؟“

رام ٻنهي کي ماٺ ڪرائيندي چيو، ”اڙي ٻهرڻن مون
ٻڌيءَ جي تہ ڳالهہ ٻڌو.“

ڪويتا چيو، ”ها، توهين مون ۽ ٻڌيءَ جي ڳالهہ ڇڏيو
هو چو نہ، ٿا چئو تہ ....“

لڇمڻ وچ ۾ ئي ڪويتا جي ڳالهہ کي ڪٽيندي چيو،
”تہ مان وڏي ٿي وئي آهيان هاڻي ڪاليج وڃان ٿي، منهنجي
، شادي جلد ڪرايو.“

لڇمڻ جي ڳالهہ تي ڪويتا مرڪ ڏيئي ڪري منهن
ڇايو.

سڀئي کلي ڏنو —

شاردا مڙس طرف نهاريندي چيو، ”هيڏانهن اسان جا ٻار
ڪيڏا نہ خوش آهن. اسان جو گهر سرڳ ٻڻجي ويو آهي.“

سندرداس شاردا کي چيو، ”تو ٺيڪ ٿي چيو هو تہ رام
ي ٻار ٻولندو تہ سٺو ٿيندو. هو ڪويتا ۽ لڇمڻ جو ٻار ڇڱيءَ
طرح ڪڍندو. رام مون سان ڌنڌي ۾ ٻانهن ٻيلي ٻڻجي اڳ ۾ ئي
منهنجو اڌ بار هلڪو ڪيو آهي.“

وقت گذرندي ويرم ئي نہ ٿي، رام جي شادي طئہ ٿي
ئي. گهر ۾ شاديءَ جون تياريون شروع ٿي ويون. شاردا
منهنجا زيور الڳ ڪري رکي رهي هئي تہ سندرداس شاردا
ن پڇيو، ”تون هيءَ ڇا ڪري رهي آهين؟“

پڇتاءُ

سندرداس وچولي طبقي سان واسطو رکندڙ سباجهو، ايماندار ۽ محنت مزدوري ڪندڙ اخلاقي انسان هو. انسانيت ئي هن جو مذهب هو. سندس زندگيءَ جي صرف هڪ ئي خواهش هئي ته پنهنجو اجهو هجي. ان خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن محنت ڪري پگهر جي پورهئي مان پائي پائي بچائڻ لڳو. سندس ان ابلاشا ۾ سندس گهر واري شاردا به ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺي. هن جو اصول هو ته "صرفو ڪر ته پٽ هنداءِ" قادر جي قدرت ۽ مهر سان سندس اولاد به سهائو هو. جهڙا پٽ رام ۽ لڇمڻ هيس، اهڙي ئي ڌيءَ ڪوشلا لائق ۽ سلڇڻي هيس. رام لڇمڻ جي جوڙيءَ کي مائٽ حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسندا هئا. ٻئي پاڻ ماءُ پيءُ جا آگياڪاري هئا ۽ پڻ تي ساهه ڇڏيندا هئا. سائين جي مهر سان سندن سهڻو آشيانو به اڏجي ويو. چوڻي آهي "جنهن تي رب راضي تنهن کي لهر نه لوڏو."

نئون صبح نئون اميدون کڻي آيو شاردا ۽ سندرداس پنهنجي ولر سان نئين اجهي ۾ اچي آباد ٿيا. ٻنهي جي چپن تي مٺي مرڪ ۽ اکين ۾ سرهائي هئي. نئين گهر ۾ ٿانئڪي ٿيڻ کان پوءِ شاردا پنهنجي گهوٽ کي چيو، هيڏانهن "منهنجي من ۾ اڃان ڪي مرادون آهن."

سندس گهوٽ چيو، "ڪهڙيون؟"

شاردا ناز واري انداز سان چيو، "گهر ۾ نئين ڪنوار اچي. منهنجي عمر وچي ٿي وڌندي، ننهن اچڻ سان گهر ۾ رونق به ٿيندي ۽ ڪم ڪار ۾ مون سان ٻانهن ٻيلي به ٿي پوندي."

ڪوشلا ماءُ کي چيو، "رام لڇمڻ ٻنهي جي ڪري شادي ڪريو. "ايڪ پنٿ دو ڪارج" ٻئي خرچ کان بچي پونداسين.

پر سيتا سچ پچ ڪلجڳ جي دور ۾ ستجڳ جي سيتا
وارو فرض نڀايو. سس سهري جي شيوا ۾ ڪائي ڪسر ڪانه ڇڏي.

خوشيءَ خوشيءَ ۾ وقت گذرڻ لڳو. لڇمڻ ڪاليج جي
پڙهائي به پوري ڪري ورتي. شاردا گهر ۾ صلاح ڏني ته لڇمڻ
۽ ڪويتا جي شادي گڏي ڪري ڇڏيون. انهن تي لڇمڻ لاءِ
ڪافي مٽيون مائٽيون به اچڻ لڳيون هيون پر ڪويتا لاءِ ڪو
برابريءَ وارو خانداني گهر اڃا نه پيو ملي. ان تي رام ماڻڪ کي
چيو، "مان توهان ڪويتا جو فڪر ڇو ٿا ڪريو، اسين ٻئي
ڀائر گڏجي ڪري هن لاءِ سٺو گهر تلاش ڪنداسين. اسان جي
ڀيڻ جا پاڻ، پلا ڏيندا."

ان وچ ۾ لڇمڻ کي سٺي نوڪري به ملي وئي. رام مائٽن
کي صلاح ڏني ته لڇمڻ جي شادي پلي طئه ڪريون پر ڪويتا
لاءِ تڪڙ نه ڪريون. لڇمڻ جو رشتو سيٺ لکميچند جي
ڪيلڏي ڌيءَ ريتا سان طئه ٿيو. اهو خاندان انهن تي سنڌ ۾
ڏي ماليءَ کان لاچار هو پر هتي هندوستان ۾ اچي لکميچند
جا اصل پاڻ تي وري ويا. اصل تري هٿي تخت تي ويٺو.
موٽرون، ڪارخانا، بنگلا، نوڪر چاڪر، فئڪٽريون، فارم هائوس
وغيره.

شاديءَ جي وقت شاردا پنهنجي گهوٽ کي چيو ريتا نالو
نئين زماني جو آهي. مان ريتا جو نالو مٽائي راڻي رکندس.
"راڻي راڄ ڏياڙي". لڇمڻ جي ريتا سان ڌوم ڌام سان
شادي ٿي.

شاديءَ کان پوءِ شاردا ريتا کي پيار وچان راڻي ڪري
ڪوٺيو ته ريتا لڇمڻ کي پاسيرو وٺي چيو، "ڪمال آهي ريتا
نالو پلا خراب آهي جو مون کي راڻي راڻي ڪري ٿي
ڪوٺي."

هن وراڻيو، ”مون آس ڪئي هئي تہ هيءَ پنهنجو هار رام جي ڪنوار کي ڏيندس. چوڙا ڪوٺا کي ڏيندس، ڪوٺا جون ٻانهون مون وانگر گول آهن. هنکي ڏاڍا سهڻا لڳندا. باقي پنهنجا هيءَ جهومڪ ليمڻ جي ڪنوار لاءِ رکندس.“

سندرداس چيو، ”ڪوٺا ۽ ليمڻ جو پنهنجو نصيب آهي. هر ڪنهن جو پنهنجو ڀاڳ. تون هرو ڀرو فڪر ٿو ڪري رهين آهين. شاردا لائين ڇو پئي سوچين، رام ويٺو آهي هو گهڻو ڪجهہ ڪندو.“

ان تي شاردا وراڻيو، ”هيڏانهن توهان کي ماءُ جي دل جي ڪهڙي ڄاڻ، جيترو اولاد اوترو ئي دليون. پنهنجي ڪا نشاني ڪوٺا ۽ ليمڻ لاءِ بہ تہ رکان. مئي کانپوءِ منهنجي نشاني ڏسي ياد تہ ڪندا.“

”شاردا هيءَ تون ڇا پئي چوين؟“

شاردا وراڻيو، ”سڀ صحي تہ چوان ٿي.“

خوشيءَ وچان سندس اکيون ڀرجي آيون. هن گهوٽ کي چيو، ”هيڏانهن شاديءَ وقت ڪنوار جو نالو ضرور مٽائجو. مون تہ اڳ ئي سوچي رکيو آهي، سندس نالو سيتا رکندس.“

گهر ۾ رونق لڳي پئي هئي چارون طرف ڪل خوشيءَ جو ماحول .... سامت سوڻ لاڏا جهومر ....

خير سان شادي پوري ٿي. هر ڪو مت مائٽ پنهنجي پنهنجي گهر روانو ٿيو. اڄ وري گهر جا سڀئي ڀاتي گڏجي چانهہ پي رهيا هئا. سندرداس چيو، ”شاردا تو رام جي ڪنوار جو نالو سيتا رکي تمام سٺو ڪيو.“

ان تي رام کلندي چيو، ”ڊئڊي توهين اجائي تعريف نہ ڪريو هيءَ ڪلجڳ جو دور آهي نڪي ست جڳ جو.“

سان جي جيتري ٿي ٿي وڃي."

رام دلاسو ڏيندي چيو، "مسي توهين ڪو ٻا فڪر ڪريو
ڳوان ڀلو ڪندو. في الحال ڀيڻسي جي ٿوري تنگي آهي. پر
وهين چنتا نه ڪريو. سيتا جا ڏينهن ڦرڻا پيا آهن. هاڻي ته
ڇوڪري کي به سٺي نوڪري ملي آهي. نياڻيءَ جو ڀاڳ ڀلو ٿيندو
سين پنهنجي ڀيڻ جي شادي ڌوم ڌام سان ڪنداسين."

رام جي ڳالهه ٻڌي ليڇمڻ خاموش ٿي ويو. پر جيئن ئي
يتا کي ان ڳالهه جي سڌس پئي ته هن جي لڱڻ کي باهه لڳي
ئي. اسان کي به پنهنجو اجهو لاهڻو آهي. هن ننڍڙي گهر ۾
جي عمر جانورن وانگر گهٽ - پوسامت واري زندگي ٿورئي
گذاريندا سين، بهتر آهي ته پنهنجي جوابداري پاڻ کڻن. ويٺا
ن ڳالهه تي گهر مان به گهر ڪري ڪيا. اصل ڳالهه مان ڳالهوڙو
ڪري ڪيائين. ننهه جي ان ونهوار تي شاردا اچي اوچنگارن
ر ڇٽڪي روئندي چيائين خبر نه، آهي اسان جي گهر کي
ڪنهنجي نظر لڳي آهي. سندس گهوٽ آٿت ڏيندي چيو،
"شاردا ان ۾ به ڪا رب جي رضا آهي. دراصل اهڙين حالتن
لاءِ مان پاڻ جوابدار آهيان، مان ئي ڏوهاري آهيان. مون
ڪوريءَ سان مٽي مائٽي جوڙي. هن جي گهر جو بڻ بڻياد
ي نه ڏٺو. مون ان کي ڏٺو اڻ ڏٺو ڪيو. اڄ منهنجو فيصلو
منهنجي آڏو آهي. وڏا ٺيڪ ٿي چوندا هئا ته بڻ بڻياد ڏسجي."

گهر ۾ روز روز جي گهوٽي - پٽڪي ۽ ننهه پٽ جي
هلت ڪري سندس دل کي وڏو ڌڪ رسيو. ان صدمي سندرداس
جي زندگيءَ جو بڪ ورتو. سندرداس جي موت شاردا کي
صفا ڇوڙي ڇڏيو. هوءَ به ڪجهه ڏهاڙن کان پوءِ وڃي پرماتما
کي پياري ٿي.

ان تي لڇمڻ ريٽا کي سمجهائيندي چيو، "وڏن جي دل رکڻ ننڍن جو فرض آهي."

هن موٽ ڏيندي چيو، "مونکي اهڙو نالو بلڪل پسند نه آهي." ريٽا جي ايمان جي اها شروعات هئي. هر ڳالهه جا ٻه مطلب ڪڍڻ هن جي عادت بڻجي وئي.

هڪ ڏهاڙي ڪلي نوڪ نموني لڇمڻ کي چيائين، "اوهان جي ڀاءُ جو نالو رام سندس زال سيتا اوهان جي ڀيءُ ماءُ......"

لڇمڻ وچ ۾ ئي ڪٽيندي چيو، "ريٽا آئينده ان طرح جي مذاق نه ڪجانءِ."

ريٽا جي هن گهر ۾ پير پائڻ سان خوشحال ڪٽنب ۾ چارون طرف ٻه اکيائيءَ جا ڪارا ڪڪر ڇانئجڻ لڳا. وقت ٻه وقت ڪمين پيشين لاءِ لڇمڻ کي دهائي ڏيڻ هن جي عادت بڻجي وئي. هوڏانهن رام ۽ سيتا کي چنڊ جهڙو پٽ ڄائو. چارون طرف خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي. پر ريٽا جو من ٻرُ هو. سندس من ۾ ڀيانڪر طوفان هو. "ماڻهن پڳي ڪانه ڀڃي پون." ريٽا سڄو ڏينهن لڇمڻ جا پٺيان ڪن ڀريندي هئي. نيٺ وڃي هنکي پنهنجي پيٽ تي آندو.

هڪ ڏهاڙي هن گهوٽ کي چيو، "نيٺ اسان جا ٻه ٻار ٿيندا. اوهين پنهنجي ٻارن جي باري ۾ ڪجهه ته سوچيو." ريٽا اصل اٽي مان وار ڪڍڻ لڳي. ويچاري شاردا اندر ئي اندر ۾ جهرندي رهي ۽ ويٺي سوچيندي هئي ته هن گهر کي خبر نه آهي ڪنهنجي نظر لڳي وئي. هن جو اصل پرماتما مان وشواس ئي کڄڻ لڳو. ڳالهه ڳالهه تان هڪ ڏهاڙي شاردا پنهنجي وڏي پٽ رام کي چيو، "لعل ڪرشنا جي شاديءَ جو مونکي ڏاڍو فڪر آهي. نياڻي وڃي پنهنجي گهر سکي ٿئي. حياتيءَ تي ڪوئي ڀروسو نه آهي. مان چاهيان ٿي اهو ڪم

ذاهبون ڏکه سون

عادل ۽ ڪونج هڪ ئي ڳوٺ ۾ رهندا هئا، ٻئي ننڍي هوندي کان وٺي هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئا. سندن ٻالپڻ ڳوٺ جي گهٽين، ٻارن، باغ بغيچن ۾ سير سپاٽي ۾ گذريو. ڪڏهن واريءَ جي ڍڳن تي رانديون ڪندي، ڪڏهن باغن ۾ لامن تي لڏندي ۽ امبڙيون پٽيندي، پير کي پيرن هيٺ ڏيندي، ڪڏهن نار مان وهندڙ پاڻيءَ جا ڇڪ ۽ ڍڪ ڀريندي.

وقت گذرندي ويرم ئي نه ٿئي. انهن جي زندگيءَ جون ڪيئي بهارون انهن ئي گذري ويون. ڪالهه ڪل ئي ڪاله ٻئي. ٻئي اسڪولي تعليم ختم ڪري ڪاليج ۾ پهتا. ٻالپڻ کي الوداع ڪري جوانيءَ ۾ پير پاتائون. ڪونج جي ماءُ ننڍپڻ ۾ ئي گذاري وئي هئي. ڪونج جو ابو هاري هو.

پر هو علم جو قدردان هو. هو سمجهندو هو علم بادشاهه آهي، علم کانسواءِ انسان انڌو آهي، زندگي نامڪمل آهي. ڪونج کي پيار ۽ پاڻ پوهه مان چوندو هو، "تو پٽڙي مان توکي ضرور پڙهائيندس." ڳوٺ ۾ پڙهڻ جي سهوليت ڪانه هئي. هن پر واري ڳوٺ ۾ ڌيءَ کي پڙهڻ لاءِ موڪليو. هنکي انڪري پنهنجن مٽن مائٽن ۽ عزيزن جا طعنا طنڪا سهڻا پيا. هن پڪو ارادو ڪيو هو. هر مشڪل سان منهن ڏيندو پر ڪونج کي پڙهائيندو ضرور. ڪونج کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. هوءَ ذهين به هئي. نت نيون سوچون هن جي ذهن ۾ جنم وٺنديون هيون. اهي تخليقي سوچون من اندران ڪو ڦوهڙيندي آبشار جيان ٻاهر ڦٽي نڪرنديون هيون ۽ اُن وهندڙ آبشار مان سندس قلم بي بها موتي سهيڙيندو خوبصورت تخليق جو روپ وٺندو هن سماج جي هر اوڻائي ۽ ڪميءَ رڳن

ڪوشلا پنهنجي زندگيءَ کان بيزار ٿي وئي. هوءَ محسوس ڪرڻ لڳي ته هوءَ ئي سڀني ڳالهين لاءِ جوابدار آهي. جو سندس شاديءَ جي ڳالهه تي جهڳڙو ٿيو. ماءُ - پيءُ جي ديهانت جو دک، دائڪ حال ٿو ٿيو. گهر گهر نه رهيو، گهر مان ٻه گهر ٿي ويا. ڪوشلا کي ٽن لٽن ۾ ودا ڪيو ويو. گهر ۾ ڪل ڪل کهپيءَ ڪري آئي ليکمي به موت کائي وئي.

اڄ وڪامجي ويو. سڄو جهڳڙو گهر نرڪ بڻجي ويو. رام ۽ سيتا پنهنجي پت کي وٺي ٻئي شهر هليا ويا. هوڏانهن ليکمڻ ريتا جي رمز ۾ اچي ڪري سڀ ڪجهه وڃائي ويٺو. پيءُ - ماءُ، ڀاءُ - ڀيڻ خوشحال ڪٽنب. هو پنهنجي ساهرن جي رحم ڪرم تي زندگي گذارڻ لڳو ۽ تنهائيءَ ۾ رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. ماءُ - پيءُ، ڀاءُ ڀاڄائي، ڀيڻ وڃائي ٻي برباد پو ٽيدائي ڪٽنب سان ذلت آميز زندگي گهارڻ لڳو. هن ماضيءَ جا ڏينهن ياد ڪري روئي ڏنو.

—x—

رف سندس پيءُ هيڏو زميندار هو ته ٻئي طرف هن جي ماءُ
ـه، ڪا گهٽ حڪم هلائيندڙ حاڪم زادي ڪان هئي. هن جي
ائهن جي لوڏ ڏسڻ وٽان هوندي هئي. ڪٿي پاڻهيون سندس
ڳو پيچرو ڪندي اُردليءَ ۾ لڳل هيون. هڪ گهرندي هئي ته
ه لهندي هئي. عادل سندن سڪيلڌو اولاد هو. پيرن
ئيرن ڪان پئي وڙتو هٿاڙن. لائين ته ڪونج به پيءُ-ماءُ جي
سڪيلڌي اولاد هئي. پر هوءَ قسمت جي ماريل هئي. ننڍي پڻ
ر ئي ممتا جي ساڃي کان محروم ٿي وئي هئي. ڏکن ڏولاون
ئي هندوري ۾ پلي لپي.

هوڏانهن سڪيلڌي پٽ عادل جي ماءُ جـي من ۾ ڪٿي
راڌون هيون. پنهنجي برابريءَ وارن سان سڱ ڳنڍڻ جـي تمنا
هئي. ڪين اها چاڻ ڪاه هئي ته عادل ۽ ڪونج جي دنيا ئي
ـرالي آهـي. عادل اوچ ليچ جـي ديوار ڪيرائڻ واري سوچ
ـرکندڙ فـراخ دل ۽ ذهين نوجوان هو. ڪاليج جـي سرگرمين ۾
ڪونج ۽ عادل ٻئي زور شور سان ڀرو وٺندا هئا. ٻنهي ڪانسواءِ
جڻ محفل جو رنگ ڦڪو لڳندو هو. جتي عادل ۽ ڪونج
موجود آتي محفل متل. ممتان وري ٻنهي ۾ علم ادب جو بي حد
ذوق. جنهن ٻنهي کي وڌيڪ ئي قريب آندو. ٻنهي زندگي
ڪڏهي گهارڻ جو فيصلو ڪيو. پر کين چاڻ نه هئي ته هنن جي
ـز لدگيءَ تـي هنن جو نـه ٻلڪ ٻئي ڪنهن جو حق هو. جڏهن
ـڙهائـي پوري ڪري واپس ڳوٺ وريا تـه ماحول ۽ حالتون
ـدلجي چڪيون هيون. اميري - غريبيءَ جـي ديوار وچهندڙ
ـولادي ديوار سندن آڏو هئي. هنن جـي چاهڻ جي باوجود به
ـڪجهه ڪين وريو. عادل جي مائٽن پنهنجي پٽ جو امير خاندان
ـم رشتو طئه ڪيو. عادل گهڻي نه نه ڪئي پر ڪجهه ڪين وريو.
سندس ماءُ کيس پنهنجي ڏيج جـو واسطو ڏنـو. هو حالات ۾

رسمن جي سچائيءَ سان اوگهڙ ڪئي. جا سچائي سماج جي نام نهاد ٺيڪيدارن کي بد صورت ۽ ڀيانڪ لڳندي هئي. ڌيءَ جي شوق کي ڏسي سندس هاري پيءُ دڪ سڪ ڪندي ڌيءَ کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ جو فيصلو ڪيو.

هڪ طرف هڪ اڻ پڙهيل پورهيت جا اهڙا سهڻا آدرش ته ٻئي طرف تنگ نظريي ۽ ذهني سوچ کان کوکلن ذهنن لاءِ هن جو علم پرائڻ ۽ قلم کڻڻ رڳو عيب ڀانئيو ويندو هو. هن جي تعليم جي ترقيءَ ۾ سماج جا نام نهاد ٺيڪيدار نت نيون رڪاوٽون وجهڻ لڳا. سندس غريب پورهيت هاري پيءُ جو حق کسي ان جي پورهئي جو استحصال ڪري مالي دشوارين جي اوڙاهه ۾ ڌڪي هن خلاف نت نئين سازشن ۾ رڌل هوندا هئا. ڪيس دل شڪستو ڪرڻ لڳا، جيئن هو ڪونج جي اڳتي پڙهائيءَ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏي پر هوءَ پنهنجي ارادي ۽ عظم جو پڪو هو. رات ڏينهن پورهيو ڪندو رهيو. مسڪين پيٽ کي پٽيون ٻڌي ٻه ڏوڪڙ گڏ ڪري ڌيءَ کي پڙهائيءَ لاءِ هٿائڻ لڳو. پنهنجي مالي دشوارين لاءِ ڪنهن جي اڳيان ٻُرڪ ڪونه ٻوليندو هو. بس سندس ته اهوئي اصول هو، ”ٻاجهي ٻڪ ٻرم جي، شال نه وڃي شان.“

زهر جن جي زندگي
ڏک تن جو ڏيج
سي ڪيئن سمهن سيج
جن جي سنگت سورن سان.

هڪ طرف ڪونج اهڙي غريب ڪٽنب ۾ اک ٻٽي، ٻئي طرف عادل جي خاندان وٽ زر زيور، مال ملڪيت، ٻنيون ٻارون اَن پاڻيءَ جا انبار، ڌٽيءَ جي سندس مٿان مهر هئي. جنهن لڪشميءَ جو واسو هجي اتي غرور به اچي ڏيرو ڄمائي. هڪ

ند هڻي .... ڪڙان .... ڪڙان ... . ڪڙان ....

پنهنجي سڪيلڌي پٽ جي اهڙي حالت ڏسي سندس ماءُ ڦي آئي، هڪ طرف پٽ جو غم ته ٻئي طرف، انهس زاڏي ه جا ڏنب. سندس غرور چڪنا چُور ٿي ويو. ڪنهس حالتن پر پشانين گهيري ورتو. حاڪم زادي جهري پئي. ڪونج ـي آگڻ وڪون ڪٽي هوءَ آئي ۽ هن سان پنهنجو دردي استان اوريندي اصل چلڪي پئي. ڪنهس آزي نيزاريءَ سان بيالين، "ڌيءَ تون ڏاهي آهين. تو علم پرائيو آهي. تون شعور آهين. مونکي راهه ڏيکار ۽ منهنجو پٽ ڏکي آهي. منهنجي لخت جگر جي خوشين موٽائڻ جو ڏس ڏي. مان عادل جي ماءُ آهيان. مون ڪنهس جنم ڏنو آهي. منهنجو شهزادي جهڙو پٽ جوانيءَ ۾ جهري پيو آهي."

ڪونج هن جي ڇهري طرف ڏسندي چيو، "تون ماءُ آهين؟ يا .... يا .... ڪيترا ناءُ آهن .... ڪهڙو ناءُ ڏيان توکي ... ؟ تو خانداني رٿئين رسمن ۽ سماجي پندڻن ڪي ڳاي لڳائي فيصلو ورتو .... مر پادا ۽ ڪوڙي ڏيکاءُ جو سهارو وٺندي پنهنجي اولاد کي صدقي جي ٻڪري بڻائي اُن جي خوشين جي قرباني ڏئي پنهنجي جگر جي ٽڪڙي کي ٽيج جو واسطو ڏئي گلن جي سيج تان ڏکي ڪنڊن جي سيج سجائڻ جو حڪم هلائي فرمان جاري ڪيو ۽ هن جي هر راس عذاب ڀري .... اذيت ناڪ .... تون ڪهڙي ماءُ آهين .... تو ته وقت کان اڳ ئي پنهنجي جوان پٽ کي پيرسن بڻائي ڇڏيو آهي. تون هاڻي ٻوڙها ڇو ڳاري رهي آهين .... تو ته ممتا جو گلو گهوٽي اولاد کي جوالامکيءَ ۾ ڏکي ڇڏيو. مسڪراهٽ کسي سندن لبن تي پيڙا جي مهر لڳائي ڇڏي. تو هن کي بهارن بدران ويرانن ۾ ڏکي ڇڏيو. مرڪ کي لڙڪن ۾ تبديلي

جھگڙي ويو. هڪ طرف پيٽ هئي ته ٻئي طرف ٻاھه.

ڏک ڏولاوا ته ڄڻ عادل ۽ ڪونج کي ورثي ۾ مليا هئا. الاهيءَ هنن جي دک دردن سان جھولي ڀري ڇڏي. ٻنهي جي من ۾ هڪڙي ته مالڪ جي من ۾ ئي. لکيو لوھا ڪرمت پٽي.

عادل جي ماءُ جي سوچ هئي ته ڏک صرف غريبن جي ميراث هوندا آهن ۽ اميرن جو ورثو صرف خوشيون. جيڪي ڏک سور هوندا سي صرف ڪونج جي جھوليءَ ۾ ويندا، جنهن ڪکائين جھوپڙيءَ ۾ اک پٽي آهي ۽ غريب گھر جي آڳڻ ۾ آئي وڌي آهي. منهنجو پٽ تہ مال ملڪيت، زر زيور ۽ نوڪر چاڪرن وارو آهي. عادل جاگيرن جو خالق آهي پر هو ڪيتري نه ڀليل هئي. هن سوچيو عادل وقت ۽ حالتن سان پاڻ کي ٺهڪائيندو. وقت وڏا گھاءُ ڀري ڇڏيندو آهي. عادل ته ڪونج جي پيار کي هڪ سادي لٽي جيان ٿوري وقت لاءِ هرڪي ڇھي ڪري ڦٽو ڪري ڇڏيندو. منهنجو شهزادو پٽ عيش عشرت جي زندگي ماڻي اڻ ڄاڻ نادانين وارن ڏينهن کي وساري ڇڏيندو. نئين زندگيءَ سان خوشي قدم ملائي هلندو. پر عادل جي امير حاڪمزادي ماءُ ڪيتري نه ڀليل هئي. عادل ته پنهنجي ماضيءَ جي يادگيرين سان لائون لهي ڇڏيون هيون.

ڪونج کي کھڙي خبر هئي ته هن جو علم ادب ۽ ڏاهپ هن لاءِ ترقي ۽ خوشحاليءَ جون منزلون نه بلڪ ڏکن جي سيج آڻينديون. ڏکن سکن ڪسي زندگيءَ جو حصو پاڻئي ڪونج علم ادب جا املهه ماڻڪ موتي ڳوٺ جي نينگرن ۾ ونڊڻ لڳي. نياڻين کي علم جي روشني عطا ڪرڻ لڳي. انهن ڪئي مضمون مضمون خزان .... بهار .... سرھاءُ .... انڌارو........ سيارو ..... دنيا جهان لاءِ مندن جو مضمون هو، پر عادل لاءِ صرف هڪ ئي

وارث - لاوارث

مان چمچل جي گهاٽين مان جڏهن بہ گذرندي آهيان تہ ونڪي ماضيءَ جو اهو حادثو ياد اچي ويندو آهي. جڏهن بس جي خراب ٿيڻ سان مسافرن کي اتي لاٿو ويو. ٽما شام جو قت هو سج جا ڪرڻا گهاٽن پٺان مـان سنهين سنهري ليڪن وجان ليٽا پائي رهيا هئا. اسين سڀ بس مان هيٺ لهي ٻهي هياسين بس ۾ وڻ وڻ جي ڪاٺي هئي. ٻار - ٻڍا امير - غريب الڳ الڳ جاين سان واسطو رکندڙ پر انهن سڀني مسافرن کي سفر دوران هڪ ٻي لڙيءَ ۾ ڳنڍي ڇڏيندڙ ماکيءَ جهڙي مٺي هئي مٺو. مٺوءَ جي عمر ٻي سال بہ نہ هوندي پر ڳالهيون ڇهن ستن سالن جي ٻارن وانگر ڪري رهي هئي. سندس ڏاهپ ڀريا ٻول ٻڌي مسافر ڏندين آڱريون ڏيئي رهيا هئا. ڪن پل ۾ ٿي هوءَ سڀني جي دلين ۾ گهر ڪري ويئي. مٺوءَ جا ماءُ پيءُ مٺوءَ جي مقبوليت کان اڻ واقف نہ هئا ڪين چاڻ هئي تہ سندن لاڏلي ڪن پل ۾ پرائن کي پنهنجو ڪري وٺندي آهي. بس ۾ چڙهڻ وقت هن مٺوءَ جو فڪر ڪرڻ ٻي ڇڏي ڏنو. جو ڪين چاڻ هئي تہ هوءَ مائٽ ڪري وهڻ واري نہ آهي پٽي ڦٽڪو ڪندي ۽ پنهنجي جاءِ ٻاڻ ٻي ٺاهي وٺندي ۽ ٿيو بہ ائين. هڪ بزرگ مسافر چيو تہ هين مٺوءَ جو فڪر ٻي ڇڏي ڏيو. مائٽس ڪلي چيو، "بلڪل اسان کي چاڻ آهي تہ اسان جي لاڏلي ڦري گهري موٽي ماءُ پهچندي. ڪڏهن ڪنهن مسافر سان ٻٽي ٻوليون ٻولي تہ ڪڏهن ڪنهن سان ٻٽي مٺيون لاتيون لنوي وري ڦري گهري اچي ماءُ جي هنج ۾ وهي."

بس جي خراب ٿيڻ سان سڀئي مسافر هيٺ لٿا. بس جي

ڪري ٿو پيار پرائن دلين کان جيئڻ جو حق ٿي کسي ڇڏيو ؟ هاڻي تون اهو حق طلب ڪري رهي آهين، جو حق پنهنجي اولاد تـي هٽڻ جو سمجهي تو حاصل ڪيو. اڄ اُن حق حاصل ڪرڻ کان پوءِ به تون وانجهيل آهين.“

عادل جـي ماءُ ڪونج جي مٿي تي هٿ رکندي چيو، ”تون تـي مونکي ڏکڻ لائي سگهين ٿي، عادل جي زندگي توکي به نه پياري آهي. ڏي ته تون ئي ڪا واهه ڏس. تـون ڏاهي آهين.“

ڪونج جـي اکين مان لڙڪ لڙي آيا ...... لبن تـي لرزش .... ۽ پوءِ ...... زوردار آهه!

السلهه ڏاهي م ٿيان،
ڏاهيون ڏکـ سهن.
(شاهه)

—ھ—

ٿيو، جڻ ڪنهن جادوگر طلسم رچيو هجي.

ڊرائيور چيو، ”رات تي وڃي آهي، جهنگلي جانورن جي وار ڪرڻ جو خوف آهي. انڪري بس جا دروازا بند ڪيا ويندا. سڀئي مسافر بس جي اندر ئي رهن. صبح ٿيڻ کان پوءِ هتان ڪوچ ڪبو.

منوءَ جي ماءُ پيءُ مٿان ته، قدرتي قهر نازل ٿي ويو. انڌياري ڪاري رات ماءُ جي ممتا کي ناڳڻ جيان ڏنگي رهي هئي. ان جي وهم جو اثر سڀني مسافرن تي جڻ چڙهي ويو. سڀني جا چهرا ڪارانجي ويا هئا. ڪجهه دير اڳ، منو جيڪا مٺڙا ٽهڪ ڏئي رهي هئي، سي وڌندڙ ٽهڪ گهاٽن ٻيلن ۾ گم ٿي ويا. هرڪو پرارٿنا ڪري رهيو هو، هي پالڻهار، سرشٽيءَ جا رچيندڙ تون دَيا ڪر. تون پرڪوپ کي ٽار. ڪاري انڌياري رات جو هيءُ طوفان ڏائڻ جيان ڏنگي رهيو هو. هرڪو پنهنجا پنهنجا انومان پيو لڳائي ته منوءَ کي مٿان ڪو ٻگهڙ، ڪو شينهن يا ڪو جهنگلي جانور نه کائي وڃي. جهنگل ۾ ته ناڳ بلائون ٿين ٿيون سي ته، ٻار کي نقصان رسائينديون. هرڪو پرارٿنا ڪرڻ لڳو، پرماتما تون دَيا ڪر. نيائي ڪنهن قبائلين ۽ جهنگلين جي ور نه چڙهي. جيئن جيئن ميٺهن جهوڙ ۾ اضافو ٿي رهيو هو تيئن تيئن هر ڪنهن جي من ۾ خوف به وڌندو پئي ويو.

هڪ طرف منوءَ جا ماءُ پيءُ ورلاپ ڪري رهيا هئا ته، ٻئي طرف ٻين جي اکين مان نير وهي رهيو هو ۽ جسم ۾ سيسرات پئجي رهيا هئا. سڀني کي صبح جو انتظار هو.

صبح جي اٿڻ ڪرڻ سان هرڪو اميدون کڻي هيڏي هوڏي منوءَ جي تلاش ۾ نڪري پيو. پر منوءَ جو ڪٿي به پتو ڪو نه پيو. اوسي پاسي جي ڳوٺن ۾ تلاش ڪئي ۽ پوليس

ڊرائيور چيو تہ بس کي ٺيڪ ٿيڻ ۾ ڪافي وقت لڳندو . منو
ڪڏهن ڪنهن سان مٺا ٻول ٻولي رهي هئي ، ڪڏهن ڪنهن
سان . سندس ماءُ پيءُ وڃي هڪ وڻ هيٺان آرامي ٿيا . ٿڌي
هير لڳي رهي هئي . ڪجهہ فاصلي تي سنهري سج جي ليڪ
نظر اچي رهي هئي . گهاٽن ٻيلن ۽ وادين مان لهندڙ سج جي
لڪ لڪوٽيءَ وارو حسين منظر هو ڏسي رهيا هئا. هوڏانهن منوءَ
هڪ مسافر کان ٻئي مسافر تائين ڊڪ ڊوڙ ڪري رهي هئي
اوچتو هن جي نظر هڪ هرڻيءَ تي پئي ڏسندي ڏسندي هوءَ
هرڻيءَ پوئيان ڀڄڻ لڳي جا ڇالون ماريندي منوءَ سان راند
روند ڪري رهي هئي، ڪڏهن منوءَ جي فراڪ کي پڪڙي رهي
هئي تہ ڪڏهن ربن کي ڇڪڻ پئي لڳي . اوچتو ئي اوچتو
چارو طرف اونداهہ انڌڪار ٿي ويو . آسمان ۾ ڪارا ڪڪر
ڇانئجي ويا هرڻي تيز ڇالون ماريندي گهاٽن ٻيلن ۾ ٻهاڙن جي
وچ ۾ گم ٿي وئي . منو بہ هرڻيءَ پوئيان ڊوڙندي وئي . تيز
هوائن سان گڏ مينهن واچوڙو بہ هو اندر ديوتا جي لن اوچتي
مايا کان سورہ، ديوتا ڪنارو ڪري گهاٽين جي گود ۾ سمائجي
ويو . هوڏانهن منوءَ جا پيءُ ماءُ منو منو ڪري رڙيون ڪرڻ
لڳا، مينهن جهڙ ۽ بادلن جي گڙگڙاهٽ ۾ سندن آواز گم ٿي پئي
ويو . صرف خوفناڪ گهوگهاٽن جو پڙاڏو ٻهاڙن سان ٽڪرائجي
واپس اچي رهيو هو . سڀئي مسافر بس اندر پناهہ وٺڻ لاءِ پيا .
منوءَ جا پيءُ ماءُ کي دلاسو ڏيندي چيو اندر ديوتا جو پرڪوپ
پورو ٿيندي تہ اسين سڀ گڏجي منوءَ کي ڳولهينداسين. هوءَ خوف
وچان ڪنهن وڻ هيٺان وڃي لڪي هوندي. هوءَ سياڻي ڇوڪري
آهي . زالون پريشان ۽ ٻار خوفزده هئا. منوءَ جي غير موجودگي
ڪري سڀني جون اکيون آليون هيون . وڌاتا اڳيان پلا ڪنهن
جي ٿي هلي. ڄڻ ڪنهن ديوتا جو اوچتو ئي اوچتو پرڪوپ

قباعلي عورت ان وقت اچي نڪتي. هوءَ منوءَ ڏي نهاريندي
رهي پر منوءَ ان وقت جستي ڊگهڙي مان جانورن جهڙي مٽ
پري ڪانڌ ۾ مست هئي. جيئن ئي قباعلي عورت تي نظر پئي
منوءَ جي مٽ اٿي جو اٿي پڪڙڻ وئي. منوءَ چپن تي مٿي
مرڪ آڻيندي چيو، "تون ڪاٿي ٿي وڃين؟" منوءَ جانورن جي مٽ
هن طرف وڌائي. ان عورت جي مڙس کي جهنگلي جانور کائي
ويا هئا. هنکي ڪو اولاد ڪونه هو. هوءَ سڀ ڪان پري تنها
وادي ۾ هڪ ننڍڙو جهوپڙو ناهي زندگي گذاري رهي هئي.
هن جي من اندر ممتا جاڳي اٿي. هن جي ويران تنها زندگيءَ
۾ بهار اچي وئي. هن چيو ته مونکي جانورن مٽ نه پر تون
کپين.

هن ڇڪي ڪري منوءَ کي ڇاتيءَ سان لاتو.... جا لاوارث
هئي اها.... لاوارث وارث بڻي .... ۽ وارث لاوارث ......

—۸—

۽ رپورٽ ۾ لکائي وئي پر منوءَ جي ڪا خبر ڪانه پئي.

منوءَ جا ماءُ پيءُ ان صدمي ڪانپوءِ ديش ڇڏي پرديس
هليا ويا. عرصي گذرڻ کان پوءِ هوءِ ٿاندي ڏاڙيءَ جي سلسلي
۾ وطن وريا هئا. منوءَ جي پيدائش ولائت ۾ ئي ٿي هئي. هو
پارسي ۾ پڙهيو ناڻو ڪمائڻ سي صنعت لڳائڻ يا پئي ڪنهن
ڪاروبار ڪرڻ جي لحاظ کان آيا هئا. پر هنن کي ڪهڙي خبر
هئي ته، هو پنهنجي ديش وڃي ڪري پنهنجو قيمتي سرمايو
لٽائي ايندا. جي پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي وڙي جا وارث
ڇڏڻ آيا هئا سي لاوارث ٿيڻي وطن کان وريندا. انهيءَ هنن
ڪڏهن تصور به ڪونه ڪيو هو. شايد هنن کي پنهنجي اولاد
جي قرباني ڏيڻي پئي جو قرض چڪائڻو هو. هنن کي ايڏي ڳري
قيمت ادا ڪرڻي پوندي، اهو هنن کي خواب خيال ۾ ئي ڪونه
هو. ڪو ڏڻ ڏيڻو هو سو ڏيڻ آيا هئا.

ولائت مان پارسي درشن لاءِ هو خوشيءَ وچان نڪتا هئا.
اڄ وطن واسي وارثن ٻڌران سهلاني ٻڌجي پيا ....

”وطن کان جدا ٿي، لڏيندا وڃن ٿا،
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا.“

هو ڏانهن منو گهاٽن ٻيلن ۾ هرڻي پٺيان ڊوڙندي ڊوڙندي
اهڙي واديءَ ۾ وڃي نڪتي جتي ماڻهن جي ڪالي گهٽا جو
نالو نشان ڪونه هو. هرڻي ته گم ٿي وئي، پر منو هڪڙي
ننڍڙي جهوپڙي ۾ هلي وئي. ان وقت گهر ۾ ڪو به ٻيو ماڻهو
ڪونه هو. اجهاميل چلهه، اڱڻ جتي ديڳڙو پيو هو. جنهن
۾ چانور رڌل هئا. منوءَ چانورن جي مٺ کڻي کائڻ شروع ڪيو.
سندس منهن چانورن جي داڻن سان ڀريل ۽ ننڍڙن هٿن ۾
چانورن جا ذرا چنبڙيا پيا هئا. ان جهوپڙيءَ ۾ رهندڙ

راس جي شڪل منهنجي نباهيءَ تي ڳوڙها ڳاڙهيا. مگر
ابر عمر سومري جي دل نه پگهري. هن مونکي اُن لاءِ قيد
ڪيو جيئن مونکي پنهنجي وٽي ٻڌائي. مون سان لائون لهي
ت راڻي ٻڌائي. مونکي هرڪانڊ لاءِ عمر سومري هيرن جواهرن
ا منهنجي ايمان پيار لڳائي ڇڏيا، ليڪن وطن جي مٽيءَ ۽
زاديءَ جي عيوض مونکي اها زندگي منظور نه هئي.

مونکي پنهنجي سرزمين، پنهنجا باغ بغيچا ۽ آزادي
پاري هئي.

اُن وقت مونکي اهي سڀ ظلم ياد اچي رهيا هئا.
هڪي مون ڪان پهرين عورت تي ٿيندا رهيا آهن. مونکي
ريم ياد هئي. جنهنجي پاڪيزگيءَ کي رسوائيءَ جو جامو
ھرايو ويو. مونکي سيتا ياد آئي جنهنکي پنهنجي پاڪ دامنيءَ
ءِ اگني پرڪشا ڏيڻي پئي. جنهنکي وفا جي بدلي ۾ ڏک
ڙ سهڻا پيا. مونکي دروپدي ياد آهي جنهنکي پريءَ سڀا
ر رسوا ڪيو ويو.

مونکي عورت تي ٿيل هر ظلم ياد هو. جنهن تي منهنجي
جود جي چارو طرف خود اعتمادي، حوصلو، همت عزم ۽
شواس جي اهڙي ديوار کڙي ڪئي هئي، جنهن سان هڪ نه
زارين عمر سومرا قيامت تائين ديوارن سان مٿو ٽڪرائيندا
هندا مگر ماروئيءَ کي حاصل ڪرڻ جي حسرت کڻي هن جهان
ي الوداع ڪندا.

آخر عمر سومرو هارائجي ويو. عمر سومري مونکي
پنهنجي ڪوٽ جي قيد مان آزاد ڪري ڇڏيو. مان پنهنجي
وطن واپس وريس، مونکي مائٽن تي آس. اُن آزاد فضا ۾
جنهن جي روشنيءَ مونکي عمر جي قيد ۾ به جيئڻ جي آرزو
پيدا ڪري رهي هئي ۽ اُن مٽيءَ جو هڳاءُ مون تائين پهچي رهيو هو.

آءُ اُهائي مارئي

واجهائي وطن کي ساري ڏيان ساهه
بت منهنجو بند ۾ قيد ۾ ڪريجاهه
پوڻ پهاڻي پري ري ، ڏار ۾ ڏريجانءِ
تڏي وسائجان ٿرن جي مٽيءَ مٿان
جي پويون ٿئي پساءُ ته نجاهه عزت مليرڏي .

(شاهه)

ها ! مان اُهائي مارئي آهيان . جنهن جي بيقرار آتما صدين کان ڦٿڪندي رهي آهي ۽ اُن وقت تائين ڦٿڪندي رهندي ، جيستائين عورت کي اُها جاءِ ، اُهو درجو نٿو ملي ، جنهن جي عورت حقدار آ ....

ها ! مان اُهائي مارئي آهيان ، جنهن جو جنم سنڌ و سڀيتا جي گود ۾ ٿيو . جنهن جي وجود ۾ عظيم شاعر ڀٽائي گهوٽ شاهه عبداللطيف پنهنجي شعرن وسيلي روح ڦوڪيو : اعتماد ، وفا ، سادگي ، وقار ۽ حب الوطنيءَ جي جذبن سان منهنجي ڪردار جي تخليق ڪئي ۽ ٿر ضلعي جي هڪ ننڍي ڳوٺ جي غريب هاريءَ جي آڱڻ ۾ آزاد پکيءَ وانگر ڇهچهاٽ لاءِ موڪلي ڇڏي ڏنو . جڏهن ڪومل مکڙي جيان گل مان ڦٽي نڪتس ۽ منهنجي پالوڻ جي ننڊ مان جڏهن اک کلي ته فضا منهنجي جوانيءَ جي خوشبوءِ سان مهڪي اُٿي . موکي خبر ڪانه هئي ته اُها خوشبو ئي منهنجي دشمن بڻجي .

ظالم وقت ، منهنجي دل جي ڪلي مرجهائي ڇڏي . منهنجي مهڪندڙ ۽ تجلا ڏيندڙ حسن جي شمع ڦڪي پئجي وئي . منهنجي چنڊ جهڙي حسن کي گرهڻ لڳي چڪو ، غمن جي بادلن منهنجي وجود کي گهيري ڇڏيو .

آهہ غريبان قهر خدائي

پرميشوري کي اوڙي پاڙي وارن ڏاڍو پريشان ڪيو.
س چيائون، او ساڌڻي "اڄ تہ پہ هٿ ڪرڻ ڪين اڄ بہ رام
جي مالها ڪڍي وهندين، تو تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪجهہ
ڪين ڏٺو."

پرميشوريءَ ورائيو، "برابر - تہ-وهان جهڙي ڏٺو آهي
و مون ڪين ڏٺو آهي. پر مون ان سائينءَ کي پسيو آهي
هن کي تہ-وهان پنهنجي نظرن سان ڪين ڏسي سگهندؤن."
ميشوريءَ کي پرماتما جي لڳ لڳل هئي. هوءَ ڪوڙ
ڪمت کان ڪنارو ڪندي پاڻ بچائيندي، موهہ مايا واري سنسار
قدم قدم ڦوڪي ڦوڪي هلندي هئي. سچ ڳالهائڻ، پرائي
ار کان ونءُ وڃڻ، ساڌو سنتن جو آدر ڀاءُ ڪرڻ، پرميشوريءَ
ي اهڙن ويچارن کي ڏسي ڪي ماڻهو کيس گهٽ عقل واري
ندا هئا، ڪي وري کيس سڌي سادي، ڀولي ڀالي چوندا
ا. هوءَ ڪنهن بہ تيريءَ ميريءَ مان ڪانہ ڇاٽندي هئي.
ي ڪلي کيس چون پر ميشوري صرف پرميشور جي پياري
ي. ڪنهن حد تائين اها ڳالهہ سچي بہ هئي جو کيس مٽ
ٽت پيو تہ پيو سندس گهوٽ جيڪو شهر جو چڱو مڙس هو،
ان دنيا کي پيو صلاحون ڏيندو هو سو بہ ٻاهر هڪڙي اندر
ي، جهڳڙي - جهان جا فيصلا ڪندو، ماڻهن کي حق ۽ انصاف
يارئيندو، سو بہ هنجو زال طرف ڪهڙو فرض هو اهو کيس
ڏهن بہ ياد ڪو نہ پوندو هو. اولاد جي بہ ويچاريءَ کي
وشي ڪانہ ملي. هڪڙي هيس نياڻي جيڪا پرميشوري جلد
ٽائي ڇڏي. چيائين، ڏيئر پرائو ڌن وڃين پنهنجي ور گهر
ن سگهي ٿئي. ڌيءَ بہ کيس وڏ واري جانئي. ٿورو ڏڏڪو

هاڻي مان پنهنجي وطن واپس موٽي آئي آهيان. ٻر منهنجون اهي اوائلي خوشيون واپس نه وريون آهن. هڪ احساس منهنجي انهن خوشين کي دٻائي ڇڏيو. اهو احساس هو عورت جي خودي ۽ خودداريءَ تي وار، عورت هر دؤر ۾ ستائي وئي آهي. ظلم سهندي رهي آهي. ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ عمر مارئي وچ ۾ ٽڪراءُ، خوديءَ ۽ خودداريءَ جي جنگ هلندي رهي آهي. اڄ به اها جنگ جاري آهي.

اڄ به جڏهن عورت لاءِ برابريءَ وارن حقن جي دعوي ڪئي پئي وڃي. اڄ به مارئي زنده جلائي پئي وڃي. اڄ به عورت جو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ استحصال ٿئي ٿو. اڄ به ان تي بدچلنيءَ جا الزام مڙهيا ٿا وڃن. انجي اڳتي وڌڻ جون راهون روڪيون ٿيون وڃن. اڄ به سوچ تي روڪ وڌي ٿي وڃي. اڄ به اها ڪنهن نه ڪنهن طرح قيد ۾ آهي. گهر جي چار ديوارن اندر ريتن رسمن جي جار ۾، خاندان جي عزت ۽ آبرو ۽ غيرت جي ناءَ تي .... اڄ به عورت کي وک وک تي اگني پريکشا ڏيڻي ٿي پوي. اڄ به ڦوڪڻ جا وحشي ۽ بدنيت ارادا ۽ ناپاڪ هٿ ان جي پاڪ دامن طرف وڌن ٿا. عورت جي چادر لاٿي وڃي ٿي.

جيستائين عورت سان اهو سلوڪ ٿيندو رهندو تيستائين منهنجي روح بي قرار رهندي.

عمر سومري واري دؤر کان اڄ تائين منهنجي روح پڪاريندي رهي آهي ۽ ائين ان وقت تائين ٿيندو رهندو جيستائين هر عورت مارئي نٿي بڻجي وڃي، خودي خودداري خود اعتمادي وفا، سادگي وقار جي مجسم — آئون! اهائي مارئي!!

هوڏانهن ديالي راڄ ڌياڻي بڻجي وئي ۽ پرميشوري ٻانهي. پر سندس من ۾ اصل تيري ميري ڪانه هئي. سائينءَ کي پٽي پرارٿنا ڪندي هئي، مالڪ تنهنجا لک شڪر. مڙئي ڀلو وقت گذري. پر وقت هاڻي پيٽ کي روٽيءَ ٽڪر ته ملي رهيو آهي. اها ڪا رواجي ڳالهه آهي، اها ته ڌڻيءَ جي وڏي مهر آهي. ڪي جيئو ته ان وطن جي روٽيءَ ٽڪر کان به محتاج آهن. ڇا ٿيو جو مان پنهنجي هنڌن کي هلائيو، هيءُ سرير ته ناشوان آهي. اڄ نه سڀاڻي پيو. آخرڪار ته هن شرير کي مٽيءَ ۾ ملڻو آهي.

پرميشوريءَ کي گهر جو ڪيترو به ڪم ڪار هجي، پر هن گروءَ جو در نه ڇڏيو. روز صبح جو مندر وڃي مٿو ٽيڪي گرن جي سيوا ڪري، ڪٿا ڪيرتن ٻڌي. جا ڳالهه سندس نڌهه دياليءَ کي اصل ڪانه وڻندي هئي. گهڙيءَ گهڙيءَ ڪيس اٿندي وهندي چوليس پئي، ڇيلهه ڇني ٿيئي، سڄو ڏينهن وٽي آهين. رڳو پٽي آن ڪائين، ٽڪاٽي جو ٻهانو ڪري گهر مان ڀڄي ٿي وڃين .... ٻڌي هڏ سڙن ٿي ...."

هوءَ آزي نيازي ڪري چوي، "ڪنوار مون گهر جي ڪم ۾ ته ڪاڻي ڪمي ۽ ڪسر ڪان ڪئي آهي. ڪنوار ڇو ٿي ڏمر جهڻين، توکي ڪائي تڪليف ڪان ٿيندي." بس پرميشوريءَ جا اهي لفظ ڇوڻ، ديالي اصل گهر ڪري مٿي تي کنيو. "مونکي گاريون ٿي ڏين، واس ۾ ڪيتان پون ٿي. ڇري ڪم عقل سي، سڄو ڏينهن جوٽيلو پائي پٽي گهمين. رڳو پاٺ آن جي پٽي ڪائين، پوڙن واگر پٽي ڇرين." نڌهه جا اهڙا طعنا طنڪا ٻڌي پرميشوريءَ جي اکين ۾ پاڻي ٿري آيو. ديالي وري پيري پاري ٿي. هن کي وري پٽ جائو. هن سس مٿان پنهنجي

ڏيئي هلندي هئي. پر ڏاڍيءَ جهڙي مهر سان ڇوڪريءَ جا انگ جلد کليا، جهڙي پنهنجو گهر وساياءِين. پٽ ڏسڻ ۾ چڱو چوکو لڳندو هيس. مالڪ جي مهر سان پٽ جو ڌندو به سٺو هلندو هيس. چڱي مڙي مالي پئي نڪرندي هين.

اڄ ديپڪ جي شادي هئي، سيٺ چيو، "ساڍي ڏهين ٻجي مندر ۾ نڪتا گهمڻ، اڄ ته کي لاڏا چواراءِ، کي مهراسٽرون گهراءِ. تنهنجو سڪيلڏو پٽ ديپڪ ته گهوڙيءَ تي چڙهي..... ڏيهه ڏيهه ...... گهوڙو گهور ..... دل کولي پئسا وراهه ......"

پرميشوريءَ چيو، "ڇو نه ڇو نه ...... شاديءَ مراديءَ جو موقعو آهي توهان کي جيڪي وڻي سو ڪريو. منهنجي طرفان ڪائي جهل پل نه آهي." سچ پڇ ته ڪنهن کي ڪا جهل پل ڪانه هئي. سڀئي مٽ مائٽياڻيون ان ڪل خوشيءَ جهڙي ماحول ۾ شامل ٿي ويون.

خير سان شادي ٿي گذري. ڪنوار جو چهرو چنڊ جهڙو گول، رنگ صاف سٿرو، اکيون وڏيون، بدن ڀرپور، قد ڪاٺ ۾ جهڙو جڏهن سس کي اچي پيري پئي ته سس جي واتان نڪتو ڪنوار شل سٺ پٽيتي ٿين. قادر جي قدرت اهڙيءَ ويل پرماتما جي پياريءَ پرميشوريءَ پنهنجي نهه کي آشيرواد ڏنو جو هڪ پئي پٺيان پٽن جي لائين لڳي وئي. هر هڪ پٽ جي پيدا ٿيڻ تي ديپڪ جي وال ديالي جي دل مان دعا نڪرڻ شروع ٿي. غرور ۽ گهمنڊ اچي من ۾ واسو ڪيس. سس جو نهه جي اچڻ سان بار هلڪو ٿيڻ بدران ڪم وڌڻ لڳو. پوٽن جي سنڀالي ڪندي، ڪن ڇن مڙڻ، لٽا ڪپڙا ڌوئڻ سڄو ڏينهن پورن وانگر پئي وهي. انهيءَ جي باوجود سندس من ۾ پوٽن لاءِ آشيرواد پئي نڪرندي هئي. ڏاڍي ڊر سندن وڏي آورجا لاءِ پئي دعائون گهرندي هئي. چوندي آهي "مور کان وڏيڪ وياج مٺو لڳندو آهي."

جو هوءَ اجان مندر لاءِ تيار مس ٿي ته ديالي ٻڪ دم ڪري
ٻار هنج ۾ ڏنس، جنهن ڪو هن جا اڇا اجرا ڪپڙا ڪنا ڪري
ڇڏي. هن جو ڪتا ڦيرڻ جو وقت ئي ٽري ويو. هوءَ
چئي چئي ڪري ٿڪجي پئي. الٽو هن کي چري چري ڪري
ڪوٺيس. هن جو مندر وڃڻ به بند ڪيائين. پر مشهوري ننهن
کي گهٽيون ٿي آزيون نيزاريون ڪيون. ڪنوار منهنجو نيم
ڇوڙي ٿو ڇڏي. چوڻي پر ماتما جو پاپ سر تي ڪڍين. هڪ
ڏهاڙي ٿوکي پئي هن فاني جهان کي ڇڏيو آهي. ڏٺي ۽ وقت
منهن ڏيڻو اٿيئي. خدا جو خوف ڪر، پر هن جي دل اصل
رحم کان خالي هئي.

"آهه غريبان قهر خدائي" اوچتو ديالي ۽ کي تيز بخار
اچي ويو. بخار دماغ تي چڙهي ويس. ڊاڪٽرن کي گهرايو
ويو، دوا دارون ڪيو ويو، جهاڙ ڦوڪ، پڇا ڳاڇا پر ديالي ۽
جو بخار ٽي نه لهي. ڪئي ڏهاڙا بي هوشي ۽ جي عالم ۾ رهي
سس ويچاري سيوا ڪندي رهيس. جڏهن گش مان ديالي ۽
جي اک کلي ته هن جي دماغ جي نسن تي اثر پيو. هوءَ وقلچڻ
لڳي. خبر نه آهي ڇا جو ڇا ڳالهائڻ لڳي. ڊاڪٽرن ڪافي
ڪوششون ڪيون پر آهي سڀ ناڪام ويون. ديالي صفا چري
ٿي پئي. اڌڻ وهڻ جي اصل خبر ٿي ڪانه پويس. گهڙي
گهڙي ٻنا ٻوٽي ۽ جي ٻاهر نڪري وڃي.

مالڪ جي در هر ڪنهن کي حساب ڪتاب ڏيڻو ٿو پوي.
وتندي هئي رستن تان اگهڙيون منهن پٽيندي. ڪڏهن وري ڪومڇي
وارن جون شيون ڪڍي ڪائي يا وري دڪانن تي وڃي پئي.
ڪيس گهر وارا ڳولهي گهلي وٺي اچن. وري ساڳيو ئي حال
ڪسڪي نڪري وڃي. ديالي جيڪا چند وانگر چمڪندي هئي
اها مري ڪئي، جنهن کي پنهنجي پٽن تي ناز هو. اها گهر

ظالم جو گهوڙو تيز ڪري ڇڏيو. پرميشوريءَ کي جيڪا ٿڪ ۾
ڏوري نٿي پئي هئي، ڪنن ۾ جهومڪ ۽ هٿن ۾ چوڙا، تنهن
چيس ٿون مونکي اهي زيور لاهي ڏي. هن انڪار ڪيو.
پرميشوريءَ جو انڪار ڪرڻ تي ديالي اُلر ڪري کيس
مارڻ لاءِ اٿي وڌي. ڇري هن عمر ۾ پئي شونق ڪرين،
سون پائي ڇا ڪندينءَ؟ ڪنهن کي پاڻ ڏيکارڻو اٿيئي ڇا؟
هن چيو، "ڪنوار زيور مان ڪونه لاهيندس. مون وٽ
جيڪا مڙي چونڊي هئي اها مون سڀ ڏئي ڇڏي. اڃان
منهنجو مڙس جيئرو آهي. کيس سمجهائيندي آزيون نيزاريون
ڪندي چيائين، "ڪنوار مان وڌوا ته نه آهيان. تنهنجي سهري
کي ڏاڍي وڏي حياتي بخشي. مونکي پئي تنهن تي وهم ٿو
پوي." پرميشوريءَ جي ته اُها ۾ ئي سائت ڪاله هئي، وري
مٿان تنهن جي ڏنب ڏنب، پٽ وري پنهنجي ته نڌي ڌاڙيءَ
۾ رڌل، گهر ۾ روز ملاڪڙو لڳو پيو هوندو هو.

خير نه آهي پرماتما کي ڇا منظور هو، پرميشوريءَ جو
گهوٽ دل جي دوري پوڻ ڪري گذاري ويو. سس کي
اهڙي ڏکه واري موقعي تي آٿت ڏيڻ بدران تنهن چيس هاڻي
نه وڌوا ٿي آهين، لاهه سون اڃان هار سينگار ڪندينءَ ڇا؟
سس کان سڀ ڪجهه ڦري ورتائين. تنهن جي اهڙي هلت تي
پرميشوريءَ دل کي سمجهائيندي چيو جيڪا پرماتما جي مرضي.
ان ڳالهه تي ته پرماتما پنهنجي مرضي هلائي پر پرميشوريءَ
تنهن کي جيڪا ست پيڙهيءَ جي آشيرواد ڏني هئي، اها
آشيرواد تنهن کي لڳي ويس. ديالي کي وري پٽ ڄائو.
جيئن جيئن وقت جو چڪر رفتار پڪڙڻ لڳو ديالي جي ظلم
جو گهوڙو به تيز ٿيڻ لڳو. ڄاڻي واڻي سس جي صاف سٿرن
ڪپڙن مٿان پاڻ جون ڪنيون ڇڏيون ڪري اُڇلائي. صبح

رَن ڏائنبو رهندو

قهر آهي ڇا آهي ! اَئي — زمانو ڏاڍو خراب آهي .....
صل ٻاهه پٽي پري ... توٻهه .... ناحق آ ....

"اڙي ڇا ٿيو رهندا ؟"

"اَمي ڳالهه ٿي لــ پڇ — زماني کي اصل ڇا ٿي ويو
هي. ڪيٽل جي ڌيءَ ڀڄي وئي."

هــانءِ ! قهر ٿيو، دادلي ماءُ جــي رڙ نڪري وئي.
يراني ۽ وچان ڏندين آڱريون ڏيندي چوائين، "ڪڏهن ....
ڪڏهن سان ...."

رهندي چيو، "اِهي ٿي ٻــ ٿي ڏهاڙا ٿيا آهن. ڪهڙي
ٽي ماري تاريخ هئي .... شايد جمع جــو ڏهاڙو هو."

بزار جـــي گهٽيءَ ۾ رهندي جــي چارون طرف پيڙهين
ائين جو ميڙاڪو لڳي ويو.

پــوڙهيءَ مـــاءُ چيس، "مٺا ماريا رهندا اِها ٿوڪي ڪٿان
بر پئي. ڳــالهه ڀڪي آهي يا ڪچي - گهٽا ته نه ٿو هڻين."

رهندي چيو، "اَمي هاڻــي ڀڪي يا ڪچيءَ واري ڳالهه
ـــي خبر ته پر ٿن ڏهاڙن ۾ سڄي شهر کي پٽجي ويندي ...."
ـر ڪـچ ڏهاڙن کان ڪٽيل جي گهر ۾ روڙ واڪو لڳو پيو هو.
سدس ڌيءَ موهنيءَ ۽ هن جــو پاڙ ۾ جهيڙو لــڳو پيو هوندو
و. ڳالهه پوري سمجهه ۾ ته ڪانه ايندي هئي پر .... پر اِئين
ڳندو هو ته ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تــي موهنيءَ ۽ سندس پيءُ
و پاڙ ۾ جهيڙو لـــڳندو هو. پهرين پٽس جو پوءِ ماڻس جو بس
ڪو شروع ٿي ويو. هاڻي ڪجهه ڏهاڙن کان راڻي به گهر ۾
ٽر نٽي اچي. جهيڙي جهٽي جو آواز به پڌرو ۾ ڪانه ٿو اچي.

گهر، گهٽيءَ گهٽيءَ پيڻ لڳي. سندس گهوٽ ۽ پٽ پريشان ٿي ويا.

نيٺ لاچار ٿي ڪري ديواليءَ کي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيائون. دنيا جهان جيڪي جو ٽيڪڻ هلي رهيو هو. جنهن سس کي چريو ڪري ڌاڙهيندي هئي، اها ٿي ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ هٿ ٻڌي هن لاءِ پرارٿنائون ڪندي هئي. سائين معافي ڏي. هن حالت کان ته بهتر آهي، ڪيس پاڻ وٽ گهرائي وٺ. ڪن پل ۾ ديواليءَ جي گهمبد جا شاهي محل ڊهي پٽ پيا. ڪو چوي ڪيس جڻائت آ - ڪو چوي ڪنهن ٽوڻو ڦيٽو ڪيو اٿس. ڪو چوي امڙ اڇانيءَ جو بند ٽوڙيو. ڪالهه سس کي چريو چريو ڪندي هئي. اڄ پاڻ ئي چري ٿي پئي. هر هنڌ سندس ئي چوٻول هو، ته اهين ڪن پل ۾ سندس ڪايا ڪيئن بدلجي وئي. ماڻهون شوڪارا ڀري چوڻ لڳيون ”امڙ ڌڻيءَ جي ڳجهه ۾ ڪنهن هٿ وڌو آهي. مالڪ جيڪو چاهي سو ڪري. ٻانهي کي تڪبر کان توبهه ڪرڻ گهرجي.... ڪن ۾ ٺاهي ڪن ۾ ڊاهي ....“

هرڪو چوي سس ساڻ ڌڻيءَ کي ٽنگ ڪيائين، ويچاريءَ کي ٿهائي ماريائين. امڙ اڇانڻ واري جو بند ٽوڙيو. ”آه غريبان قهر خدائي“ . وري ٻه سس ويچاري چوي امڙ اهين نه چئو .... جيڪا پرماتما جي مرضي .... ڌڻي معافي ڏئيس ....

ڇو هو تہ، ”مان اڄهو ڀاڄي وٺي ٿو اچان. پر وقت ٿي امي
ي ، دامسٽ ڪيائين. اوڏي ڀاڙي جا حال احوال پڇيائين ....
س منهنجي واڻان مان بہ نڪري ويو. پلا منهنجو گهڙو ڪم ....
ڪا ٻڪري پنهنجي ڦاهي ڇڏهندي.“

پوءِ ماڻهو چيو، ”تو ٽي ڪندو مالڪن جي عزت رهجي
ندي. ڇوڪري منهن مائٽن بہ وٺي هوندي. .... ٻاڻ ٿـي
ي ٿ يڪ بہ خبر پئجي ويندي.“ رهندو منهن موڙيندي مائن
ي ميڙاڪي مان ٻاهر نڪري ويو.

رهندي جو تعلق وچولي طبقي سان هو. ٿ ئندو ٿاڙي
رو سارو، وقت بہ ڪافي ملندو هيس. هن پرائي ٻچار واري
ڪم ڪـي Part Time Job طور اپنايو هو. لائين دڪان جو
Full Time Jo هيس. پر پنهنجي تفريح لاءِ وقت ڪڍي ٿـي
ندو هو. هر خبر مرچ مصالا لڳائي چٽپٽي ڪري پيش
ڪندو هو. اهو صبح جو ٽڪاڻي ويندي يا وري شام جو
جي پٽي آٽا لاءِ مارڪيٽ ويندو هو تہ ڪانہ ڪا خبر ڪنيو
ي ايندو هو. اصل شهر خبرنو هو. ڪپڙا لٽا هميشہ صاف
ڙا پائيندو هو. پيرن بہ چمپلون ٻہ، واه جون پائيندو هو.
هر گهر جي خبر ڪان واقف هو. ڪهڙي گهر بہ ڪنوارو ويٺاءِ
يٺو آهي يا ڪنهن جي ڌيءَ پيٽ، سس سهري يا مڙس ڪـي
ڌي اڇي پيڪن بہ ويٺي آهي، اُن جـي ٿلاڪ بہ رهندو
و. ڪنهن جي عمر ڪيتري آهي. اڏي وڏي عمر ٿـي وئي
س، پلا اڃان ڪنواري ڇو ويٺي آهي. شادي ڇو نہ ٿا ڪن.
وريءَ اٿپ ڪئيو آهي، ڪٿي مڱڻو ڇو نہ ٿا ڪنس يا نوڪري
و ٿا ڪرائنس. ڇوي نوڪريءَ وارئون ڇڙ واڳي تين، گهر
ان نڪرن تہ وٺ گهوڙو نہ ٿيون پڏن، ڇوڪر جا انگ، نہ ٿا
ن وغيره وغيره ....

ان جو مطلب صاف آهي ....

"مٺا ماريا — مطلب ڇٺو"

"ها! ها! مطلب مطلب .... ضرور راڻيءَ کو خيال ڪيو هوندو. عزت جو ماريو پيءُ ماڻڙي ڪري پُٺت ٻڌي گهر جي ڪنڊ پاسي شرم وچان منهن لڪائي ويٺو هوندو. ويچارو ٻاهر ٻرڪ به ڪونه ٻوليندو، ته متان ڪٿي بدنامي ٿئي. بس چپ ڪري چپ لڳائي پيو پنهنجي ٽڪ ڪٽيندو هوندو."

انهيءَ دادلي ماءُ چيو، "پر اٺين به ٿي سگهي ٿو ته راڻي کهڻ مت مائٽ جي گهر وئي هجي. انڪري آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه ايندو هوندس."

رهندي چيو، "اڄ سڀ ڌاڙو ڇوريءَ ڪئي هار سينگار لڳو پيو هوندو هو. ورئ اوڙي پاڙي جا ڇورا به لنگهندي ٻاڌيندي نظرون ملائيندي، فلمي گيت ڳائيندي سندس گهر جي ٻاهران پيا چڪر ڪاٽيندا آهن. ماڻ پوي اڄ ڪلهه جي فلمن ڪي اصل خانو ئي خراب ڪري ڇڏيو آهن."

پوڙهيءَ ماءُ چيو، "ڇورا به نوٽ ٿي پيا آهن."

رهندي حامي ڀريندي چيو، "اصل ٻهراڻ نمبر جا شودا."

دادلي ماءُ وچ ۾ ٽوڪيندي چيو، "ابا گرو ٻابي کي همت ٻڌي پرارٿنا ڪيو ته ويچاري ڪنبيل جي عزت رهجي اچي. هرڪو نياڻين وارو آهي. متان اهڙا ڏينهن نه به هجن. اڳوات شوءُ شوءُ ڇو ٿا ڇوڙيو .... رهندا پٺيان تون به ته اڳوات پنڌ ورو نه ڏي."

"اڄ سڀ ڇوڪر جو زمانو ئي نه آهي. منهنجو ڪهڙو ڪم" موڙو ڏيندي رهندي چيو، "مونکي پاڻ دير ٿي ٿئي، جو منهنجي گهر واري پاڻ انتظار ڪندي هوندي." مون ڪيس

ڪندي ڪندي ناڪيءَ کي رهندي سگهه نه ڏسيو.

ناڪوءَ جو نالو ٻڌي ناڪي دنگ رهجي ويئي. هن جا ته اصل ڪلواڙا ئي ڦري ويا. ڪاوڙ ۾ چيائين ته تو ڳالهائين، ڪل ته ڪانه ٿڙي اٿئي، عقل ته ڪونه ڏٺا ٿيو اٿئي .... ڪٿي توڙو ۽ ڪوڙو ناڪو .... مٿو مارايو ۽ پيسو نه مڃين نه مڃائيو ۽ عمر به ....."

رهندي جڏهن ڏٺو ته ماڻي بگڙجي رهي آهي، مٿان آيل ڪان ٻاهر نڪري ويئي، لنگهي وڃ ۾ ڳالهه کي ڪٽيندي چيو، "ماڻهو ته الائي ڇا ڇا پيا سوچين. ناڪوءَ کي اها ماڻي چوائي ته ڪيندي هئي. مون سان ته ڪوڙي ماٺ ڳالهه ڪئي." پنهنجي ڳالهه ڦيرائيندي هن ماڻيءَ مٿان ڪري هٿئين. پنهنجي پگ ڀڃائيندي چيائين، "اڄ ٻيٽيءَ پڻ ئي هرڪو پيو پڇي هيٺندو، ڇوڪ وارا پيا چوندا .... ڪرڻ ته ڪرڻ مالڪن جي مرضي." پڇ پاڻي آئي پگو. دل ۾ چيائين رهندا توپي ڀلاءِ ماڻي اصل مڙجي وئي آهي. چڱي ٻاندر ڪل ڏئي ....

سڄي شهر کي رهندي جي عادت جي خبر هئي ته اهو ڪنهن جو ڀرم ساڻ ڀوڙا ڪنهن سان وٺي ٿو وڃائيندو. اهو رهندو رن ذاتيو آهي. شهر جو ڪو به فرد ڪونه نڪرندو هو. ڀوءَ چاهي شادي هجي يا غمي. ڪٿان نه ڪٿان ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه جي سٽس پنهنجي ئي وٺندي هئس. اڄ نيپنداس جون ٻگڙيون هئيون. سڄو شهر اچي گڏ ٿيو. هر ڪنهن شرڌانجلي پيش ڪئي. رهندي به پنهنجي طرفان ڏک جو اظهار ڪيو، سندس پٽن سان ٻرچاٽي ڪيائين، همدرديءَ جو اظهار ڪيائين. ٻگڙين جي رسم پوري ٿيڻ کان پوءِ ماڻهو ڏک جو اظهار ڪندي روانا ٿيڻ لڳا. رهندو به ٻاهر نڪتو. هڪ سڄڻ جي پاسان جهليندي، ڪن کي ٽڏو ڏيندي ڏک وچان چيو بس ساڻين مالڪ

مطلب ته سندس خيال هوائي گهوڙي جيان اڏامندا هئا. رهندو جيستائين کي خبرون نه هٿ ڪري تيستائين کاڌو ٿي هضم نه ٿيس. ڀلا والد ڪاڻيءَ جي والد .... .. وقت جو ملي ته ان جو ڪيئن استعمال ڪري.

اڄ هن فيصلو ڪيو، نانڪيءَ جي گهر ضرور ويندو ۽ ڪنواريءَ ڌيءَ جي شادي مراديءَ جو پتو ضرور ڪندو. سنجهي سوير رهندو نانڪيءَ جي گهر روانو ٿيو. واٽ تي ڪوڙي ماءُ مليس. پڇيائين، "رهندا ڪاڏي ٿو وڃين. ڪر ته خبر – دنيا جو واءُ ساءُ ڪهڙو آهي."

رهندي ورائيو، "امي نانڪيءَ وٽ پيو وڃان. سندس نياڻي وڏي آهي، پر ته نياڻي نماڻيءَ جو ڪٿي ڪم ٿئي."

ڪوڙي ماءُ چيو، "ڀلا ڪهڙو گهر ڏٺو اٿئي."

هن ورائيو، "اٿين ته ٻه ٽي گهر نظر ۾ آهن. جيڪي ڏسيندو سان باقي مالڪن جي مرضي."

"اڙي رهندا سدورا، هڪ ٻه گهر ته ٻڌاءِ."

"ناڪو آهي نه ......"

"ناڪو .... مٺا مارئا، ڪهڙا نڪر پيو ڏسين. ناڪو نڪر .... ٿوڙو نڪوڙو .... اڙي ڪو ٻڍ ٻٽياد وارو گهر هجي. عمر جو وڏو .... ناڪو نڪر مانا ڪاڻي مٿي چڙهيو آهي."

ان تي رهندي مورڙو ڏيندي چيو، "ڪوڙي ماءُ توهان زماني کي ڪونه سڃاڻين. هن وقت ڪهڙو واءُ لڳل آهي .... توهان اهي ڳالهيون ڪونه سمجهندينءَ." پڻ پڻ ڪندو رهندو اڳتي نڪري ويو.

سڌو اچي نانڪيءَ جي گهر دڙڪ ڪيائين. ڳالهيون

"آن ...... ڇا ٻڌايان."

"ڇو نه .... ڪجهه ته ٻڌاءِ نه .... ڇا ڪيو آن مائي ...."

"اڙي سمجهو ڇو نه ٿا آن مائي وري ڇا ڪيو .... ڇورو جي دل جو مضبوط هجي ها ته ...."

"نه .... ته وري ڇا ...."

"پوءِ آهي ڪي اسان جي برابري ڪن ها. مائي ٻاسڻ واريءَ جي ڌيءَ سان لائون لهي آيو آهي. اوهان جو نور چشم ...."

"هاءِ هاءِ اسان جي گهر ۾ ته ڪامڻ لڳي ويو ...."

رهندي جون ته ٻه ٻه ولون ڇهه ٻه ولون ڪارن ۾ ڇپائين،
"آن رن جي ايتري مجال جو اسان جي خانداني پٽ تي جادو ٽوڻا ڪري پنهنجي وس ڪيائين."

جوٽس چيو، هاڻي ڪجهه ڪين وڻندو. اسان جي ڇوري جيڪو اڇو مٿين ڪيو سو ته ٿيو پر تون ڪٿي ايلاڻيءَ جو ته ڪم اڪلاءِ ...... آها نه هٿن ڪان نڪري وڃي ...." هن چيو،
"اڃا آها ننڍي آهي سورهن سالن جي ٻه ڪانه ٿي آهي. پنهنجي جيڪا دانگي ڏهائي مٿين ڪارو ڪيو آهي .... في الحال ان ڳالهه ڪي لاءِ مت ٿيڙ ڏي."

وقت گذرندي ويرم نه ٿي لڳي، رهندي جي ڌيءَ ٻه عمر جي سورهن سالن جي ڏاڪي تي پير رکيو. ان جو ناز نخرو ادائون اصل ڏسڻ وٽان هيون. رهندو پنهنجي ڌيءَ تي اصل گهور ٿيو پيو وڃندو هو. ناز نخرن طرف اک ٻوٽ ڪري ڇڏي. بس اک ٻوٽ ڪندي هڪ ڏهاڙي رهندي جي ڌيءَ سندس ئي اکيون ٻوٽي ڇڏيون. جڏهن هوءَ پنهنجي ٻاڙي

ٻي جيڪا مرضي، هاڻي ويچاري تنهن جي زال ۾ ڏيءُ لاءِ ڏکيو وقت ايندو. شال پٽ مراد ۾ رهنس. پهري زمانو ڏاڍو خراب آهي. ڪيترن ڪنڌ لوڏي ها ۾ ها ملائي. اها ڳالهه اڃان اٿي پوري نه ڪمائين ته وري انهن جي پاڙي وارن ڇوڪرين جي ڳالهه ڪيائين. نوڪريءَ وارن ڇوڪرين به ٽوٻو آهن. گهر کان ٻاهر نڪرن ٿيون ته پوءِ نه گهر جو خيال نه وري مائٽن جي عزت جو. وڏ نڍائيءَ جو اصل لحاظ ئي نه ٿيون رکن. "چڙهي گهوڙا طبيلي مان ڇٽا." اهڙين ڇوڪرين جو انجام جهلڻ اصل مشڪل آهي. ڪن پڪڙيندي رهندي چيو، "ٻاهر ڪهڙا رنگ ٿيون ڪن تو ٻڌهه .... تو ٻڌهه مالڪ مهر ڪري، شل ننگي ننگ پال ننگ پڪي."

اتان ٿي رهندو جيئن ئي گهر پهتو سندس زال ڪاوڙي وٺي هئي. توهان وٽو ٿا گهمندا نه گهر جو خيال نه ٻارن جو .... اسان سان ته ناحق ٿي وڙهو.

هن چيو، "سڌو ري ڳالهه ته ڪر. ناحق ڇاجو ٿيو؟"

"ٿنهنجو پٽ ...."

رهندي چيو، "منهنجو پٽ - ٿنهنجو ڪجهه به ڪونه آهي ڇا؟ ها ڇا ٿيو! اسان جي پٽ کي."

"اهو ڦهر ڪري آيو آهي ...."

"ڦهر ...."

"ها! پڙي ڇوري اسان سان ته نسورو ناحق ڪيو آ...."

"ناحق! اڙي ڇڙو به ڪٽي ...."

"اسان جي گهر ۾ جيڪا مائي ...."

"ها ها .... ڇڙو نه ...."

"جيڪا پوهاري باسڻ ڪندي آهي نه."

سزا

ديال جي ڌرم کي تياڳي دين جي گهوڙي تي چڙهڻ
ري خبر پوري ڳوٺ ۾ باهه وانگر ڦهلجي وئي. اقليتي
ڀڄو هراس ۽ شرم وچان گهرن ۾ لڪڻ وڃي لڳو جڏهن
ڪوئو ٻير ۾ وڃي لڪو هجي. ٻئي طرف مسلمانن ۾ وڏو جوش
ولولي جو جذبو هو. آن طبقي ۾ خوشيءَ جي لهر
ڦهلجي وئي جو سندن هڪ دين جو ڀاءُ وڌيو هو. اسلامي
برادريءَ ۾ هڪ فرد جو اضافو ٿيو هو. مولوي صاحب پنهنجي
گهي مهندي رتي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريندي، سرمي سان
ريل ڇپن اکين کي هيڏي هوڏي ڦيريندي مسجد ۾ مسلمانن
ي خطاب ڪندي چيو ته "ديال بت پرستيءَ کي طلاق ڏئي
عظيم اسلامي شريعتي اصولن کي ايماني حق ۽ سچ جو نعرو
بلند ڪري سچائيءَ جي واٽ ورتي آهي. ڪافرن جي ڪفر
ي شڪست پلئه پئي آهي. عظيم اسلامي اصول سوڀارا ٿيا
آهن. دين محمد ديال جي پليت چوغي کي ڇيري ڦاڙي
اسلام قبول ڪري مسلم برادريءَ ۾ شامل ٿي هيءَ مرد مجاهد
غازي بڻيو آهي. اسين مسلمان سڀ ڀائر آهيون. اڄ کان پوءِ
ديال دين محمد ڪوٺيو ويندو." ديال عرف دين محمد اڳرون
جهڪائي خاموشيءَ سان مولوي صاحب جو واعظ ٻڌي رهيو هو.
مولوي صاحب دين جي تعليم تي روشني وجهندي مجلس جي
ڇاٽي الله اڪبر! جي نعري سان ڪئي. چارو طرف اسلام
ي پوءِ لڳين زوردار نعرا هڻيا - نعرا ۽ تڪبير! الله اڪبر!!
نعرا ۽ تڪبير!! الله اڪبر! الله اڪبر!! الله اڪبر!!!

هڪ طرف اسلامي برادريءَ ۾ خوشيءَ جي لهر هئي ته ٻئي
طرف هندن ۾ هراس. ديال عرف دين محمد جدا مت مائٽ

واري ڇوڪري سان گڏجي سمنڊ ۾ سمنڊو ر پري اچي ماءُ پيءُ جي اڳيان بيٺي.

رهندي منهن مٿو ڪري پڇيو. جوٽس چيس، "هاڻي پٽڻ مان ڪهڙو فائدو. مٿي تي هٿ رکي پنهنجي ڌيءَ کي آسيس ڪر. مان نه توکي اڳ ۾ ئي چيو هو ڪي اکيون پٽ."

رهندي وقت پيو ڪو چاڙهو ڪونه هو سواءِ انهي ته سيني تي پٿر رکي ڳالهه کي در گذر ڪري.

جوءِ کي چيائين، "ٺيڪ آهي وڃي پنهنجي گهر سکي ٿي. تنهنجو به وقت پورو هٿائين. باهر اگر ماڻهو پڇن ته، چئجانءِ ڇوڪريءَ جو پيءُ نه پيو مڃي، انڪري مون اهو ڪم ڪيو ۽ ڇوڪريءَ جي پيءُ کي زوريءَ مڃائيم. ڳالهه رهجي اينديءَ ۽ وقت گذرڻ سان پوءِ ڇڏ پڇڻ کان به ڇٽي پونداسين. پل ڪڇ ٺاپر اچڻ ڏئي."

رن ڏاڍو رهندو وتندو هو پهن جي پيار ڪندو پر پنهنجي ئي گهر ۾ ڪامت لڳس.

"آپ نه پلي ڏو جان مٿان ڏيوءِ."

———

سرڪس ۾ جلوس ۾ نه نڪرڻ تي ٻه ڏرڻو ٿي پيون.
لن مولوين جو چوڻ هو ته اهڙي خوشيءَ جهڙي موقعي تي
ن محمد کي سينگاري سواري گهمت ٻاٽسي دهل دماهن
ن شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ، گهٽيءَ گهٽيءَ گهمايو وڃي.

هوڏانهن هندن ۾ خوف ۽ هراس هو اگر دلال کي سرڪس
وني اڪثا ته ڏاڍي مشڪل ٿي پوندي. جڏهن دلال عرف
ن محمد دهل دماهن سان سرڪس ۾ نڪرڻ کان انڪار ڪيو
— مولوين ۾ وڏي مايوسي ڇانئجي وئي. هوڏانهن دلال
ي مٿن مائٽن ۽ هندو جاتيءَ وارن سک جو ساهه کنيو. سندن
ن ۾ وڏيون آسون اميدون پيدا ٿيون ته من مائٽن طرف موٽي.
ڌهنجو جنم ڀرشٽ نه ڪري خاندان ۽ جاتيءَ جي عزت جي
اري ۾ سوچي.

پر .... نه .... ائين نه ٿيو دلال، دلال ڌرم جو تياڳ ڪري
دين محمد بڻيو. سندس ان فيصلي تي دين جي پاڙن ڪيس وچ
ر وهاري پني لهري، ڪلهن تي چاڙهي رنگي چڙهيو. وقت گذرڻ
سان قصي به ٿاڌر ڪاڌي. هندو چپ ڪي چپ لڳائي ڳالهه کي
رگذر ڪري ماٺڙي ڪري ويهي رهيا. هرڪو وري معمول
واري زندگيءَ ۾ مصروف ٿي ويو.

پر جو من ماندو هو اهو هو دلال عرف دين محمد جو ....
اتر آتما ۽ ٻاهرين شخصيت جي ٻاڻ ۾ وڙهه. دلال در اصل
ڌهنجي جاتيءَ لاءِ ڪجهه ڪرڻ ٿي چاهيو. هو جوشيلو نوجوان
هو پڙهيل لکيل باشعور ۽ وڏن جي عزت ۽ احترام ڪرڻ وارو هن
ڌهنجي ويچارن کي عملي جامعو پهرائڻ لاءِ عام کي عرض ڪيو
ڪيس جاتي نمائندو ڪري چوندي پر پنهنجن جو ڪو ٻيو ٿي
وايو هو. دلال ڪردار ۾ آهي، چڙو چانڊ آهي، اڄان سندس

پريشان، پشيمان ۽ شرمسار هئا. ديال جي ماءُ ننڍي هوندي ئي گذاري وئي هئي. ديال ڳالهائڻ جو فهميدو هوشيار، دل نرم، ورسا نيمن جو پابند. اهڙي سڀاڳو نوجوان پنهنجي ڌرم کي ڇڏي اسلام قبول ڪرڻ تي هندن ۾ چڱو ٻول هو. ڪي چون پاڻ کي ڇوڪرو ڪنهن زن جي عشق ۾ اڙيو آهي. ڪو چوي ناٽي جو لپ لالچ مليو هوندس. ٻئي وئي جي موهه مايا ۾ ڦاٿو هوندو. ڪو چوي مائٽن پريشان ڪيو هوندس. مطلب ته جيترا منهن اوتريون ڳالهيون. ديال کان چڱن چڱن ڪنهن پاسيرو پڇيو، "بابا پٽ توکي ڪهڙي تڪليف آهي؟ مال ملڪيت جو معاملو آ."

ديال اصل پنهنجو ٻڌائڻ پٽ ڪجهي. جڏهن هو ڪجهي گهڙي جي پڇ پڇ ۽ ٻڌ ڏڻ ٻڌڻ جي ٻوڻ ٻوڻ کان مجبور ٿي هن ٻرڪ ٻوليو، "ڪائي تڪليف نه آهي ...."

"نه ٻوه تون ڇا جي ...."

ديال وچ ۾ ئي ڳالهه ڪٽي چيو، "مونکي پريشان نه ڪريو."

ڪنهن کي ڇاڻ ڪانه پئي ته ديال کي ڪهڙو ڏکه سور هو. هوڏانهن مسلم برادريءَ طرفان پنهنجي نئين دين جي ٻاه جي شان ۾ دعوتون جلسا جلوس رکيا ويا. دين محمد ڪنهن ۾ به شرڪت ڪرڻ جي حامي نه ڀري. نئين سوچ رکندڙن مولوين کي چيو، "توهين اگر هن مٿان وڌيڪ زور بار آڻيندا ته هو ڪٿي ورئي موٽي وڃين پنهنجي برادريءَ ۾ نه شامل ٿئي. اوهان جي فضول جي بچ کان پريشان ٿي هيءَ همراه ٻڏيان پيو نه ڪري پوءِ اسلامي برادريءَ جو فرد گهٽائڻ لاءِ اوهين خود ئي جوابدار رهندا."

دين محمد جي جلسن ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪرڻ

بلڪ پنهنجو ڪوڙو ايمان ڏيکارڻ لاءِ هنن سندس ايمان کنيو آهي. ديال کي ڏاڍو صدمو رسيو ته مان ڪهڙي سماج ۾ پيدا ٿيو آهيان. مون جهڙي پڙهيل لکيل باشعور جي تڪ تور ۽ برابري اڻ پڙهيل غير مهذب گهٽ جاتيءَ واري سان ڪئي اٿائون. ڀلا اهڙو ڍونگي سماج مونکي ڇا ڏيندو جنهن ڪوڙ جو سهارو وٺي نام نهاد برابري وارو نعرو هڻي ڍونگ رچي مون جهڙي لائق ۽ ايماندار، پورهيت جو ايمان کنيو آهي. هيءَ سماج .... هيءَ معاشرو هيءَ دنيا مون لاءِ نه آهي .... نه .... نه نه .... هرگز نه ....

جڏهن ديال عرف دين محمد باغي بڻجي نئين سماج نئين دائري نئين مذهب جو سهارو ورتو ته هن کي لڳو ته هيءَ سماج هيءَ معاشرو هيءَ دنيا به ته هن جي لاءِ نه آهي. هيءَ سزا ڪنهن مونکي ڏني. ان اوڙهه ۾ ڪنهن مونکي ڌڪيو، ڪنهن منهن جي زندگي داءَ تي لڳائي. هيءَ اذيتناڪ سزا مونکي ڇو ملي؟ هيءَ سزا ڪنهن مونکي ڏني. ڪنهن ڪهڙي سزا ڏني .... مونکي ڪنهن وٽان ملي .... سماج وٽان .... يا جاتيءَ ڪي مون وٽان .... يا جاتيءَ وٽان ڌرم کي ....

"سزا" سزا .... سزا جا لفظ پڙاڏو بڻجي هن جي چوطرف گونجڻ لڳا.

ڪلهن تي ڪي بار ڪونه پيا آهن. ٻئي طرف ديال بدران منوءَ کي همٿايو ويو. منوءَ جو واسطو گهٽ جاتيءَ واري ڪٽنب سان هو ۽ ديال جو واسطو اونچ جاتيءَ سان. منوءَ شادي شدي ٻارن ٻچن جو پيءُ، هن مکين ۽ سرپنچن جا اچي پير پڪڙيا ته توهان منهنجو ساٿ ڏيو. مونکي اڳتي وڌايو توهين منهنجا بابا آهيو! ابا آهيو!! مان توهانجي مورچي ۾ هميشه ئي رهندس ديال اڳيان اوهان جي هڪ نه هلندي، مان توهان جو پڪو ٻانهو آهيان.

پنچن ڪجهه پاسيرو بند ڪوٺڙي ۾ گڏجاڻي ڪئي ۽ آن فيصلي تي پهتا ته گهٽ جاتيءَ واري کي ئي چونڊ لاءِ اميدوار طور نامزد ڪيو وڃي. اهو اسان جي مورچي هيٺ رهندو اگر ديال کي چونڊينداسين ته اسان جي پوزيشن گهٽجي ويندي. علم عقل ڏاهپ جي پيٽ ۾ اسان جو ديال جي اڳيان ملهه ٽڪو به نه آهي. ديال هڪ دفعو وري پنچن کي عرض ڪيو پنهنجي دل جو حال اوريو ته هو پنهنجي جاتيءَ جي سيوا ڪرڻ ٿو چاهي. پر مکين کي ته پنهنجي پڳ جي اچي لڳي. ديال جهڙي سيوا ڀاونا وارو جذبو وڃي ڪڏ پوي. هو باشعور نوجوان آهي. اسين ڪٿي جا نه رهنداسين هرڪو هن کي پيو پڇندو. هن جي من ۾ ڀلائي هئي. هن ديال کي چيو پٽ پٽ اسين منوءَ کي اڳتي آڻڻ چاهيون ٿا. هن جو واسطو پٺتي پيل جاتيءَ سان آهي ديال جي دل کي ڌڌڪو رسيو. پنچن جي زور تي منو چونڊجي آيو. هن پنچن جا پير ڪري پڪڙيا. چارو طرف واهه واهه! ٿي وئي. ڪيترا نه ايڪ انسان آهن سماج جون ڪهڙيون ريتيون رسمون ٽوڙي بدلجندڙ وقت سان قدم ملائي گهٽ جاتيءَ واري منوءَ کي مان ڏيارڻو اٿائون.

ديال کي چاڙهه هئي ته پنچن منوءَ کي مان ڏنو آهي

نگاهون هيٺ ٿيو وڃن.

اُن جو ڪارڻ آدم جي ذات يا وري دولت جي ناهمواري واري وراثت لڳندي آهي. دل چاهيندي آهي ته مالدارن جي گهر ۾ گهڙن ۽ ڦورن جيان ڪاهي پوان. اميرزادن جي سٽيل الماڙين مان قيمتي لباس چوري ڪري ليڙن ۾ لپٽيل مسڪينن جا جسم ڍڪيان. سڀ پرتل ۽ پيٽ ڀرائون جي ٿالهي طعمن وارن ڊائننگ ٽيبلن تي قبضو ڪري سڪي ۾ ڏڙن ڏنل اکين ۽ ڦاٽل وارن جو پيٽ ڀريان.

هڪ طرف اِهي احساس ته ٻئي طرف ويچار ايندو آهي اِنهن حالتن لاءِ اُهي خود جوابدار آهن. هڪ غربت ۽ ٻيو ..... ڇا جي ڪري ٿا ٻارن جون لائينون لڳائين .... جڏهن ڪ ٻـن وقتن جي کوراڪ ميسر ڪرڻ کان قاصر آهن. پنهنجي جگر جي ٽڪرن جي ڪنگالن جهڙي حالت ڏسي سبق به نه ٿا پرائين ۽ آباديءَ وڌائڻ تي ڪمر ڪشي بيٺا آهن. اُن جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ سماجي بندن، ريتين رسمن يا وري جسماني خواهشن کي پورو ڪرڻ واري وحشي ترشنا. پوءِ اُن لاءِ اسين غريب طبقي کي ئي ڇو جوابدار ٺهرايون .... ضمير اُن لاءِ اجازت به نه ڏئي آهي. ڇو جو اُن لاءِ گهڻو پڙهيل لکيل مهذب، امير ۽ وچولي طبقي وارا به جوابدار آهن. ڪي ته پنهنجي جهالت تي پڙدو وجهڻ لاءِ چوندا آهن. اسان وٽ ايترو ته ناڻو ۽ مال ملڪيت آهي جو پنج ڇهه ٻار ته آرام سان پليا پلندا. اهڙن انسانن کان سوال ڪجي ته ڇا ڪڏهن هنن اِهو سوچيو آهي ته پنجن جا پيا پنج پنج ٻار ٿيندا ۽ اُنهن واري ملڪيت 5 × 5 = 25 جي حساب سان ورهائجي ويندي .... ۽ 25 × 25 ....

" ڏُٻڻ "

گوڙ گهمٻوڙ، ٻهه ۽ گرديءَ کان اصل گهٽ ٻوساٽ ٿئي. بس اسٽاپ تي ماڻهن جون ڊگهيون قطارون، ڏهر ورڻ تي آدم ذات جي وٿ ونان. بس جي انتظار ۾ بيٺل ماڻهن جي قطار ٽوڙڻ .... ڌڪم ڌڪا .... هڪ ٻئي سان ماڻهن جا ڏند ڏيڻ. اهڙين حالتن کي ڏسي دل ۾ نفرت پيدا ٿئي..... وڌندڙ آدم ڪري ٽڪيٽ لاءِ رزرويشن جي دريءَ تائين پهچڻ کان اڳ، بکنگ ڪلارڪ طرفان دري بند ڪرڻ تي خار لڳڻ .... ڪٿي وري ڇوري تي چماٽ لڳائيندڙ هائوس فل جو بورڊ .... واپس ورڻ تي نا اميدي، اسپتالن ۾ مريضن جون قطارون .... لائين ۾ بيهڻ تي پنهنجي واري ديرِ سان اچڻ تي وقت برباد ٿيڻ تي پارو چڙهڻ .... ڪڏهن ڪڏهن اهو پارو چڙهڻ جو روپ اختيار ڪري يا وري .... ٿوُ ٿوُ مٿُ مٿُ .... تي انسان کي غير مهذب يا وري واڻ وواڻ کي غير اخلاقي قرار ڏيڻ .... ٻئي ڏهاڙي وري قطار ۾ سوير تي وڃي بيهڻ جو ٻيهه پچائي گهران نڪرڻ ۽ اتي وري پڇاڙيءَ واري نمبر اچڻ تي نا اميدي ۽ ٻوساٽ جو احساس ..... پاڻ کان اڳ ڪيترا ڦرت ۽ چست لائين ۾ بيٺل ڏسي انهن جي اوچائيءَ تي غصي سان گڏ ڪين داد ڏيڻ ....

آدم شماري وڌائڻ وارن ٻڌن تي ڪاوڙ لڳندي آهي. اهي آخرڪار آدم ذات ۾ اضافي ڪرڻ تي ڇو سنڌرو ٻڌي بيٺا آهن. هروُ ٻروُ جنن پوڙن جيان ماڻهوءَ پوءِ ماڻهوءَ پوءِ يا وري خدا جي خلقيل انسان ذات کان حقارت نه آهي. پر گندين بستين ۾ سؤن جي تعداد ۾ اگهاڙن ٻارن ۽ اڌ ننگيل جسمن وارين عورتن جون قاتل چوليون ڏسي شرم وچان

اله ڏاڍي مشڪل هئي. ايمرجنسي وارڊ جي حالت قابلِ رحم هوندي آهي. هڪ هڪ بيڊ تي ٻه ٻه مريض، هتان ري ڊاڪٽرن ۽ نرسن جون ڇڙيون. مريضن جا عزيز انهن لاءِ انجيڪشن، دوائن ۽ ٻيو حاصل ڪرڻ لاءِ ڇرين جيان هڪ هنڌان ٻئي هنڌ هيڏي هوڏي ڀاڄون ڪائيندا وتن.

موهن نيرا کي دلاسو ڏيندي چيو، ”تون فڪر نه ڪر، ڪنهن نه ڪنهن کي چئي چواءِ ڪرائي تنهنجي ڊيڊيءَ کي ڪنهن سٺي اسپتال ۾ داخل ڪرائيندا سين.“ مالڪ طرفان چڱائي ٿيڻي هئي ڪنهن واقفڪار جو پائنيو وڏي اسپتال ۾ ڊاڪٽر هو. جنهن جي سفارش ڪري داخلا ملي وئي.

جيئن ته پيج ڊڪ ۾ رات جا ٻارهان ٿي ويا. نيرا جي ڊيڊيءَ کي ايمرجنسي وارڊ ۾ ڊاڪٽر جي حوالي ڪري گهر ورياسين. نيرا سڄي رات روئندي رهي.

ٻئي ڏهاڙي اسپتال پهچڻ تي معلوم ٿيو ته نيرا جي ڊيڊيءَ کي ٻئي وارڊ ۾ شفٽ ڪيو ويو آهي.

نيرا چيو، ”تون ڊاڪٽر صاحب جا شڪرانا مڃي اچ. تيستائين مان ڊيڊيءَ وٽ ٿي وڃان.“

موهن ڊاڪٽر جي ڪمري تي ناڪ ڪيو. اندران آواز آيو.

“Yes ! Come in”

اندر داخل ٿيندي موهن چيو، “Good Morning Doctor”

ڊاڪٽر وراڻيو، “Very Good Morning”

موهن پنهنجو تعارف ڏنو.

ڊاڪٽر چيو، ”توهان جي ڊيڊيءَ کي ڀرتي ڪيو آهي.“

ان تي موهن وراڻيو، ”ڊاڪٽر صاحب اهي منهنجا نه بلڪ منهنجي ساهڙيءَ جا ڊيڊي آهن. هو مون کي پنهنجي

سرڪار طرفان جڏهن ڪٽنب کي محدود ڪرڻ واري سرگرم پروگرام جو نعرو لڳو ته ڪجهه مڙهئي ٽسلي ٿي ته آدم جي ذات سان ماڻهو پوءِ ماڻهو پوءِ .... پا وري ماڻهو ماڻهوءَ کي جانورن وانگر کائي، ان طرح جو ايندڙ صدين ۾ جيڪو وحشي دور اچي سگهي ٿو اهو ٽري ويندو ۽ جي آدم گهٽيو ته ڊاڪٽر مريضن کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهندا، انهه اگهاڙن ٻارن جي تعداد ۾ ڪمي ايندي. اڻ اگهاڙن جسمن وارن نارين جي تن ڍڪڻ لاءِ ڪجهه ناڻو بچندو.

هر ٻيو اهڙي ڳالهه نه آهي ته نئين ٽن گلن سان نفرت آهي. بلڪ انهن کي خوراڪ نه ملڻ تي دل کي چوٽ لڳندي آهي. جن ٻچن جي هٿن ۾ رانديڪن بدران ڪنهن هوٽل جا جهوٺا باسڻ برتڻ يا گند جي ڍيرن مان ڀڃراٺو لوهه، اڳڙيون چونڊڻ ۾ نازڪ هٿ رتل هوندا آهن، ٽمڪو ڪٽيندا. پا وري نئين ڙيون نينگريون اوسر ڪٽڻ تي مجبوريءَ وچان اخلاق جو دامن ڇڏي بداخلاقيءَ واري ماحول، مالي مجبورين يا وري زور زبردستيءَ ڪري غير اخلاقي پيشي طرف مائل ٿين. پنهنجي ملڪ ۾ ڪٽنبي رٿا تي قومي سجاڳي ۽ بيداريءَ ڏي هندوستاني عوام کي مهذب ۽ بين قومن کي، جن کي ان مسئلي طرف گهٽ سجاڳي يا ان کي گناه يا وري شريعت خلاف عمل پاڻڻ وارن کي غير مهذب .... وغيره وغيره ....

منهنجي ساهڙي نيرا جو پيءُ سخت بيمار ٿي پيو. زندگي ۽ موت وچ ۾ ڪشمڪش ۾ هو. نيرا جو پنهنجي پيءُ ڪانسواءِ هن پري دنيا ۾ ٻيو ڪو به سهارو ڪو نه هو. هوءَ همت هاري ويٺي. دوستيءَ جي تقاضا هئي ته هن سان اهڙي ڏکئي وقت پاڻهه پيلي ٿي بيهان ۽ مردن وانگر مرد ٻڌجي ڪنهن سٺي اسپتال ۾ داخل ڪرايون. دهليءَ جهڙي شهر ۾ جا

ڊاڪٽر صاحب نہ صرف مدد ڪئي پر ڪيترا پيرا چانہ
—، پياري. ڊاڪٽر جا ايترا تہ احسان هئا جو چانہ لاءِ مان
انڪار ئي نہ ڪري سگهندي هيس.

هڪ ڏهاڙي ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ ڪيترا ماڻهو ويٺا
هئا. ڊاڪٽر جو هڪ دوست بہ موجود هو. تنهن چيو، "مون
توهان کي ڪٿي ڏٺو آهي." تنهنتي مون چيو، "توهان مونکي
ڪٿي ڏٺو آهي؟"

ڊاڪٽر کلي چيو، "مون وٽ هتي اسپتال ۾ سڀئي ڪلي
ٿو."

سندس دوست مون کان نالو پڇيو.

ان تي ڊاڪٽر چيو، "نالي جي تہ مونکي بہ خاطر ڪانہ
آهي. اچ پنهنجو اتو پتو ۽ نالو بہ ڪٽي ٻڌايو ۽ ڪٿي ڪم ڪندا
آهيو؟ جيئن توهان ۾ ڪو ڪم ڪار پوي تہ اوهان کي ياد
ڪريون."

مون ان لفظن ۾ پنهنجو تعارف ڏنو.

ان تي ڊاڪٽر چيو، "توهان جون پيون ڪهڙيون
مشغوليون آهن؟"

مون وراڻيو، منهنجي Social Service ۾ دلچسپي آهي.
I am a Social worker also.

ان تي هن جي دوست چيو، Social worker or Social leader
مون چيو، "Social worker not leader"

مان ڊاڪٽر صاحب کان موڪلائي ڪري ٻاهر نڪري ويس.

نيرا جي ڊلاليءَ کي اسپتال ۾ داخل ٿئي ٻہ مهنا ٿي
چڪا هئا. ان عرصي دوران ڊاڪٽر صاحب سان دعا سلام
ٿيندو رهيو. حضور، شروع ۾ گهٻراهٽ رفتہ رفتہ دور ٿيڻ

ڏيءُ وانگر پائيندا آهن."

ڊاڪٽر چيو، "توهان کي مرض کي اڃان راس جو اڪيلو ڇڏي نه وڃڻ کپندو هو."

موهن اٿندي چيو، "ڊاڪٽر صاحب ميرا جو پيو ڪو به ڪونه آهي. اسين ليڊيز ڪافي پريشان هئاسين ۽ وري ڊاڪٽر جي پڻين ڏيارڻ تي اسين گهر هليا وياسين. هاڻي ڪنهن مت مائٽ کي رکيئيسٽ ڪندا سين ڪو نه ڪو مرض سان گڏ رهندو."

ان تي ڊاڪٽر چيو، "مونکي اوهانجي ان مشڪلات جي ڄاڻ ڪانه هئي. خير اڄ ڪالهه توهانکي ڪائي تڪليف ڪانه ٿيندي. اگر ڪا تڪليف وغيره ٿئي ته ٻڌائيندا."

ميرا جا ڊيڊي زندگيءَ ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ هئا. ميرا ڪافي پريشان ٿي چوڻ لڳي، "ڊاڪٽر سان توهان ڳالهه ڪو جو مان ڏاڍي نروس آهيان. ڊيڊيءَ جي حالت بيان ڪندي منهنجو گلو گهڙيءَ گهڙيءَ ڀرجي ٿو اچي." هوءَ وائڙي وائڙي ذهني طور ڏاڍي پريشان هئي.

موهن کيس آٿت ڏيندي چيو، "تون فڪر نه ڪر. پريشان ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. ڏکيا ڏينهن گذري ويندا. رکه پرماتما تي ڀڳوان ڀلي ڪندو."

اسپتال وڃڻ جو موهن روز نيم ئي ٺاهي ڇڏيو. روز ڪنهن نه ڪنهن دوا يا Medical facility جي ضرورت پوندي هئي. ان لاءِ ڊاڪٽر جو در کڙڪائڻو ئي پوندو هو. موهن ڊاڪٽر کان معافي گهرندي چيو، "ڊاڪٽر صاحب مان توهان کي مهله ڪ مهله پريشان ڪري رهي آهيان."

مسڪرائي چيائين، "اهو ڊاڪٽرن جو فرض آهي."

ٻاهر نڪري وياسين. باقي ڊاڪٽر جي ڪمري اندر ٻه عورتون ۽ ٻه مرد موجود رهيا.

ڪجهه دير کان پوءِ اهي چار ئي ٻاهر نڪتا. جيئن ته ڊاڪٽرياڻيءَ کي تڪڙ وڃڻو هو انڪري مون ڪيس اوليت ڏني ۽ ٻن منٽن ۾ هوءَ به ٻاهر نڪتي ۽ مون کي اندر وڃڻ جو اشارو ڪيائين.

ڊاڪٽر چيو، "توهان کي ڪافي دير انتظار ڪرڻو پيو."

مون چيو، "اهي ٻه عورتون سڀني اڳيان ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هيون. انڪري ڪو نه ڪو حل تلاش ته ڪرڻو هو."

ان تي ڊاڪٽر چيو، "جيڪا عورت ڏسڻ ۾ چڱي هئي ان کي ڪجهه تڪليف ....." اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر جو اشارو زالن جي تڪليف طرف هو.

ان تي مون چيو، "اهو مسئلو ته معمول واري ڳالهه آهي.

ڊاڪٽر سوال ڪيو، "تون Social Worker آهين نه؟"

مون چيو، "ها...."

هن پنهنجي ڳالهه کي اڳتي جاري رکندي چيو، "دراصل هيءَ عورتون ڪنهن چڱي خاندان سان تعلق رکندڙ نه آهن. جيڪا چڱي روپ رنگ واري عورت هئي ان جا اهي ٻه مرد ۽ هڪ عورت ساٿي آهن. جا عورت روز ٽيڪسي ۾ گهمي گهٽي، عيشو عشرت واري زندگي گذاري ان لاءِ ڪجهه عرصي واري تڪليف ان جي عيشو عشرت واري زندگيءَ تي اثر ڪندي ...."

مون کي ڳالهه سمجهه ۾ ڪو نه آئي. مون چيو، "ڪمال آهي. ان ڳالهه جو ٽيڪسي ۾ گهمڻ گهٽڻ سان ڪهڙو واسطو؟"

ڊاڪٽر صاحب جا ڳالهه اڻ سڌيءَ طرح چوڻ ٿي چاهي

لڳي. ٻئي طرف نيرا جو ڊيڊي به صحتياب ٿيڻ لڳو. پريشاني ۽ ٽينشن جي جاءِ اطمينان ورتي.

نيرا مونکي چيو ته هاڻي ڊاڪٽر صاحب کي چئو ته ڊيڊيءَ کي گهر وٺي وڃڻ جي اجازت ڏين. ڇو جو وارڊ وارن جو چوڻ آهي ته جيستائين ڊاڪٽر صاحب نه چوندو تيستائين اجازت ڪو نه ڏيندا سين.

مون چيو، "ٺيڪ آهي سڀاڻي ڳالهه ڪندس."

ٻئي ڏهاڙي مان جڏهن ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ ويس ته ٻه عورتون ويٺيون هيون. عمر ڪا وڏي ڪانه هين. هڪ جي صحت ۽ چهرو چڱو ڀلو ۽ ٻيءَ جو چهرو مرجهايل. عجيب صورت پئي لڳيمس. اڃان ته ڪئي بد صورت عورتون ڏٺيون آهن پر انهن جي چهرن کي ڏسي ذهن ۾ ڪي ويچار پيا وري پسند ناپسند جو احساس ڪڏهن ڪونه ٿيو هو: پر - پر خبر نه آهي ڇو ان عورت کي ڏسڻ تي منهنجو ذهن بار بار ڪنهن سوچ ۾ غلطان ٿي پئي ويو. اهڙو ڇو پئي محسوس ڪريان ان فيصلي تي پهچي نه سگهيس. مون وچ واري ڪرسي والاري. اهي ٻئي عورتون منهنجي کاٻي ۽ ساڄي پاسي هيون ۽ ٻه مرد به ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ ويٺل هئا.

ڊاڪٽر صاحب Relax Mood ۾ کلي پڇيو، "ڪهڙي خبر چار آهي؟"

مون چيو، "پهرين اوهين هنن جي ڳالهه پوري ڪريو." ان وچ ۾ ڪمري ۾ هڪ ڊاڪٽرياڻي داخل ٿي. تنهنکي به ڪو ڪم هو. ڪوبه نه پيو ڳالهائي.

ان تي مون چيو، "شايد سڀني جي سامهون هرڪو ڳالهه نه ٿو ڪرڻ چاهي. انڪري اسين ٻاهر ٿا وڃون، توهين پوءِ هنن کان حال احوال پڇو."

ڊاڪٽرياڻيءَ به منهنجي ڳالهه تي حامي ڀري. اسين ٻئي

ڪمائيءَ کي ڏک لڳندو.

خبر نه آهي مون ۾ ڪٿان جرئت اچي وئي. شرم کي ترڪ ڪندي چيم، "توهين هنن کي ٻڌايو ها ته اُن آپريشن سان جان وڃڻ جو خطرو آهي."

ڊاڪٽر چيو، "تون پاڻ کي پڙهيل لکيل Social Worker ۽ آزاد خيال Media ۾ ڪم ڪندڙ عورت سڏائين ٿي. ٻئي طرف جهالت جون ڳالهيون ڪري رهي آهين ۽ وري Society girls لاءِ سهاڳ، منگل سوتر ۽ ور گهر ...."

اُن وچ ۾ دروازي تي ٺڪ ٺڪ ٿي، هڪ ڇوڪرو بزرگ مريض کي وٺي اندر داخل ٿيو. اسان جي ڳالهين جو سلسلو اُتي ئي ٽٽي ويو.

مان اجازت وٺي ڪمري کان ٻاهر نڪري آيس. منهنجي ذهن ۾ هزارين خيال ۽ دل ۾ تيز طوفان هو، ڊاڪٽر لاءِ من ۾ نفرت پيدا ٿي. هيءَ ڊاڪٽر هڪ تمام برائيءَ کي جنم ڏئي رهيو آهي. هڪ عورت کي ممتا جي موهه ۽ اولاد جي پيار ۽ ٻار کان وانجهي رهيو آهي. وري خيال آيو اگر هيءُ ڊاڪٽر نه ڪندو ته ٻيو ڪير ڪندو. هن عورت کي "ڏيڻ" ۾ ڌڪڻ لاءِ ڪير جوابدار آهي؟

اڄ مون کي وڏن قطارن ۽ ماڻهن جي ڀيڙ ڀاڙ کان نفرت ۽ گهٻراهٽ نه ٿي رهي هئي. وڏندڙ آدم جا آهي درشن ايترا خطرناڪ ۽ ڀوائتا نه لڳڻ لڳا. جيترو اُن عورت جو ٻُوجهه کان نجات حاصل ڪرائڻ وارو عمل جو اُن عورت کي ور گهر سيند ۾ سندور ۽ گلي ۾ منگل سوتر بدران گندگيءَ طرف ڌڪي "ڏيڻ" ۾ ڦاسائڻ .... هر رات نئين سيج سجائڻ جو سراپ .... جيڪو سراپ سماج ۾ آهستي هڪ ناسور جيان ڦهلجي رهيو آهي.

ٽهڪي ڇٽو ڪندي چيو، "اها عورت Society Girl آهي هن جا ساٿي نٿا چاهين ته ڪا هوءَ ماءُ بڻجي."

منهنجا ته اصل ڪن ئي ڳاڙها ٿي ويا. ڳل گرم ٿي ويا. پنهنجي طرفان ڪيل نالائقيءَ واري سوال تي شرمسار ٿيس. نوڪري ڪندڙ بُردبار خاتون جي حيثيت ۾ اخبارن ۾ سماجي مسئلن وارين خبرن پڙهڻ ۽ ان طرح جي غير اخلاقي قصن واري سچائيءَ کي خاموشيءَ سان تسليم ڪرڻو پيو. وڏي ڳالهه ته Social Worker طور پنهنجو تعارف ڪرائڻ ۽ جديد دور ۾ رهندڙ Media ۾ ڪم ڪندڙ سڄاڻي عورت جي حيثيت طور ان وقت ڳوٺاڻين عورتن جيان لڄاريءَ ۾ منهن ڍڪڻ يا شرم وچان پنهنجي هٿن سان چهرو لڪائي اکيون ٻوٽڻ، جهالت ۽ چريالپ لڳي ها. لڪري دل پڌي تنگ نظريي واري عورت جي ڪردار تي پڙدو وجهندي پاڻ کي پڙهيل لکيل سماج ۾ انقلاب آڻيندڙ، عورت جو فرضي نقاب چاڙهي همت ڪري چيو، "ڊاڪٽر صاحب اهڙين عورتن کي جيئڻ جو ڪو به حق نه آهي. نه ئي اهڙين جي مدد ڪرڻ گهرجي ۽ نه وري انهن تي رحم ڪرڻ جڳائي."

ڊاڪٽر چيو، "هن جي ساٿين جو مون تي لکين آهي. انڪري مون وٽ وٺي آيا هئا. جيئن مان هن کي سمجهايان ۽ ان بوجهه کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي."

مون يڪدم چيو، "ڊاڪٽر صاحب توهين هن کي چئو ها، اهو ناممڪن آهي."

منهنجي ناداني تي کلندي چيائين، "ناممڪن! اڄ ڪلهه اها رواجي ڳالهه آهي. هيءَ عورتون عيش عشرت جي زندگي گذارين ٿيون، انهن کان ٻار پلا ڪٿي سنڀاليا ويندا. وڏي ڳالهه ته ان عورت جو ملهه گهٽجندو. سندس ساٿين جي

ڀڄڪي انهن کان ڪنارو ڪن انهن سان جهڳڙو ن ـــ ڪن ڪسي گمنام خطن ۾ گاريون گڏ ڏيڻ ـــ ڇو، شريفن جو حال احوال بيان ڪرڻ ۽ انهن کي ليڪو ڏيکارڻ کان قلم ڪيٻائي ٿيو پر سمجهو سمجهيو ويٺن .

بس روز انهن يارن جو ميلو متل، اٿڻ - ويهڻ، کائڻ پيئڻ گڏ. ٻئي طرف نيڪ ٻندن جو جيئڻ اصل جنجال - پنج گروهه جا گڏجي، پر لڳي پنج پيارا ته گروهه جي ڪرپا ڪئي ته اصل پلجي ويا هئا. انهن جو ڏينهن ڌرم، ايمان صرف چيڻ چواڻ جو تعداد وڌائڻ. ٻين ڪسي ستائڻ جون حرڪتون ۽ حڪمت عملي ۾ مصروف رهندا هئا. انهن جي ساري دوستي ٽڪي. مرڻ جيئڻ جو ساٿ نڀائڻ واري دوستي. اهي پنهنجي رهبر جي رهبريءَ لاءِ وتندا هٿسا واجهه واجهائيندا. ٻئي طرف عزت دار پيا ڪنبون پاسا ڪندا هئا ته متان اسان جي عزت لاهين. اها چنڊال چوڪڙي شريفن جي ٽوپيءَ ۾ هٿ وجهڻ لاءِ وتندي هئي راهه ۽ واهه تلاش ڪندي. پر چوٽي آهي مالڪ جي در آهي، اندر نه آهي. "اڄ غريبان قهر خدائي".

اُن ڏهاڙي چنڊال چوڪڙي پنهنجي رهبر جي نئين اسڪيم تي عمل ڪرڻ لاءِ سٽ سٽڻ لڳي. اوچتو ئي اوچتو سڏ ٿيو. ڪنهن نه ٻڌو - پر اهو سڏ صرف رهبر ٻڌو. ڪنهن نه ڏٺو - ڪنهن نه محسوس ڪيو صرف رهبر ئي محسوس ڪيو. يارو ڪجهه محسوس ڪريان ٿيو - پر ٻين يارن وٽ ايلا فرصت ڪٿي جو رهبر جي ڳالهه کي سمجهن ۽ محسوس ڪن. اهي ته هڪ نئين سازش سٽڻ ۾ مصروف هئا. سي ته پنهنجن چال بازين کي عملي جامو پهرائڻ ۽ انهن اسڪيمن تي عمل ڪرڻ وارن ارادن تي عمل ڪرڻ لاءِ جتاءُ ٿيو ۾ پاڻي نڪري پيا. هڪ ٻئي کان موڪلائي ومندا رهيا. هوڏانهن رهبر کي ته ازغيبي سڏ ٿيو هو. هو ته

بهشت جي بهار

هو ٻئي ٻيگهه مٽ يار هئا. سندن دين ايمان صرف پئسو، نالو ناموس ۽ نالي جي ٻڪ هئي. جنهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪئي حرفتون ۽ حرڪتون ڪندا هئا. انهن ٻن ٻيگهه مٽ يارن جي دوستيءَ ۾ هڪ ٻئي ٽئين يار جو اضافو ٿيو. جيڪو ٻنهي سندن جٽيءَ ۾ پيو پائڻ پيو چاهي.

ڪنهن صحيح فرمايو آهي —

”ڪيا خوب جميگي جب مل ٻيٺينگي ديواني دو

هتي ته ٻيلي ٻن ڪسان وڏ يڪ هئا ...... گرما گرم بحث انهن جي وچ ۾ ٿيڻ لڳو. جڏهن گرما گرم بحث ٿيندو هجي ته، ان طرف توجه مرڪز ٿيڻ قدرتي ڳالهه آهي. انهن ساٿين ۾ هڪ ٻئي چنڊي شخص جو اضافو ٿيو. چوٽي آهي -

”چنڊ و چنڊي ڪسي سئؤ ڪوهن تان ڳولهي لهي.“

پوءِ ته آهي ڏاڍا مڙس نت نيون ٽڪيون، نوان گراهڪ ڦاسائڻ ۾ رڌل هوندا هئا. روز نوان هٿڪنڊا ...... ان ٽوليءَ ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. هڪ ٻه ٽي — نه — ۾ پورا پنج ”پنج گروهءَ جا گنج“ ٿيا. هڪ رهبر، ٻيو صلاحڪار، ٽيون هٿان هٿان جون خبرون چارون سڻائڻ ۾ رڌل، چوٿون نانڊي ٽوليءَ ڪرڻ وارو ۽ پنجون ها ۾ ها ملائڻ وارو - واه! واه!! واه!!! ڪرڻ وارو — بس ڳاءِ ڦونسا ڳاهه، روه ڦونسا - روه - ”هان تي هان نا تي نا“. انهن چارون طرف ها ها ڪار مچائي ڏني.

شرافت ۽ عزت دارن جي ٻيگهه ۾ هٿ - ڪن کي بهوس ۽ مجبور ڪري تابع ڪرڻ ته ڪن کي Blackmail ڪرڻ ۽

اڙي الله بي ! اسين ٻار جي آخري ديدار کان به محروم ٿي وياسين. ٻار کي ڪلهو ڏيڻ کان وانجهجي وياسين. ٻار جي وڇوڙي اصل هنن کي ٽوڙي ڇڏيو. هنن جو جيءُ جهوري ڇڏيو. رهبر ته لوڪ ڇڏي پرلوڪ ۾ ملائڪن کي پنهنجي ڪئي جا حساب ڪتاب ڏيئي رهيو هو. باقي — ٻچيل چار ٻار پنجي ويا. اصل نپيءَ ۾ پئجي ويا جو هو پنهنجي ٻار کي نــ ئي نئين چال بازيءَ واري اسڪيم جي منصوبا بنديءَ ۽ حڪمت عمليءَ پڙهائي سکيا، نه وري رهبر کـي مرنيو لوڪ ۾ ملائڪن جي ڏنڊن ۽ دوزق جي باهه کان بچائي ڏيئي سکيا.

پــر جن شرڻن جون لوڪ ۾ پڳون لاٿيون ويون هيون سي پرلوڪ ۾ سهڻيون شاهي پڳون ٻڌي دوزق جي باهه کان دوُر — بهشت جـي هندورن ۾ لڏي "بهشت جي بهار" جي ٽڪي هيٺ ماڻي رهيا هئا.

اُن اَڻڏٺي سڌ جي حڪم ۾ ٻڌو ٻانهو ٿي هلندو رهيو. هن جي حالت ڪاسائيءَ اڳيان بي زبان ٻڪريءَ جهڙي هئي. اڄ ڀلا رهبر اهڙو مجبور ۽ لاچار ڇو ٿيو هو. ڪير هو، ڪهڙن طرفان ڪيئن اهڙو زوردار سڏ ٿيو؟ اُن جي ڪنهن کي ڦلڪ ۾ ڪانه پئي پر هر ڪنهن کي پنهنجو ليکو چوکو حساب ڪتاب اڪيلي ئي ڏيڻي وقت ڏکيو پوندو آهي. وڏڙن جو پهاڪو آهي - "اُمڙ ڪانئي گلو لوڙهي هيڪلو."

هن جا ٻيگهه مٽ يار پنهنجن اسڪيمن کي لاڳو ڪرڻ ۾ اهڙا ته مصروف هئا جو ڪين خبر - چار ئي ڪان پئي. هو همشيه جيان پنهنجون رٿيل تجويزون کڻي پنهنجي اڏي طرف رواني ٿيڻ جي تيارين ۾ لڳي ويا. دل ئي دل ۾ ڏاڍا خوش ٿيا ته اُنهن جي سوچيل اسڪيمن کي لاڳو ڪرڻ واري گهڙي پهچي وئي آهي. هو رهبر جي هن فاني جهان مان ڪوچ ڪرڻ کان بي خبر هئا. جيئن ئي هو پنهنجي روز واري منزل طرف وک وڌائڻ لڳا - ته ڪن ڪيترن ماڻهن اها ڏکدائي خبر ٻڌائڻ چاهي ٿئي ته اوهان جو يار دلدار هن جهان مان ڪوچ ڪري ويو آهي. پر وري ڪين پيءَ سانت خيال آيو ته آهي ته ٻيگهه مٽ يار آهن. گڏ اٿن گڏ وهن. دنيا جهان جي ڪين ٻين کان وڌيڪ خبر چار آهي. ڀلا اُنهن کي اُن جي ئي رهبر جي لاڏاڻي جي گهڙي خبر ٻڌائين؟ وات ئي ڪين ڪيترن ڏنو.

خاموشي - ڪنارو - ڇهري ئي افسوس جا تاثرات - ڇو جو "خون ۽ ڪستوري ڪونه لڪي." ڀلا مالڪ جي سڏ واري خبر ڪيئن ٿي لڪي سگهي. ڌڻيءَ جي سڏ جو پڙاڏو ته آڪاش ۽ پاتال ۾ پهچي ويو. اُن الاهيءَ جي پڙاڏي جي گونج ٿي آهي گهٻرائجي ويا. ٻيگهه لاهيندڙن جا هٿ ڏڪڻ لڳا. يار جي وڇوڙي تي لڳا گونگا ٻوڙها ڳاڙهڻ. هاءِ هاءِ ڪرڻ لڳا.

هيءَ شعر انيل جي ڊائريءَ تي لکيو —

" دل جو دلبر هڪڙو گهڻا تان نه ڪجن
دل ٻه ڏجي هڪ کي ٽوڙي سؤ سگهن
سي ڇل ولا ڇڄن جي در در لائين دوستي."
(شاهه)

زبان سان ڪجهه به نه چوندي، روپا گهڻو ڪجهه چئي وئي. روپا ۽ انيل پنهنجي شاگردن کان موڪلائي، وري شام جو الوداعي پارٽيءَ ۾ ملڻ جو واعدو ڪري، هاسٽل ڏي روانا ٿي ويا. ٻئي ڏهاڙي سڀني کي هاسٽل جا ڪمرا خالي ڪرڻا هئا. انيل گهري سوچ ۾ ٻڏل هو ته اُن وقت سندس دوست ديپڪ، ڪمل ۽ راجيش اچي نڪتا. ديپڪ چيو، " Fare Well Party ۾ انيل جو اڄ ڪو ٻي چنڊيءَ سان انتظار ڪري رهيو آهي. ويچاري کي ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس ته پياريو."

راجيش کيس ڇيڙيندي چيو، " نه يار نه، پاڻي نه .... محبوبءَ کي جام جي ضرورت آهي. هٿن ۾ جام ۽ لبن تي صدا....

" ساقيا جام ڀري پيار، پيئڻ تي دل ٿي آ.
ڏس سڪائي ته نه ائين مار، جيئڻ تي دل ٿي آ."

سڀني جو ٽهڪڙو پئجي ويو. انيل خيالن جي دنيا مان نڪري دوستن سان گڏ ٽهڪن ۾ هم شريڪ ٿي ويو.

الوداعي پارٽيءَ ۾ اناؤنسمينٽ ڪندي راجيش چيو، " خواتين ۽ حضرات اڄ جي هن رنگين شام ۾ اوهان کي پنهنجي يادن جي سوغاتي مان اظهار ڪرڻ جي نيڊ ڏيون ٿا .... چاهي اوهين سريلا هجو يا بي سرا ...."

پورو هال ٽهڪن سان گونجي اٿيو.

ريکا جي ريکا

انيل امتحان جي نتيجي جو بيچينيءَ سان انتظار ڪري رهيو هو. آخر انتظار جون گهڙيون پوريون ٿيون. هو تمام سٺن نمبرن سان پاس ٿيو هو. انيل خوش به هو ته مايوس به. هڪ طرف نئين ماحول طرف وک وڌائڻ جي خوشي ته ٻئي طرف ڪاليج جي ساٿين کي الوداع ڪرڻ تي من اداس. انهن ته هڪ ڏينهن ڪاليج جي زندگيءَ کي الوداع ڪرڻو آهي. پر انيل کي ڪڏهن کان دور وڃڻ جي غم گهيري ورتو. هن جو من وياڪل ٿي ويو. پيءُ ساڻس دل کي آٿت ڏيندي چيائين، ”صرف ڪجهه ئي وقت جي ڳالهه آهي ۽ ...... ۽ پوءِ مان ۽ منهنجا خواب. منهنجون تمنائون ...... منهنجا ارمان ...... آرزو ......“

ڪاليج مان موڪلائڻ وقت ڪي شاگرد هڪ ٻئي کي ائڊريسون ڏيئي رهيا هئا، ڪي يادگار طور هڪ ٻئي جي ڊائريءَ تي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪري رهيا هئا. اتساهه، امنگ ۽ وڇوڙي جا ڏکيل سڏيل تاثرات لکي رهيا هئا. انيل پنهنجي ڊائري روپا اڳيان وڌائي، ٻئي طرف روپا پنهنجي ڊائري انيل طرف وڌائيندي چيو، ”پهرين تون ......“

انيل مسڪرائي ڊائريءَ تي شعر لکندي چيو، ”روپا لطيف سائينءَ جو هيءُ شعر منهنجي جذبن جي ترجماني آ ....“

ڪاتب لکن جيئن لائي لام الف سان
اسان سڄڻ تيئن رهيو آ روح ۾
(شاهه)

روپا مسڪرائيندي نظرون جهڪائيندي لطيف سائينءَ جو

پنهنجي پيٽ کي ڀرڻ پٺي اسان کي پڙهائين ٿا. اسان مٿان وڏيون جوابداريون آهن. اسين اگر انهن جون آشائون پوريون نه ڪنداسين ته انهن جي دل تي ڇا گذرندو."

سيٺي رڙيون ڪندي چيو "ماڻهن جو ڪهڙو به حال ٿئي في الحال ته اسان جو برو حال آهي. ماستر ٻاٽيون نه ڪڇن، نه ڪڇن ...."

ريکا ڪاوڙ وچان اسٽيج تان هيٺ لهندي چيو، "اوهين ڪجهه ڪين سگهندا ...."

اُن ڪان پوءِ ڪمل کي منچ تي سڏيو ويو. ڪمل چيو، "زندگي هڪ ناٽڪ آهي. اسين ڪڏهن ڪهڙي ڪردار ۾ اچون ٿا ته ڪڏهن ڪهڙي ڪردار ۾، ڪڏهن منچ تي ته ڪڏهن هال اندر درشڪ بڻجي داد ڏيون ٿا."

وچ ۾ ئي هڪ شرارتي شاگرد رڙ ڪندي چيو، "ڪڏهن سڙيل ٽماٽا سهڻا پون ٿا."

افسوس جي ڳالهه آهي ته اڄ اسان وٽ اهي موجود نه آهن. سيٺي دانهون ڪرڻ شروع ڪيون. اگر توهان اڄ نصيحتون ڏيڻ شروع ڪيون ته اڄ جي پارٽيءَ جو الله مالڪ.

راجيش چيو، "الله نه بلڪ اڄ اسين مالڪ آهيون. هاڻي اسين نئين ڏينداسين روپا کي. روپا اڄ توهان کي ترنم ۾ غزل ٻڌائيندي."

روپا حيراني وچان چيو، "مان ... مان ؟ ترنم ۾ ...."

سيٺي چيو - ها! ها !! ها !!! - ارشاد ! ارشاد !! ارشاد !!!"

نه نه ڪندي نيٺ روپا کي اُٿڻو پيو. هن ترنم ۾ غزل ڳائڻ شروع ڪيو.

خاموش .... خاموش .... خاموش .... ساڳيو مان اچان پنهنجو
علان پورو ڪرڻ ڪيو آهي. اسان جيڪو هتي وقت گذاريو
ن جون يادون، ڪن جي من ۾ وڇوڙي جو غم پيدا ڪنديون
برهه جي باهه ۾ ڳڙندڙ دلين جي دردناڪ دانهه."

ان تي هڪ چيو، "توهين روئي پوندا."

ٻئي شاگرد چيو، "اسين ڇو روئينداسين، روئندا اسان
ـا دشمن."

وري ٽئين شاگرد هونگهه ڪندي چيو، "عشق
ـي مرض ۾ مبتلا مريض کي مهرباني ڪري اسپتال
ماڻهو."

ڪمل وچ ۾ ٽپي ڪٽيندي چيو، "انهن کي گڏو بندر
وڪائيو وڃي."

ٻئي چيو، "گڏو بندر وڃڻ لاءِ پاسپورٽ کپندو ......
نڪري آگري اماڻيو وڃي آگري ...."

پوري هال ۾ وري ٽهڪڙو پئجي ويو. شور - شرابو ....
ڪ سڀني کي خاموش ڪرائيندي چيو، "هينئر اسين پروگرام
جي سلسلي کي اڳتي وڌائيون ٿا پهرين ليڊيز ....

ان تي هڪ شرارتي شاگرد چيو، "جا ليڊيز کي روئڻ جي
پهرين واري ڏني ويندي ...."

اناؤنسمينٽ ٿي، "سڀ کان پهرين ريکا کي نينڊ ڏيئي
رهيا آهيون."

ريکا اسٽيج تي ايندي چيو، "مان وڌيڪ ڪجهه ڪين
چوندس. صرف توهان کي اهو ياد ڏياريندس ته اسان جا مائٽ

ر هنن طوفان جاري هئا. اڄ انيل گهوڙن سان گهائل الجهيل
ل ڪري مٿان ڪجهه هٽي هاسٽل ۾ وساري ڇڏيائين. ڪمل
ڪ ڏيندي چيو، "اڙي ها! ويچاري روپا". روپا جي نالي
ي انيل ماضيءَ ۾ ڪونجي ويو. جڏهن هن جي پهرين پهرين
روپا سان ملاقات ٿي هئي.

"مئڊم، پرنسپال صاحب جو ڪمرو ڪٿي آهي."

انيل جي ان سوال تي روپا وراڻيو، "جناب پهرين توهين کاٻي ويندا پوءِ ساڄي ۽ پوءِ نڪ جي سڌ ۾ هليا ويندا. بس! پرنسپال صاحب جي ڪمري تائين توهين پهچي ويندا."

جڏهن انيل اُتي پهتو ته اهو Ladies Room هو. هن جي پهچڻ تي روپا ۽ سندس ساهيڙي ريکا ۽ ٻين ڇوڪرين جو کلڪو پئجي ويو. انيل کي اها ملاقات ياد هئي. روپا شوخ ۽ چنچل ته ريکا سنجيده روپا جي ڪاليج ۾ پهچڻ تي ٿوري عرصي جي لهر چانجي ويندي هئي، فاصلا سڪڙجي ويا. انيل ۽ روپا هڪ ٻئي جي قريب ايندا ويا.

هاسٽل جي ڪمري ۾ ٿوري عرصي لڳڻ جي باوجود هن جو دم گهٽجي رهيو هو. هن جا ارمان دل ۾ ئي رهجي ويا. موڪلائڻ وقت روپا اڳيان هو اظهار به نه ڪري سگهيو. هو ٻنهي جي هٿ جي ريکائن طرف نهارڻ لڳو. هن کي ور ور ڪري ماضيءَ جون ڳالهيون ياد پوڻ لڳيون. اکين ۾ اهو ماضيءَ جي تصوير تري آئيس.

"روپا ساهڙن جيڪو جوتشي ويٺو آهي هل ته اُن کي پنهنجو هٿ ڏيکاريون."

روپا چيو، "نه بابا نه .... مان نه ڏيکاريندس .... خبر نه آهي الائي ڇا جو ڇا چوي؟"

ڪڏهن هن سان اهڙي ملاقات ٿيندي
زبان بند هوندي مگر بات ٿيندي
ڪيم ضبط آهون ته پيا لڙڪ ڇلڪي
هوا بند هوندي ته برسات ٿيندي
محبت جي پنڌن ۾ ڇا سوچڻو آ
ڪٿي ڏينهن ڪٽبو ڪٿي رات ٿيندي
ڪڏهن ....
جتي سايو تنهنجي نگاهن جو ملندو
نظر ڪان اُتي بس نظر مات ٿيندي
ڪڏهن .... (لڇمڻ ڪومل)

چارو طرف واهه! واهه!! ٿي وئي. الڳ الڳ رمارڪس چڻ لڳيون. روپا شرمائيندي هٿن سان چهرو لڪائيندي اسٽيج ان هيٺ لٿي. هاڻي واري هئي انيل جي؛ انيل پنهنجي خصوص انداز ۾ غزل پيش ڪيو.

گهڻو ئي پنهنجي دل رکي مون ٻچائي
مگر ڪنهن جي گهورن ڇڏيو نيٺ گهائي
(چندر)

هرڪو هڪ ٻئي کان موڪلائي رهيو هو. انيل اڃان روپا ي کجهه چوڻ لاءِ اڳتي وڌيو ته روپا اُتان نڪري چڪي هئي. هن کي تار ملي ته سندس چاچو گذاري ويو آهي. انيل جي دل جون ڳالهيون دل ۾ ئي رهجي ويون.

انيل جي اها رات بي آراميءَ ۾ گذري. جڏهن دريءَ کان صبح جي سج جون ڪرڻون سندس چهري تي پوڻ لڳيون، انيل صبح جي لاليءَ طرف نهاريندي سگريٽ جا ڊگها ڪش پوڻ لڳو. سگريٽ جي دونهين مان روپا جو چهرو سج مان ڦٽندي ڪرندڙ لالائڻ جي سنهري ڪرڻن جيان الڳ الڳ وچوئين مان هن جي اکين جي آڏو اڀرڻ لڳو. اوچتو چانهه جي پيالي جي آواز تي انيل جي خيالن جو سلسلو ٽٽو. هڪ طرف ڊيپک؛ ڪمل سامان پئڪ ڪري رهيا هئا ته ٻئي طرف انيل تي مزاقي

وهان سيٺيءَ کي مانيءَ تي ڪوٺيو آهي." ٻنهي سيٺيءَ تہ پنهنجي پنهنجي مجبوري ظاهر ڪئي ۽ انيل کي چيو تہ هو هليو وڃي. جو ٻنهي سيٺيءَ جي ٽرين منجهند جو وڃي رهي هئي ۽ انيل جي رات جي ٽرين هئي. هن وٽ ڪافي وقت بہ هو ۽ سيٺيءَ صلاح ڏنس تہ ريکا جي ماءُ رب جي ڪوٺ ڏني آهي اُن جو چورڻ نہ موٽائي. انيل گھڻي آناڪاني ڪئي پر هن دوستن جي اِيمان هڪ نہ هلي ۽ ڪنس صلاح ڏني تہ ريکا وٽ ڪتابن جي سٺي Collection بہ آهي اُها بہ ڏسي وٺن. ائين تہ ريکا پنهنجي ڪتابن کي ڪنهن کي بہ هٿ لائڻ نہ ڏيندي آهي، پر انيل اڄ توکي طفعي طور ريکا ڪجھہ ڪتاب ضرور ڏيندي. ريکا مسڪرائي حامي ڀري. هو ڪو پنهنجي منزل طرف روانو ٿيو، پر انيل پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيڻ کان اڳ وقت ڪاٽڻ لاءِ ريکا جي ماءُ سان ملڻ هليو ويو.

ريکا جي ماءُ چيو، "پٽ تنهنجو ڌنڌو ڇا ڪندو آهي؟"

هن ورائيو، "نوڪري ڪندا آهن."

"۽ ماءُ؟"

"اُمان گھر جي ڪم ڪار ۾ ئي مصروف رهندي آهي."

ڀلا پڙهيل آهي؟

"نہ، اُمڙ پڙهيل لکيل ڪانہ آهي پر ڳڙهيل ضرور آهي"

اُن تي ريکا جي ماءُ چيو، "پٽ تون ڀاڳن وارو آهين، جو اهڙي ماءُ اٿيئي. توکي تہ خبر آهي تہ منهنجي ريکا سڪيلڌي ڌيءَ آهي. نہ ڪنهن جي هٿيئن ۾ نہ ڪنئين ۾. اگر تو جهڙو پڙهيل لکيل سٺي خاندان وارو ڇوڪرو ريکا کي پنهنجي زندگيءَ جو همسفر بڻائي تہ مون لاءِ اِها خوش نصيبي رهندي.

انيل پنھنجو ھٿ جوتشيءَ طرف وڌايو. جوتشي وراڻيو، "تون تہ ڀاڳن وارو آھين."

انيل مسڪرائي ڪري روپا طرف نھاريندي چيو، "سچ مھراج .... بابا مونکي اھو ٻڌائيندا تہ منھنجي من جون مرادون پوريون ٿينديون."

جوتشيءَ چيو، "ھا" ان وچ ۾ ڪارا ڪڪر رم ڪري چانئجڻ لڳا. جوتشيءَ روپا طرف نھاريندي چيو، "ڪنيا تون پنھنجو ھٿ ڏيکار."

ان تي انيل چيو، "مھراج ھاڻي ڪنيا جي ھٿ جون ريکائون ڏسڻ جي ضرورت نہ آھي."

ان وچ ۾ مينھن جا وڏا وڏا ڦڙا وسڻ شروع ٿي ويا. انيل روپا کي ٻانھن کان جھلي مينھن کان بچڻ لاءِ پناھ جي تلاش ڪرڻ لڳو. پر ھو ٻئي ڀڄي چڪا ھئا.

انيل چيو، "روپا اندر ديوتا مينھن جا وسڪارا ڪري زندگيءَ ڀر جي ملاپ جي آشيرواد ڏني آھي." انوٽ بندن.... وڻ ٽڻ مستيءَ ۾ ھوا جي زور تي جھومي رھيا ھئا. پاڻيءَ جا قطرا روپا جي چھري تي ماڪ جا ڦڙا ٻڌجي موتين جيان چمڪڻ لڳا. بادلن جي گڙگڙاھٽ .... وچ جي چمڪاٽ .... پڳل سرد لباس .... گرم جذبا .... انيل ۽ روپا .... انيل روپا جي ٻانھن جھلي سندس ھٿ جي ريکائن تي پنھنجا چپ رکي ڇڏيا ....

دروازي تي دستڪ ڪري انيل جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو. ھن سوچيو مھينو ڏيڍ اڪ چپ ۾ گذري ويندو. دھلي وڃي امڙ سان ڳالھ ڪندس. ديپڪ اٿي دروازو کوليو. ھن جي سامھون ريکا بيٺي ھئي. ريکا چيو، "منھنجي ميءَ

جو پلاند ڪئين ۾ اڙجي ويو. لڪيو لوها ڪوٺ پيڇي. مجبور بي وس روپا پنهنجي چاچي جي احسان ۽ وقت ۽ حالتن جي ڪري صدقي جي ڪري بڻي. هوءَ ڪنهن اڻ ڄاڻ شخص سان لانون لهي سمت سمنڊ پار زندگي ڀر جي سزا ڀوڳڻ لاءِ رواني ٿي وئي.

جڏهن انيل کي روپا جي شاديءَ جي خبر پئي ته هو زندگيءَ کان مايوس ٿي ويو. انيل حالتن ۽ وقت جي چڪر جي گهاڻي ۾ پيسجي ويو.

وڌاتا پنهنجي قلم ذريعي انيل کي رهڪا سان زندگيءَ جي سفر طئه ڪرڻ جي فتوا ڏني ۽ روپا کي رڃ ۾ ڀٽڪڻ جي سزا.

انيل جا قدم زندگيءَ جي سفر ۾ ڏگمگائڻ لڳا. هو صحرا ۾ ڀٽڪندڙ تنها مسافر وانگر هو. انيل رهڪا سان نه پيار ڪندو هو نه نفرت. هن جو من ڇڙواڳ گهوڙي جيان ڊوڙڻ ۽ ڀٽڪڻ لڳو. ٻئي طرف روپا ايڏي وڏي جهان ۾ تنڪي مثل هوا جي جهونڪن سان اتر کان ڏکڻ، اوڀر کان اولهه ڀٽڪندي رهي. هوڏانهن انيل جي ماءُ پنهنجي پٽ کي اداس ڏسي پريشان ٿي وئي. هوءَ هر گهڙي پنهنجي پٽ کان اداسيءَ جو ڪارڻ پڇڻ لڳي.

انيل ماءُ کي هميشه چوندو هو ممي مونکي تنهن جي ممتا جيئڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي.

هن جي ماءُ هڪ ڏهاڙي پيار مان چيو، ”انيل مان چاهيان ٿي ته تون زندگيءَ کي ماڻ نه ڪي زندگي توکي ماڻي؟“

اُن تي انيل چيو، ”ممي زندگيءَ کي وقت جي وهڪري ۾ وهڻ ڏيو ... ڏسان ڪٿي ٿي وڃي هٿ هيٺ ڪري ......“

انيل کي ته ان ڳالهه جو خواب خيال ئي نه هو. هن کي جهٽڪو لڳو پاڻ سنڀالي هن چيو، "مون اڃان ان باري ۾ سوچيو ئي ڪونهي." ان وچ ۾ رينڪا چانهه پاٽي کڻي آئي. رينڪا ۽ ان جي ماءُ کان انيل موڪلائي اتان روانو ٿيو.

اڃان مهينو به ڪين گذريو هو ته رينڪا جي ماءُ اچي سندس گهر ٽڪاءُ ڪيو ۽ انيل جي ماءُ سان ڳالهه ڪيائين.

هن جي ماءُ چيو، "پر انيل ته مون سان ڪا اهڙي ڳالهه ڪانه ڪئي هئي. منهنجو پٽ ڏاڍو لڄارو آهي پر توهين ڪهڙي آيا آهيو. مونکي ڪجهه وقت جي مهلت ڏيو. مان توهان کي سوچي ڪري ٻڌائيندس."

رينڪا جي ماءُ جي وڃڻ کان پوءِ انيل جي ماءُ هن کان جڏهن پڇيو ته انيل وراڻيو، "مميءَ منهنجي من ۾ رينڪا لاءِ اهڙيون ڀاونائون ڪونه آهن. مونکي ته اول پنهنجي Career جو فڪر آهي."

هڪ طرف انيل کي پنهنجي Career جو خيال ته ٻئي طرف روپا جو انتظار ...... چوٽي آهي وقت بادشاهه آهي. ٻنهي جي من ۾ هڪڙي ته مالڪ جي من ۾ ٻي. ڪن جون جهوليون خوشين سان ڀري ڇڏي ته ڪن کي مايوسيءَ جا مٺا عطا ڪري. رينڪا جي ماءُ اهڙي ته شبھ گهڙيءَ ۾ پنهنجي ڌيءَ جي زندگيءَ جي سفر جي ساٿي چونڊڻ جا لفظ زبان مان ڪڍيا جو انهن مبارڪ گهڙين ۾ وڌاتا رينڪا جي جنم ڪنڊليءَ ۾ اڻ لکيو لکيو ڪري ڇڏيو. هن جي سڌارن سان سينڌ ۾ پيلا نڊ ڏلن سان ڀري ڇڏيو.

ٻئي طرف انيل ۽ روپا کي قسمت وڇوڙي جي زد ۾ آڻي ڇڏيو. زندگي جي خواهش ۽ ٻنهي کي هميشه هميشه لاءِ لتاڙي ڇڏيو. بي رحم وقت روپا جي ماءُ به کسي ورتي. روپا

Sindhis' Cultural bonds

TITLE : *Kuchan-tan-Kafir. If I speak out I am considered Infidal*
AUTHOR : *VEENA SHRINGI*
PUBLISHER : *Promila Publications, New Delhi.*
Pages 205 — Rs. 55/-

VEENA SHRINGI is a senior translator in AIR's Sindhi Unit. She is a versatile writer and has published seven books. One of which even bagged an award of the Ministry of Education. She also has to her credit three international conferences on Shah Abdul Latif held in the Eighties.

This lucid and well-written travelogue, delves deep into the history and socio-cultural traits of the Sindhi community which is now bifurcated into those who live in Pakistan and those living in India. Veena is an interpid traveller and is a staunch advocate of amity and friendship between the two countries. In 1989 she travelled through Pakistan's Sind Province and found a huge fund of goodwill and warmth for the people of this country. The present book is the outcome of this visit.

The book under review is a collection of various an cedotes and recounts her travels. It reassesses the Sindhi family life, their educational pattern and the community's social habits. She vividly describe for example the socio political outlook as seen at a gathering in a government high school in Shadhadkot which provides a unique blend of training combinating the talents of the head, heart and hand. The students learn and earn. In the city, Indian films are trade. This the writer feels, will also strengthen the cultural bonds between the two peoples.

Murad Ali Shah the then minister in the Sind Government, who also favoured greater cultural exchange between the two countries.

انيل جيڪو هميشه خوش رهندو هو ان جي خوشگوار جذبن کي ريکا جي سنجيده نگاهن ۽ ڳالهه ڳالهه تي هن طوفان Displine جي دهائيءَ .... هن جي خوشين کي گرهڻ جي ڇاپا وانگر گهيري ورتو. هوءَ عورت جذبات ۽ احساس کان محروم هڏ ماس جو پتلو هئي.

ٻئي طرف انيل کي ادب فن، تخليق ۽ ڪلا ۾ دلچسپي هئي. انيل جڏهن پيءُ بڻيو ته هن مجبورنا اولاد جي خوشيءَ خاطر پاڻ کي حالتن سان ٺهڪائڻ شروع ڪيو.

اڄ جڏهن انيل آفيس مان دير سان موٽيو ته هن جي نگاهه هڪ ڪاري ڪڪر تي پئي. ان بادلن جي هڪ ٻئي جي قريب اچي ٽڪرائجڻ سان بوندن جا وسڪارا ٿيا. ٿڌي هير جي آمد .... لماڻا نيڻ .... پياسا گل .... محبت جي ديوتا ڪيوپد جي مهر ڪان وانجهيل .... انيل کي ڪاليج جو اهو ڏهاڙو ياد اچي ويو جڏهن اندر ديوتا مينهن جا وسڪارا روپا ۽ هن مٿان ڪيا هئا. روپا جا جهڪيل نيڻ زلفن مان ڇهري ٽي ڪرندڙ مينهن جا ماڪ ڦڙا ۽ جوڀشي جي آڳ ڪٿي .... ٽهڪجي من جون مرادون پوريون ٿينديون، تون ڀاڳن وارو آهين، اُن وقت اها اندر ديوتا جي مهر نه پرڪوپ هو .... روپا سان حسد .... جنهن انيل ۽ روپا جي همت جي لڪيرن کي پاڻيءَ جي سيلاب ۾ وهائي ڇڏيو. وڏاڻا روپا جي ريکا ميٽي ريکا جي ريکا ڇڪي ڇڏي.

———

The book is well-illustrated with photographs, bringing out ultural dimensions of life in Sind. The travelogue makes an esting reading both for academicians as well as common e It also speaks volumes when it comes to the spread of ledge about Culture which brings out some liltle known facts. example the word Hind (India) got its name from a derivative nd and the Indian civilisation traces its origin from Mohan aro civilisation. This and many more little known facts out from the Sindhi people and their culture. All these s bring as once again to the author and this book.

National Herald, New Delhi
Sunday, 8 May 1994



Veena Shringi

A poetess, writer, senior broadcaster and dedicated social worker has to her credit many other academic and cultural achievem She is also a member of the Sindhi Academy Delhi.

She has so far authored eight books in Sindhi language.

Her first book **"Kian Visariyan Verichen"** *was an instant suc It won her award from Education Ministry. This book later on included in exibition of Indian Book Fair at Moscow and at other pl*

Her works have been published in various journals, magazines periodicals not only in Sindhi but in English, Hindi and Urdu She has also attended **International Sachal** *Congress at Karachi has widely travelled in different parts of world and actively particip in many cultural events at Washington, New York, Miami, Car London and Spain.*

As a General Secretary of **"Maruee"** *[A social, cultural and lite organisation of Sindhi Women] Veena has very successfully condu many national and International Seminars.*